سامي ۽ جا چونڊ سلوڪ

(معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان)

اصل گڏ ڪيل:

سر ڳواسي

راءِ بهادر ڪؤڙومل چند نمل

چونڊيل ۽ لکيل:

شري واڌومل مولچند

دفعو ٽيون] **قيمت ۰-۸-۱** [جلد ۱۲۵۰

۱۹۵۳ع

ڇپائيندڙ:

ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل

سول ايجنٽس:

هندستان ڪتاب گهر

۱۳، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-۱.

Printed & published on behalf of Kauromal Sindhi Sahity
Mansing Chuhermal at Navrashtra Press, 23, Hamam St.,


PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. 222
BOMBAY

سامي ۽ جا چونڊ سلوڪ

(معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان)

اصل گڏ ڪيل:

سر ڳواسي

راءِ بهادر ڪؤڙومل چند نمل

چونڊيل ۽ لکيل:

شري واڌومل مولچند

دفعو ٽيون] **قيمت ٠-٨-١** [جلد ١٢٥٠

١٩٥٣ع

ڇپائيندڙ:

ڪؤڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل

سول ايجنٽس:

هندستان ڪتاب گهر

١٣، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١.

پنوڙي

[۱]

مضمون :- صفحو

چپائيندڙ جا نوٽ ۱
سامي‌ءَ جي سلوڪن جو تاتپرج (رشي ڏيارام گدومل) ۳
سامي‌ءَ جو جيون چرتر (پروفيسر جيٺمل پرسرام) ۹
سامي صاحب جا سلوڪ (پروفيسر ڪلياڻ بي- آڏواڻي) ۱۶
پومڪا (شري واڌو مل مولچند) ۳۸
پرميشر جي پراپتي‌ءَ جون پوڙيون " ۴۴

[۲]

سامي‌ءَ جا چوند سلوڪ

پرماتما سروُ ويا پڪ ۲
ستگر ۸
مورکھ ۱۴
اوديا ۲۰
مايا ۲۶
جگيت ناسونت ۳۲
گرمکھ ۳۸
مانکھ ديھھ ۴۴

مضمون :-

صفح

ساڈ سنگت ۽ ست سنگ	۵۰
سنتن جي ست سنگ جو ڦل	۵۶
ساڈو جن جا گڻ	۶۲
سنتن جا گڻ	۶۸
هرجن جا گڻ	۷۴
ويساسي ۽ جگياسي	۷۶
سيوا ۽ سيوک	۸۰
گرگم	۸۴
سهاڳڻ	۸۶
اندر جي صفائي يا پوترتا	۹۰
من ۽ منن	۹۲
من مارڻ يا جيتڻ	۹۴
هت هارڻ	۹۶
ايمان يا خودي	۹۸
کوڙ	۱۰۰
سچ ۽ سچيار پرک	۱۰۲
پڙهڻ	۱۰۶
رهت	۱۰۸
سک	۱۱۰
محبت	۱۱۴
پريم	۱۱۶

مضمون :-	صفح
عشق	۱۲۰
پريمي	۱۲۲
محبتي	۱۲۴
عاشق	۱۲۸
پگتي ۽ پگت	۱۳۲
گيان	۱۳۴
گياني	۱۳۶
سنياسي	۱۳۸
آتما	۱۴۰
جوت	۱۴۲
انهد شبد	۱۴۴
آتما جو آنند	۱۴۶
اندر جو گجهه نه سلڻ	۱۴۸
ڏکين لفظن جي معنيٰ	۱۵۰

پلنامو

[۱]

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۱۲	۷	تنهن گهر	تنهن ۾ گهر
۱۵	۱۷	وڃاي	وڃائي
۱۸	۲۳	الوپ	انوپ
۲۲	۱۸	الوپ	انوپ
۲۸	۱۲	تر قندا	تڙ قندا
۳۸	۱	توري	توڙي
۴۰	۲۳	بولي ء	بوليءَ
۴۸	۱۶	سنکندر	سکندر
۵۰	۹	سو	سي
۵۳	۵	اَسکي	اُسکي
۵۶	۲۱	ديوندي	ديوندي

[۲]

ساهي ءَ جا چوند سلوڪ

۵	۱۲	خالي	خالق
۱۷	۱۸	هرڏي	هردي
۳۴	۸	وپ	روپ
۳۴	۲۱	بت	ثابت

صفحہ	سطر	غلط	صحیح
۷۳	۷	ڈسن	ڈسن
۸۷	۱۳	ڈسین	ڈسي
۹۴	۱۳	ایکا	ایکتا
۱۰۷	۴	سمجھي	سمجھن
۱۱۶	۱۶	پوري رکي،	پوري، رکي
۱۴۱	۱۷	غضي	غصي
۱۵۰	کالم۱- ۲	پرتبنب	پرتبنب
۱۵۳	کالم۱- ۱۵	اَگو	اَوگو
۱۵۵	کالم۱- ۱۵	آڈ	آڈ
״	کالم۲- ۲۰	سڈارڻ:	سڈارڻ-
۱۵۶	״ ۲- ۲۲	پسڑیو	پسریو
۱۶۵	״ ۱- ۱۷	گڈ	کڈ

چپائيندڙ جو نوٽ

سامي‌ءَ جا سلوڪ ، شروع ۾ سرڪواسي ديوان ڪوڙيمل گڏ ڪري ، ٽن پاڻن ۾ چپايا هئا ؛ سي ڪيتري وقت کان ڪپي ويل آهن. عام پائرن توڙي ڪالبج جي وديارٿين جي ، انهن ڪتابن لاءِ گهر ٿيڻ لڳي. اهي گهرون پوريون ڪرڻ لاءِ ، ڪوڙيمل منڊل جي بانيڪارن خيال ڪيو ته سامي‌ءَ جا سلوڪ ڇڻي‌ءَ طرح سوڊي ، جدا جدا مضمونن تي، رڃائتي نمولي ۾ نئين روپ ۾ چپائجن ۽ ان سان گڏ ڪجهه سمجهاڻي به ڏيڻ گهرجي، انهي‌ءَ لاءِ ته سامي‌ءَ جي سلوڪن لاءِ پڙهندڙن ۾ چاه وڌي ۽ سامي‌ءَ جو روحاني خزانو عام جي اڳيان پڌرو ٿئي ۽ اُهي اِهو خزانو پائي آنند ۽ شانتي پراپت ڪري سگهن. انهن مرادن پورين ڪرڻ لاءِ منڊل اهو بار، سرڪواسي مسٽر واڌومل مولچند تي رکيو. هن صاحب اهو ڪم پر اُپڪار ۽ عام پلي جو ڄاڻي، خوشي‌ءَ سان پاڻ تي هموار ڪري گهڻي محنت سان پورو ڪيو. سلوڪن جي چونڊ ۾ سرڪواسي ديوان وسڻ‌مل پنجومل گدواڻي‌ءَ پڻ مدد ڪئي.

سرڪواسي راج رشي ڏيارام گدومل جو تاپرج سامي‌ءَ جي سلوڪن جو پهرئين ڇاپي ۾ وڏل هو جو وري هن ڇاپي ۾ به درج ڪجي ٿو.

اسانجي پياري مٽر سرڳواسي پروفيسر ڄيٺمل پرسرام پڻ هن پستڪ لاءِ سامي جو جيون چرتر لکي ڏنو آهي. پروفيسر ڪلياڻ بي. آڏواڻيءَ سامي صاحب جي سلوڪن تي ڪاليجي وديارٿين جي نقط نظر کان، ٻولي، تشبيهن وغيره بنسبت سمجهاڻي لکي ڏني آهي. تن هن پستڪ کي وڌيڪ سندر ۽ ڪارائتو بڻايو آهي. منڊل مٿين سڀني صاحبن جو گهڻي قدر شڪرگذار آهي.

هن پستڪ جا ٻه ڇاپا ٿوري وقت اندر کپي ويا آهن. اهو ڏيکاري، ٿو ته عام ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ هي ڪتاب گهڻي قدر قبول پيو آهي. هي ٽيون ڇاپو عام جي اڳيان پيش ڪندي اسين سڀني تعليمي سنسٿائن جي بانيڪارن کي وينتي ڪنداسون هي سندر پستڪ سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ درسي طور رکي، ساميءَ جي سلوڪن جي ٻاڻيءَ جو ڦهلاءُ ڪندا رهندا.

ٽئين ڇاپي جي سول ايجنسي هندستان ڪتاب گهر، بمبئي، کي ڏني ويئي آهي.

شيوا ۾

هري سندر روپچند

سيڪريٽري

ڪؤڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، حيدرآباد (سنڌ).

ساميءَ جي سلوڪن جو تاتپرج

هن جهان ۾ اسانجا ٥ پنج دشمن آهن، جن جهڙا ٻلوان دشمن ٻيا ڪي ڪينهن. سندن نالا مشهور آهن؛ پر سندن نشان ڪن ٿورن کي معلوم آهن. ڪو آدمي ڪونهي جو اُنهنکي ظاهرا ڦٽ لعنت نٿو ڪري؛ پر ڪو ورلي آهي جو اُنهن مان هڪڙي نه ٻئي کي اندر ۾ نٿو سانڍي. انهن دشمنن سان اڪثر جيترو اسانجو پيار آهي تيترو پنهنجن ٻارن ٻچن سان ڪونهي. پر تڏهين به جيڪڏهين اسان کان ڪو پڇي ته اهي توهانجا دشمن آهن يا نه؟ ته جيڪر ڪڏهن ڪين چئون نه. انهن دشمنن بابت ڄاڻ به اٿئون پر تڏهن به اڄاڻ آهيون. اُنهن کي نڪي سپاه آهي نڪي توبخانه، پر تڏهن به حاڪمن کان هو وڌيڪ محڪم آهن ۽ حاڪم خود سندن محڪوُم آهن. اهي آهن دشمن، جنکي مات ڪرڻ لاءِ شرتيون ۽ سمرتيون، قرآن ۽ اِنجيل سڀ پرگهٽ ٿيا. وياس ۽ والميڪي، ٻڌ ۽ زردشت،

موسيٰ ۽ عيسيٰ ، ڪانفيوشش ۽ حضرت محمد پيغمبر ۽ ڪويسر اِنهن دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ جاڳيا. پر دشمن اَڄ ڏينهن تائين اسان تي غالب آهن. اُهي نه رڳو اسانجن هردن ۾ پاٿاري پائي ويٺا آهن ، پر اسانجي سڄڻن ۽ اسانجي ديوتائن جون شڪليون وٺي سڀ شيوا ۽ پُوڄا پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺن. اِنهن پريتن کي ڪڍڻ لاءِ ڪيترائي منتر پيا آهن ، پر انهن دشمنن سان اسانجي اهڙي پريت لڳي ويئي آهي جو منتر ساڌڻ جو ڪو به پڪو په اسان کان بلڪل نٿو اُڄهي. مانڪ ديه جو مطلب هاڻي آهي اُنهن دشمنن جي غلامي ۽ نه جئن سامي چوي ٿو: ڪال ڪاٽي اڪال ٿيڻ. ڪال ته تندرستيءَ ۾ اسانجي خواب خيال به ڪونهي ۽ فقط جڏهين ڪا وڏي آفت يا پيڙا اسانتي پوي ٿي، تڏهين دشمنن جي دشمنيءَ جي ڪا اسانکي ڪل پوي ٿي. اهڙي وقت ڪام جو نشو لهيو وڃي ؛ اهڙي وقت ڪروڌ جي قهري وک گهٽجيو پوي ، اهڙي وقت لوڀ ماکيءَ جهڙو منو ڏسڻ نٿو اچي. اهڙي وقت سنسار جي موه جي اورٿائي پروڙجي ٿي ۽ اهڙي وقت اهنڪار جي اونده جا پردا ڪريو پون. اهڙي وقت اِهي پنج ڀوت اسانجا سچا ويري نڪري نروار ٿين ٿا ۽ اهڙي وقت ڀڳوان جو نالو اسانجي زبان تي اچي ٿو ۽ ستگروءَ جي محتاجي ٿئي ٿي. اهڙو روڳ ئي ڀلو جنهنڪ اسانجو سچو حبيب قريب ٿئي؛ اُها تندرستي ئي گهوري جنهنڪ

هو دور رهي. اهڙو روگ در حقيقت مرض آهي ۽ اِنهيءَ مرض جي دوا سامي‌ءَ جي چوڻ موجب ساڌ سنگت آهي ۽ ساڌ سنگت جي معنيٰ آهي نہ اُنهنجي سنگت، جي پاڻڪي ساڌ سڏائين يا پنج پڌسا پنن، پر اُنهنجي، جنکي ست ڪرم، سيل، سنتوک، نرويرتا، شيوا، دياءِ ڌرم آهي. ساڌو اُهي آهن جي پاڻي ۾ پنا رهن، جي جڳت کي جوت سمجهي ڪايا ۽ مايا جي موهِ غلطان نہ رهن ۽ جي ڪلپت کي ڪٽي سنگسار ڪري ڇڏين. ساڌو اُهي آهن جنهي من ۾ رمتا رام سدائين وسيئي وسي، جنکي نوش ۽ نيش، نشيب ۽ فراز، رنج ۽ راحت سپ سمان آهن ۽ جي سروپ تان ائين قربان آهن جئن چڪور چند تان ۽ پتنگ روشنائي‌ءَ تان.

ذات پرج هي آهي تہ ساڌو اُهي جنهو ڏن آتم ڏن ۽ جنهو گيان آتم گيان آهي. کوبہ انڪار نہ ڪندو تہ اهوئي ڏن اُتم آهي، اهوئي گيان اُتم آهي.

پر دشمنن کي ناس ڪرڻ هڪڙي ڳالهہ آهي، دوست هٿ ڪرڻ بي. ساڌ سنگت ڪرڻ هڪڙي ڳالهہ آهي، ساڌو ٿيڻ بي. ساڌ سنگت ڪري من جا پوت ڪيڏي سگهجن ٿا، پر ساڌو ٿيڻ کان سواءِ سائين نٿو ملي. کي ائين پيا سمجهن تہ ساڌو اُهي آهن جن جهان کي ڇڏي فقيري‌ءَ جي جهولي پاتي آهي. پر جهان جي ڪڏن کوبن، چکن ۽ ترڪٽين جي جنهنکي آزمائش نہ هوندي، تنهنکي سچي لئو ڪڏهين نہ لڳندي. جو

لهرن جو لحاظ ڪندو سو ترڻ مور نہ سکندو. جو دنيا
جي هوَسن سان نہ لڙندو تنهنکي سورموڪير چوندو؟
جو ڏکن ڏاکڙن کان گيدي ٿي ڀڄندو تنهنکي آسماني
واهر جي ڪهڙي خبر پوندي؟ سڀڪنهن جي آتما تي
ڳرو قرض آهي ۽ اُهو قرض لاهڻ مٿس فرض آهي.
وَجهن پٺيان وجهہ، اشارن پٺيان اشارا اسانکي ملن ٿا؛
پر قرض ۽ فرض جي اسانکي ڪا يادگيري نٿي اچي.
شاهوڪار نٿو سمجهي تہ قرضي آهيان. عالم نٿو سمجهي
تہ قرضي آهيان. ٻئي بيقرض، بيغرض، بيفرض آهن.
نٿا سمجهن تہ مٿن مسڪينن ۽ نادانن کان وڌيڪ قرض
آهي ۽ وڌيڪ جوابداري. نٿا سمجهن تہ نوڪر آهن، نہ
خاوند. تہ ڌن وٽن ڌراوت طور آهي چڱن ڪمن ڪرڻ
لاءِ ۽ نہ پنهنجي تن پروري ۽ پنهنجي سرخروئيءَ لاءِ.
ساميءَ جي سلوڪن جو گهڻو زور آهي ممتا مارڻ تي؛
پر ممتا ڪيئن مرندي جي اسين پاڻکي وڏا پدارٿ
ڪري سمجهنداسين ۽ جيڪي ڪي اسانکي آهي، حواس ۽
عضوا، مال ۽ ملڪيت؛ عقل ۽ علم؛ هنر ۽ هوش؛ سو
پنهنجو ڪري سمجهنداسين ۽ نہ اسانجي خاوند جو.
هردم جيڪڏهن اسين اهڙي ويساه گهاتي ڪنداسين
تہ پوءِ اسانجي پڇاڙي ڪهڙي ٿيندي؟ هينئر تہ چڱي
جوڻ اٿئون پر جي اُنهيءَ جوڻ ۾ ڌڻي پنهنجو وساري
ڇڏينداسون ۽ ڪافر نعمت ٿينداسون تہ آخر اسانجو

ڪهڙو حال ٿيندو؟ ماڻهن انساني حسن تي اڪن ڇڪن ٿي، سوين گهمرا ساه ڇڏيو آهي پر جنهن ڌڻيءَ اهڙو انساني حسن ٺاهيو تنهنجي حسن جو اسانکي ڪو خيال نٿو اچي. جيڪڏهين پنهنجي سائينءَ جي سؤنهن جو ٿوروئي ڪري تصور ڪريون ته هن جي خدمت کان جيڪر اسين ڪڏهن اَرها نه ٿيون ۽ ٻيائيءَ جا ٻنڌن جيڪر هڪدم ڇڄي پون. **مون، آءٌ ۽ منهنجو** جيڪر اسانجي مکون ڪڏهن نه نڪرن. **شاه عبداللطيف** چيو آهي "سوري جنين سيج مرڻ تن مشاهدو". ساميءَ به اهڙا سلوڪ چيا آهن. انهن جو مطلب به آهي ته ڪڙي ۽ قاتل تي ڪرڪڻ نه گهرجي ۽ پنهنجي اڀمان، ڀرمن؛ ڀولائن ۽ ڦرنن کي ڦاهي ڏيڻ گهرجي. خوديءَ کان پاڪ رهڻ گهرجي ۽ پنهنجو من، تن ۽ ڌن تريءَ تي رکي سائينءَ جي شيوا ۾ تياڳ ڪجي. هيءَ آهي سچي وديا، جنهنجي سامي هيتري ساکه ڪري ٿو. اهڙيءَ وديا ڏي شال اسان سڀني جو چت مائل ٿئي. اِنهيءَ وديا موجب سوري سيج آهي، زهر شربت آهي، مرض صحت آهي؛ ڏکه سکه آهي؛ غريبي شاهوڪاري آهي؛ موت حياتي آهي. انهيءَ وديا موجب ڪا به شيءِ حڪمت جي نڪته بنا نه آهي ۽ ڪو به حادثو ۽ ڪو به اتفاق قاعدي جي قيد کان خارج نه آهي. انهيءَ وديا موجب ٻين جو خير پنهنجو آهي؛ ٻين جي شيوا پنهنجي

شيوا آهي ۽ پگوان جي بانهپي بادشاهن جي سلطانيءَ کان وڌيڪ آهي. اِهي آهن سبق جي ويدانت سيکاري ٿو. اهي ساڳيا سبق هنن سلوڪن منجهان پرجهي سگهجن ٿا.

شال اسين سڀ اهي سبق هنديون؛ شال اسانجون رڳون رباب وانگي اُنهن سان وڄن ۽ اسانجا روح اُنهن سان رڄن.

ڏياڙام گدوهل

سامي ۽ جو جيون چرتر

(پروفيسر چيتمل پرسرام)

نالو ۽ گهر: "سامي" شاعر، جو اصلوڪو نالو پائي چنڙاءِ آهي. سامي سندس گرو هئو، جو هڪ براهمڻ سنياسي فقير هئو. ڪوي پائي چنڙاءِ پنهنجي باڻي ۾ "سامي" تخلص اختيار ڪيو آهي. ڪوي چنڙاءِ شڪارپور جي شهر ۾ جنم ورتو. سندس پويان اڃا جيئرا آهن، پر اڄ به هنن جي رهڻ جو مکيه آستان "امرتسر" آهي، جتي سندن اباڻي ڪوٺي سامي۽ جي ڏينهن کان وٺي آهي. شڪارپور شهر ۾ به ڪوي۽ جي مائٽاڻي جاءِ بڌجي ٿي، پر پورو پتو ڪونه پڄي سگهيو آهي. شڪارپور ۾ "سامي۽ جو ڪوهه" ڪري سڏبو آهي. ڪن جو رايو آهي ته انهي۽ مڪان تي به سامي گذاريندو هئو. ائين هجي، پر ڪوي چنڙاءِ گرهستي ماڻهو هئو. هن فقيري لباس کين ورتو هئو. سندس ڏندو ڏوڻي امرتسر ۾ هئو. سنڌ ۽ پنجاب ٻئي سامي۽ جو گهر چئبا.

جنم جي تاريخ - هموقتي کوڻ: سنڌس جنم جي تاريخ نسبت ٻه ڪجهه ٻڌ ٻيو ٻانگي ، پر ممڪن آهي ته هو سنبت ۱۸۰۰ (۱۷۴۳ع) ۾ ڄڻدا ٿيو ۽ سنبت ۱۹۰۷ (۱۸۵۰ع) ۾ گذر ڪري ويو. سنڌس عمر ڪيترن کان ٻه وڏي چئبي! انهيءَ سنڌس عمر واري عرصي ۾ سنڌس هموقتي کوي ۽ سنت هيٺيان چئبا. سچل سرمست (۱۷۳۹-۱۸۲۹)، دلپت (۱۷۶۹-۱۸۴۹) ، بيدل (۱۸۱۴-۱۸۷۲)، ڪيشو (۱۸۱۴-۱۸۸۹) يورپ جي مها ڪوي گوئيٽ ٻه اُن سمي ۾ هئو (۱۷۴۹-۱۸۳۲). انگريزي سپينسر ساميءَ کان پوءِ سنڌ ۾ داخل ٿيڻ لڳي. چئنراءِ جي عمر جي واقعن جي پوري پوري خبر نه ٿي پئي سگهي. سينين جي گهر جائو، گرمکي اکر سکيو، تنهنسان ابائي ڏنڊي جو هنر پروڙيائين. کڙا علم پرايائين ، کڙي پاڻشالا يا ودياليه ۾ پڙهيو ، سو ته هت سوال ئي ڪينهي. هو "انپڙي" ڪوي آهي ؛ سنگت جا اثر ٻه ضرور پيا اٿس. سنڌ جي هندن ۾ پراکرت سنسڪرت جو اصل کان واهپو رهيو ۽ پوءِ گرمکيءَ جو. ساميءَ جي ڪوتا مان پڌرو آهي ته اهو اپياس ته نيڪ ٿيڪ اٿس ، پر پارسيءَ جو ٻه ڪجهه محاورو اٿس. چوڻ ۾ ٿو اچي ته راولپنڊي شهر ۾ هڪ اعليٰ دل ۽ خيال وارو پڻاٽ پائي چئنراءِ جو وڏو سيٺ رهندو هئو ، جنهن جي سنگت ۾ ضرور ڪجهه پارسي جو مايو ٻه پرايو هوندائين.

سلوڪن جي ساکہ : ڪويءَ جي وديا ، ٻولين جي ڄاڻ ، سنڌي هندي پارسي ساهتيہ جي پرکہ ، نسبت سندس سلوڪن مان ئي مکيہ ساکہ ٿي ملي . سامي جي سلوڪن ۽ شاهہ جي ڏوهيرن ۾ هڪ تفاوت آهي . شاه جا ڏوهيرا " سماع " (راز - راڳہ) جي پئداش آهن ، جي ڪاتب لکندا ويندا هئا . سامي پنهنجي ڌيان غفا مان وچن جوڙي چٽڪين تي گرمکيءَ ۾ لکي مٽڪين ۾ ٿي وڌا . انهن سلوڪن جي ڳڻڻ جي ڪٿ ڪرڻ اوکو ڪم آهي . ساميءَ جي چالاڻي کانپوءِ سلوڪي چٽڪيون ، مٽڪي واريون ئي گم هيون . سرڳواسي ڀائي مولچند ڪوئٽيا وارو پنهنجي گرمکي گرنٿ ۾ ٿو لکي تہ پوءِ سڌ ملي تہ اِهي چٽڪيون هڪ ساڌ کي هٿ آيون ، جو شڪارپور جي ڀرواري ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ کڻي آيو . پڇا بعد ڳڙهي ياسين جي هڪ ٽڪاڻي مان ڪجهہ عدد هٿ آيو . ڀائي مولچند جو لکڻ آهي تہ ساميءَ نہ رڳو بيت چيا ، پر ڪافيون ۽ شبد بہ چيا . اُهي جي هٿ اچي وڃن تہ واهہ ! حال في الحال تہ ساميءَ جي ڄاڻ جي ساکہ سندس سلوڪن مان ئي کوجڻ کپي .

سلوڪن مان چٽي ثابتي ٿي جڙي تہ سامي انيڪ آتمڪ چشمن مان پڪون پيتيون هيون . شاعر ۽ ڪوي شبد جو ارٿ ئي آهي " ڄاڻو " . هي ڪوي اونهي اندر ئين " انڀيءَ " ڄاڻ وارا آهن ، پر هو کانئن اڳي

جيڪو به ادبي خزانو موجود آهي، تنهن منجهان به پورو واقف آهن، جو خزانو، کين هرو ڀرو اکه دواران (ڪتاب پڙهڻ مان) نه به پر پيو هجي، پر ڪن دواران ته بيشڪ. سامي گرنٿن جو اڀياس به ڪيو ۽ پڻ راڳ رهاڻ مان ڳچه حاصل ڪيو؛ پر اِهي رستا ڪافي نه هئا. اِهي ته ٻاهريان هئا. ساميءَ ته اندر ٽٻيون هنيون هيون :-

(١) سامي گهر ۾ گهر، تنهن گهر اگهر ٿي.

(٢) اکين منجهه اکيون، تن ۾ اکيون انڀيءَ.

هڪڙيون اکيون يا گهر اندرين جو (جنهنم اکر به ٿا اچن)؛ ٻيو گهر من جو؛ ٽيون ٻڌيءَ جو. انهن ٽنهي جي پار آتم جون اکيون آهن. هن وديا کي اکري نه چئبو. دماغي نه چئبو، حقيقي ٻڌيءَ وارو به نه چئبو، پر آتمڪ انڀيءَ (معرفت) ڪوٺبو.

سامي اَکريءَ منجهان به واقف آهي. کانئس اڳي جيڪي سنڌ ۾ شاعر ۽ تصوف جا صاحب ٿيا، جيڪي هندستان ۾ پراڻا اُپنشدي وئدڪ ڄاڻو ۽ پوءِ هندي شاعر هوا ۽ تن سان گڏ فارسي شاعرن جو به واقف آهي. ايراني ۽ آرياٺي، پارسي ۽ سنسڪرت پراڪرت ٻولين، ساهتن ۽ سڀيتائن مان جو صوفي مِلاءُ ٿيو آهي، تنهن جو پورو ڄاڻو آهي. اهي ثابتيون سڀ سندس رسالي ۾ موجود آهن. سلوڪن مان سندس علميت، روحانيت ۽ شخصيت جون شاهديون، کوجڻ جڳائي.

ساميءَ جي علميت : پاڻ ٿو سامي چئي :-

" ويدن جا ويچار، سي سنڌيءَ منجهه سڻايم."

جيئن مولانا رومي جي مثنوي نسبت چئجي ٿو :

" آهي قران (اصلي ڪتاب) پهلوي ٻوليءَ ۾"، جئن لطيف جو رسالو آهي ساڳيو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾، تئن ساميءَ جا سلوڪ به آهن، ويد (آدي گرنٿ) سنڌي ٻوليءَ ۾. ويد، اُپنشد، سوتر، ڀاڳوت، شنڪر، پاتنجلي ۽ ٻيا انيڪ شاستر سندس من ۾ سمايل آهن. ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

" من ٻڌ واڻي کون پري، اندرين اگوچر."

شنڪر آچاريه اِهو پراڻو اُپنشدي ويچار هيٺين شبدن ۾ ٿو آڻي: " منو ٻڌي اهنڪار چتاني ناهم."

ساميءَ جي اِها پهرين ڏنل سٽ سندس سلوڪن جي مکيه پيڙهه، جنهنجو ارٿ آهي : ته آتما اندرين، من ۽ ٻڌيءَ کان پري آهي، انهيءَ انڀئ وٽ کي لوچي لهه، شاهه لطيف انهيءَ کي جسو جيءُ ۽ جان ٿو سڏي:-

" عشق نه آهي راند جه ڪندس ڳڀرو
جيءَ جسي ۽ جان جي ڀڃي جو هيڪاند
نيڙي نائي پانڌ، پڇجه پوءِ پريتڻو."

اِهي وئدڪ اپنشد ويچار ساميءَ ۾ انيڪ آهن، مثلا:-

(١) پاري ۾ پاڻي تئن وياپڪ وس ۾.
(٢) جئن گهاگهر لوڻ جي، ڀرڻ هلي پاڻي.
(٣) جئن کيلوڻو کنڊ جو.

هي روپ (تشبيهه) چاندوگيه اُپنشد مان آهن ، جنتي پروفيسر مئڪس ملر اهڙو ته عاشق آهي جو پنهنجي "Six Systems of Philosophy" "ڇهه درشن" ۾ ڏيکاري ٿو ته ڪئن نه پراڻا رشي ماڻهن کي آتما جي اوکي سکيا ، سوڪن روپڪن دوران ڏيندا هئا. سامي‌ءَ اِهو ساڳيو رستو ورتو آهي. هو هر ڪنهن ڪنن سوڪم ويچار کي مثالن منجهان ٿو پڌرو ڪري. جئن لطيف "من" کي اُٺ سان ٿو پيٽي ، تئن سامي ڪيس ڏيڪي سان :-

" ڪيڏانهن منهن ڪماند جي ڪيڏانهن چري ٿو ڏيڪو."

البت شاهه لطيف شاعري جي تشبيهه ۽ تصور ۾ اعليٰ آهي ؛ پر ٽبي‌ءَ ۽ ويچار ۾ سامي ڪائنس گهٽ ڪين آهي . سامي شاعر آهي پر اول فيلسوف آهي. سندس بولي برائو ننگ شاعر وانگر ڪنن آهي . ڪٿي ڪٿي ته سامي‌ءَ جا بيت ويچارن سميت برائو ننگ وانگر پيا پاسن.

مٿيان مثال ڏيکارين ٿا ته ڪئن نه شاعر آرياني، عربي، ايراني ، ۽ يورپين آتمڪ ويچارن ۾ هڪ آهن.

پگوت گيتا اُپنشدن کان پوءِ ٿي ، پر پگوت گيتا به آدي اُپنشدن جي نچوڙ آهي ؛ سامي گيتا جو اپياسي آهي ۽ سلوڪ هوبهو ٿو ٻيهاري :-

" سهن سدائين سر تي اُس ۽ سيت ."

گيتا واري ساڳئي سلوڪ ۾ به " سيتوشڻ " سيت (تڌ) ، اُشڻ (اُس يا گرمي) شبد کر آيل آهن . سامي

اِهي ساڳيا سنسڪرت شبد پراڪرت ۾ ٿو ڪم آڻي ۽ ٺيٺ سنڌيءَ ۾ به ساڻن لڳايو ڇڏي.

"ٿڌي ۽ ڪوسي سامي رکن سر تي."

گيتا چوي "ويد وادرتا" ته سامي چوي "ويد پڙهي وادي ٿيا". اِها علمي خوبي ساميءَ ۾ شاهه لطيف واري آهي جو به عربي پارسي ۾ اَصلوڪا گفتا ڪم آڻي، اُتي ئي ٺيٺ سهڻي سنڌيءَ سان به سينگاريو ڇڏي.

عربيءَ ۾ آهي "خان ڪروني از ڪر ڪم" ته شاهه ٺيٺ سنڌيءَ ۾ چوندو "توجني جي تات ؛ تن پڻ آهي تنهنجي". ٻولي ٻنهي جي ٺيٺ سنڌي، پر عربيءَ جو سنٻنڌ سنسڪرت سان نه هئڻ ڪري ٻوليون شاهه ۾ جدا جدا پييون ڀاسن ؛ پر ساميءَ ۾ هڪ جهڙيون.

ڀاڳوت، جو مڙني سنڌي هندي شاعرن لاءِ شعرن جو خزانو آهي تنهن مان به ڳچه ويچار ساميءَ جي سلوڪن ۾ آهن :-

(١) اوڌو تو آندي چٺي جوڳه جتن جي
(٢) مڌر مرلي ڪان وڄاي مکه سان.

شاهه، سچل ۽ ٻين سنڌي صوفين به اُهو ڀاڳوت گهڻو گهوٽيو آهي. شاهه جي سرن خاص ڪري سر سسئي معذوري ۾ ته مؤج آهي. ڪرشن کي هوت سڏي ٿو گوپين کي چوي: "سڀ ننگيون ٿي نڪرو!"

"وهي ويڙهجي جا وصل تنهن وڃايو." اِهو سارو سر ڀاڳوت تي ٻڌل آهي، تئن سامي ۾ موهن جون مرليون به ڀاڳوت منجهان آهن.

ساميَ صاحب جا سلوڪ

(پروفيسر ڪلياڻ بي- آڏواڻي)

ساميءَ جو تخلص (سامي ۽ رومي) :- پائي چڱراءِ صاحب پنهنجي پورن ستگرو سوامي مينگهراج صاحب ۾ مڪمل فنا ڪائي ، هنکي شرف ڏيڻ لاءِ ، " سامي " يا " پانيڻ " جو تخلص اختيار ڪيو :

" پرينءَ ڏريو پانهنجو ، نماڻيءَ تي نانءُ . " (سامي)

اهڙو ساڳيو مثال اسان اڳيان ، ايران جي جڳ- پرسند شاعر روميءَ جو آهي ، جنهن به پنهنجي ڪامل مرشد شمس تبريز کي شرف ڏيڻ لاءِ ، پنهنجي ديوان ۾ پاڻ کي " شمس تبريز " جي تخلص سان روشن ڪيو آهي . روميَ ، شمس تبريز جي عشق ۾ فنا ٿيو پيو آهي :

" دوتا چون آسمانم من زعشق شمش تبريزي
مزن زخمه جز آهسته ڪه ناگه بگسلد تارم . "

(ديوان شمس تبريز)

ساميءَ پنهنجي هستي پنهنجي گروءَ ۾ گم ڪئي آهي . هيٺر پائي چڱراءِ صاحب جي مدر واڻيءَ کي

”ساميءَ جا سلوڪ“ ٿو سڏجي ۽ مولانا روميءَ جي ديوان کي ”ديوان شمس تبريز“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

سلوڪن لکڻ جو نمونو (سامي ۽ حافظ) :-

ساميءَ صاحب جو سلوڪن لکڻ جو نمونو حافظ شيرازيءَ جهڙو هو. ساميءَ صاحب پنهنجا سلوڪ ڪاغذن جي چٽڪين تي لکي، هڪ مٽ ۾ داخل ڪري ڇڏيندو هو. چون ٿا ته مشهور فارسي شاعر حافظ به پنهنجا غزل ٺڪرين تي لکي، مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. ساميءَ صاحب جو ڪلام سندس فرزند ڀائي گهنشامداس ڪٺو ڪيو، جئن حافظ جو ديوان سندس هڪ گهري دوست محمد گل اندام گڏ ڪيو. پر انهيءَ کان ڪير انڪار ڪندو ته ٻنهي صاحبن جو ڪلام وجداني حالت ۾ لکيل ۽ حال واري ڪيفيت جو ڪرشمو آهي؟ شاه ۽ رومي به جڏهين وجد جي حالت ۾ ايندا هوا، تڏهين بي اختيار ويندا هوا ڪلام چوندا، جو سندن مريد ۽ معتقد لکندا ويندا هوا. البت، ساميءَ جي ڪلام ۾، حافظ وانگر، معشوق جي خط ۽ خال، ناز ۽ انداز، حسن ۽ سينگار جي ثناخواني ناهي. سامي، جوڳ ۽ ويراڳ جي خزاني جو مالڪ آهي؛ هو هميشه انل پکيءَ وانگر عرش جي اَڇ تي پرواز پيو ڪري ۽ مجازي دلبرن جي شوخ نگاهن جي تيرن جو نشان نٿو بڻجي.

”عنقا شکار کس نشود دام باز چين
کاينجا هميشه باد بد ستست دام را.“ (حافظ)

ساميءَ جي سنڌي :- سامي صاحب شڪارپور جو ويٺل هو، تنهنڪري سندس سلوڪن ۾ شڪارپور جي مٺي ۽ رسيلي ٻولي، سريلي، ڪم آيل آهي. بيدل، بيڪس، سچل ۽ دلپت جي ڪلام وانگر، ساميءَ جي ڪلام ۾ به سريلي ٻوليءَ جا محاورا ۽ ورجيسون آهن. ساميءَ جي ڪلام مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

(١) " آهن اگم اپار، راهان رام ملڻ جون."

(راهان = راهوُن)

(٢) " عشق ڪمايو جن، پڇه تنين کون خبران."

(کون خبران = کان خبرون)

(٣) " سر ندي کون (کان) ٿالو، ورلو ڪوگرمکه ڪري."

(۴) " سران سڀ راڳن جون (سر سڀني راڳن جا)

ٿيون تنهن ۾ ڪن تنوار."

سامي صاحب ويدن جي واڻيءَ کي، سنڌي لباس پهرايو آهي : " ويدن جي واڻي، سا سنڌي منجهه سڻايان." انهيءَ ڪري سندس سلوڪن ۾ سنسڪرت لفظن جي اڪثريت آهي، ۽ سندس واڻي، رس ۽ ميٺاج جو ڀنڊار آهي. ميٺاج ۽ نرملتا ۾ قديم رشين جي رچيل گرنٿن ۽ شاسترن جون سڪون ٿو لاهي. ايشور جي مکه مان ڪهڙا نه آنند ڀريا ۽ ڪومل وچن ٿو چوائي :

" ڄاڻج سڌ سروپ، نارد نج ڀڳتن کي ؛

تارڻ ڪارڻ سنسار جي، ڌاريم اهو روپ ؛

سامي وچن الوپ، ست چوانٿو صفت سان."

ساميءَ جي سلوڪن ۾ سنسڪرت لفظن جي اڪثريت ڪري، ڪيترن صاحبن جي دلين تي اثر ويٺل آهي ته ساميءَ جو شعر پارسي ۽ عربي لفظن کان بنهه پاڪ آهي، پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. ڪن سلوڪن ۾ پارسي ۽ عربي لفظ، سنسڪرت لفظن سان ميل کائي، ٻوليءَ جو حيرت انگيز سينگار ٿي بيٺا آهن.

(۱) **عجائب**، **عقل**، **سالڪ** ڏنو سڪ سان؛
سمجهي **روح راضي** ٿيو، ڇڏي **هنگامون** هل؛
چڙهي **نور محل** ۾ ڪيائين **حق حاصل**؛
وحدت ۾ **واصل**، پرچي ٿيو پريم سان.

(۲) **محبتي مطلب**، ڪنهن سان رکن ڪينڪي؛
رهي جنجي **روح** ۾، راتيان ڏينهان **رب**؛
ڳالهيون ڪن **عرش** جون، عجائب عجب؛
توڙي لائي لوڪ **لقب**، ته به **مست** رهن مهران ۾.

(۳) پرچي ڏنو په، **مرشد خاص مريد** کي؛
اڻ هوندي درياه جي، وه ڀلي نه وه؛
ڄاڻ وڃائي پانهنجو، ٿي **محبت** ۾ **مو** (محو)؛
ته اچي پاڻ **اله** (الله)، **عاشق** ٿئي عرش کون.

پڇاڙيءَ واري مثال مان عيان آهي ته سامي صاحب عربي ۽ پارسي لفظ غلط اچارن ۽ بگڙيل صورتن ۾ به استعمال ڪيا آهن، جئن اڪثر اڻ پڙهيل ماڻهن جي واتان اُهي ٻڌبا آهن. انهيءَ جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا:

(۱) ساميءَ صاحب پنهنجو ڪلام، بنا ڪنهن تڪليف

۽ تصنع جي چيو آهي، ۽ عوام جي ڪوي هئڻ جي حيثيت ۾ "غلط العام صحيح" وارو اصول عمل ۾ آندو اٿس، يا (۲) قافيه (Rhyme) ۽ تجنيس حرفي (Alliteration) جي پورائيءَ لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو اٿس. ڪي مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

(۱) **کوجي** (خوضي) لڌو **کوج** (خوض)، پرچي پريم نگر جو،
ٻڌائين ٻانڀڻ چوي، تنهن ۾ سهج **سروج** (سرود)،
هردي منجهه **هروج** (هرروز)، درسن ڪري دوست جو.

(۲) ڇڏي لوڪ لڄا، عاشق چڙهيا اڇ تي،
منيائون محبوب جي، ساميءَ سڀ **رجا** (رضا)،
کوڙي **کاموشيءَ** (خاموشي) ۾، ويٺا ڌيان ڌجا،
ملي ڪن **مجا** (مزا)، سته سڌ سروپ جي.

(۳) لکين لوڪ تريا، **داون** (دامن) لڳي تن جي.

(۴) جيڪي جڳه آيا، سي **مرڳه** (مرگ = موت)
نيان مساڻ ڏي.

اهڙيءَ طرح شاه به لفظن جون بگڙيل صورتون ڪم آنديون آهن:-

ڪرهي ڪاڪت (طاقت) ڇڏي، وريس نه وائي-
(سرکنڀات)

مثال گهڻيئي آهن پر نموني طور فقط هڪ ڏنو ويو آهي.

نظم جو نمونو (ساميءَ جا سلوڪ ۽ شاه ۽ سچل جا ڏوهيڙا):- ساميءَ صاحب جا سلوڪ باقاعدي

ڏوهيڙا آهن. شاه نون ۽ ڏهن مصراعن تائين به ويو آهي پر ساميءَ ڪنهن به سلوڪ ۾ چئن مصراعن کان وڌيڪ مصرائون نه چيون آهن: ويدن واري قانون تي هليو آهي. جيتوڻيڪ سندس واڻي، اپنشد، گيتا، يوگ سوتر، نارد سوتر ۽ ڀاڳوت جي فلسفانه ويچارن سان معمور آهي، تنهن هوندي به، هن صاحب پنهنجن سلوڪن ۾، ڪٿي به، ڪنهن به ڌرمي گرنٿ مان، ڪو به جنسي منتر، يا تڪ، ايراد نه ڪئي آهي. شاه ۽ سچل جي ڪن ڏوهيڙن ۾ قرآن شريف جون آيتون ۽ حديث مان حوالا آيل آهن، جنهنڪري اهڙن ڏوهيڙن جون ماترائون مقرر تعداد کان وڌي ٿيون وڃن. مثال طور شاه جي "سر سهڻي" مان هڪ بيت ٿوڏجي، جنهن ۾ هن صاحب هڪ پارسي غزل جي مصرع تضمين طور آندي آهي:

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
سر در قدم يار فدا شدچه بجا شد، وصل اهوئي ونگ."

مٿئين مثال مان ظاهر آهي ته پارسي شعر واري مصرع ۾ ماترائون، مقرر تعداد کان وڌي ويئون آهن - سامي صاحب جي ڪنهن به سلوڪ ۾، اهڙي نموني، ماترائون وڌيل ناهن. هو صاحب جنسي منتر ڏيڻ جي بجاءِ فقط اشاري کان ڪم ٿو وٺي:

"گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو."

قافيه جي لحاظ کان به سندس ڪلام پڪو ۽ پختو

آهي - انهيءَ باري ۾ هڪ مسلم عالم هي رايو ٿو ڏئي:
”قافيہ نسبت ساميءَ صاحب جا ڏوهيڙا بلڪل پختا
آهن. ڪنهن ورلي شلوڪ ۾ قافيہ جي هم آوازيءَ جو
اصول ترڪ ٿيل آهي، مگر اهڙي فرو گداشت ڪنهن
بہ درويش جي ڪلام ۾ عيب نہ ليکبي.“

ساميءَ جي شعر جي عبارت ۽ مضمون :-

ساميءَ صاحب جي شعر جي عبارت جي باري ۾ ساڳيو
عالم لکي ٿو: ”عبارت جي سينگار ۽ فصاحت، بلاغت
جي اسباب بنسبت ساميءَ صاحب جو ڪلام بلڪل
عمدو آهي.“ تشبيهون ساميءَ جي ڪلام جو خاص
سينگار آهن. هندن جو ويدانتي توڙي ٻيو شعر سهڻين
تشبيهن سان مالا مال آهي. هندستان جي قديم ڪوين
۾ ڪاليداس ۽ جديد شاعرن ۾ ٽئگور انهيءَ فن ۾
بي نظير آهن. سامي صاحب جي سلوڪن ۾ آيل تشبيهون
هندن جي ويدانتي شعر جي چمن مان گويا چونڊيل گل
آهن. سامي صاحب ئي سنڌ ۾ هڪ شاعر آهي، جنهن
پنهنجو ويدانتي متو تشبيهن جي وسيلي سمجهايو آهي.
ويدن ۾ اهو شاعرانہ فن الوپ نموني ۾ گلزاريون لايو
بيٺو آهي؛ انهيڪري ئي، سامي صاحب جي مٺي ۽
رس ڀري ڪؤتا پڙهڻ سان، پراچين رشين جو سحر
حلال (ڪوتا) اچيو ياد پوي - ويدن جي واڻي هڪ
القاءِ ۽ الهام آهي، جو ڄڻ سندر پکين جي مکان مٺيون
لاتيون لنوي ظاهر ٿيو آهي. سامي صاحب جو شعر،

سنڌي زبان ۾ ويدن جي واٽي آهي. سندس تشبيهن جي کوڙي ۾ ويدانت جو مها ساگر سمايل آهي. هتي کي مثال ڏجن ٿا، جنهان هن صاحب جي لاثاني تشبيهي فن جو جلوو سڄ جي پرکاش وانگر پڌرو آهي:

کنول- ايشور جا سچا عاشق، جنکي سامي "محبتي مستان" ٿو سڏي، سي جهان جي تالاب ۾ ائين اليپ رهيا پيا آهن، جئن کنول گل جل ۾:

"رهن منجهه جهان، سدا اليپ کنول جان."

هريءَ جي عشق ۾ پڌل عارف هر قسم جي خيالن جي لهرن وچ ۾ کنول مثل بي داغ رهيا پيا آهن:

"هر جن هر ذاتي کيلن سب خيال ۾؛
رهن اليپ کنول جان سامي سڃاتي."

اهڙن عاشقن کي هن سنسار ۾ کو به داغ نه ٿو لڳي، جئن کنول گل کي پاڻيءَ جي وچ ۾ رهڻي به کو به ليپ نٿو لڳي!

"ليپ نه لڳي تن کي، جئن جل رهن کنول."

هو سنساري يوڳ پوڳيندي به کنول وانگر اوجل ءِ اچا آهن:

"توڙي پوڳن پوڳ، تان پي کيول کنول جان سدا."

جن عاشقن، سچ سچاڻي، محبوب جي مورت سيني صورتن ۾ ڏني آهي، سي هر ساعت وصل جي موج ۾ آهن ۽ خلق جي ميڙ ۾ ائين نرالا ٿا گذارين جئين

ڪنول گل جل ۾ هوندي جل کان نرالا ٿا رهن:

"انڱي پهر عجيب سان، ملي مڙجان ڪن؛
منجهي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا."

جن عاشقن جاڳي پنهنجن اکين سان ٻاڪي ڏنو آهي، سي پنهنجي باطني سلطنت ۾ ڪنول گل وانگر شگفتہ ۽ شادان ٿا گذارين:

" جاڳي ڏنو جن، پانهنجي اکين پاڪي؛
مخفي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا."

جنهن طالب جي اوديا جو پردو ستگروءَ پري ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجو من اڃين پيو ٽڙي، جئين ڪنول جو گل:

" جنهنجو پت پاسي، سامي ڪري ستگورو؛
تنهنجو من ڪنول جان، بيحد بگاسي."

سنسار ۾ پريم ئي سچي کي قاسايو آهي- مرگهه ناد جي آواز تي عاشق ٿي ڊوڙي ٿو اچي ۽ پتنگ جوت ڏسي مدهوش ٿو ٿئي. اها محبت يا عشق جي ڪشش، ڪنول گل جي سرهاڻ جو واس ڏاري، ڀؤر کي پنهنجي دام ۾ ٿي اڻائي:

" سپ کي ٻوڙايو، پريم پساچ لڳي ڪري؛
بدي ناد ڪنن سان، مرگهه ڊوڙي آيو؛
ونهي واس ڪنول جان، ڀؤنر لپٽايو؛
سامي سمايو، پتنگ جوت ڏسي ڪري."

ذهن يا آڪاس:- جنهن شبوک جي من جا سنسا

تورت ٿيا آهن، سو پنهنجي سرير ۾ آڪاس جيان اسرير ۽ اليپ ٿي ٿو رهي:-

"رهن منجهه سرير، اسرير آڪاس جان."

"جئن اليپ آڪاس تئن رهن بديهي ديه."

"نڀ جان نيارو، رهي بديهي ديه ۾."

اهڙي گرمڪ جي اندر ۽ ٻاهر، ايشور آڪاس جيان سرو ياپڪ ۽ هر هنڌ پرويش ڪندڙ ڏسڻ ۾ ٿو اچي:-

"اندر باهر نڀ جان، ڀڳوت هڪ ڀاسي."

"جئن گهٽن ۾ آڪاس، تئن ساکي ڏسي سڀ ۾."

"سڀ گهٽ ڏسي سپرين، نڀ جان ٺرالو."

اهڙو گياني پرش جهاني وهنوار ۾ هلندي ۽ انيڪ دنيوي ڀوڳ ڀوڳيندي به ائين اليپ ۽ نيارو ٿو رهي جئن نڀ يا آڪاس:-

"توڙي لوڪ وڳي، تان ڀي رهي اليپ آڪاس جان."

"توڙي ڀوڳي ڀوڳ انيڪ، ته به نيارو رهي نڀ جان."

"توڙي ڪري وهنوار، تان ڀي نيارو رهي نڀ جان."

اهڙو گياني هن مايا کي ڇل ڄاڻي آڪاس جيان اچل ٿو رهي ۽ گيان جي چؤڏول ۾ چڙهي ٿو وهي:-

"اندر ٻاهر نڀ جان، رهي اليپ اچل؛
ڄاڻي مايا ڇل، چڙهي وينو چؤڏول ۾."

سچو گرمڪ پنهنجي ممت مٽائي پاڻکي آڪاس وانگر سوکيم ٿو ڪري:-

"ممتا مٽائي، نرمل رهي نڀ جان."

ايشور هر ڪنهن وستوءِ جيوَ ۾ آڪاس جيان ٽو
وسي پر اها رمز کو "نيهي نهڪرمي" سمجهي :-

"رمتا رام رمي، سپ ۾ رهيو آڪاس جان؛
سمجهي کو **ساهي** چئي، نيهي نهڪرمي."

سيڪو "پريم پريم" ۽ "عشق عشق" پيو پڪاري
پر پريم، واٽي ۽ واڇ کان ائين اليپ آهي جئن گهٽن ۾
آڪاس :-

"سيڪو پريم چئي، پريم نه اچي واڇ ۾؛
جئن آڪاس گهٽن ۾، سدا اليپ رهي."

ازل - جنهن پيڳمبت جي هردي ۾ ستگوروءَ جي
گيان جو پرڪاش ٿيو آهي تنهنجي آتمڪ سرت يا
جاگرتا جي چمڪ ازل جيان آڪاس کي وڃي رسي آهي:-

"ديکيا ذات گروءَ جي، جنهنجي من وسي؛
ازل جان آڪاس ۾، **ساهي** سرت وسي."

حقيقي عاشق پنهنجي جيءَ مان قرني جي قاسي
ڪڍي ازل جيان آتم پد پاتو آهي ۽ سروپ سان هڪ
ٿي خاص خلوت پيا ڪمائين :-

"**ساهي** ملي سروپ سان، ٿيا خلوتي خاص؛
رهن منجهه آڪاس، اٽ ئي پهر ازل جان."

"جن کي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي."
(شاهه - سر سهٽي)

"گرمکه جي گادي، ازل جان آڪاس ۾."

پر اهڙي پد وارو پرش جهاني انسانن ۾ اهڙو ڇڊو آهي جهڙو پکين ۾ انل:-

”آتم پد واسي، ڪوڙين منجهون ڪو رهي؛
جئين پکين ۾ هڪڙو، انل آڪاسي.“

”وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل.“ (شاه)

اهو پرش جهان جي سردي ۽ گرميءَ ۾ ائين اسٿت ٿو رهي جيئن انل آڪاس ۾:-

”جئن انل پکي، اسٿت رهي آڪاس ۾.“

سامي صاحب انل جو مثال ڏيئي منش کي هدايت ٿو ڪري ته اي آڪاس جي گلشن جا پکي! تون به جهاني ترشنائن کان پري اُڏامي وڃي اَنل جيان آڪاس ۾ پنهنجو آشيانو اڏ:-

”انل جا آڪاس ۾، ڪيول ترڪٽي اڏ.“
”مرغِ دل را آشيان بايد فقط.“ (بيدل)

مرگهه يا هرڻ:- جئن سج جو تيج رڃ ۾ جل جو ڪوڙو نماءُ رچي مرگهه کي ترشنا ۾ رلائيندو آهي، تئن برهم يا ايشور پنهنجي خيال جي چمڪ سان هيءَ مايا اُپائي، اُنجي ڪوڙي ڏيکاءَ تي انسان کي لڳيو آهي:-

”اڻ هوندو اوديا ڇل، ٿيو چيتن جي چت کي؛
جئن سورج جي تيج کون، مرگهه ترشنا جو جل.“

عام طرح انسان جو حال هي آهي جو پنهنجي اندر جو پردو لاهي نج سروپ جو ديدار نٿو ماڻي؛ پر ختن

جي هرڻ وانگر پنهنجي دن ۾ مشڪ جو خزانو هوندي به، باطني خوشبوءِ کي ڇڏي وتي سڳنڌ لاءِ ٻاهر ڇالون ماريندو:-

"اڻ هوندي ڀولي، وڌو جيءُ ڀرم ۾؛
جئن کستوري ناڀ ۾، مرگهه ٻاهر ڦولي؛
اوديا پٽ کولي، **سامي** ڏسي ڪينڪي."

پپيه، سپ، مين يا مڇلي، چڪور ۽ ڀنور:-

سامي بعضي هڪ ئي سلوڪ ۾ عاشقن جو حال چڪور، ڀنوَر، مڇي، پپيه ۽ سپ جي حال سان ٿو ڀيٽي. جئن چڪوي چڪور ۽ چڪور چندرما جي درشن، ڀنور ڪنول جي واس، مڇي جل جي سيتلتا ۽ پپيه ۽ سپ برسات جي بوند لاءِ ترڦندا آهن تئن ايشور جي عاشق کي به الاهي مشاهدي بنا قرار ناهي ۽ اٺ ئي پهر اندر ۾ جلن اٿس:-

"پلڪ نه ٿئي پري، نيهي نارائڻ کون؛
من ۾ چندر چڪور جان، درشن ڌيان ڌري؛
ڀنوَر رهي نه واس ري، جل ري مين مري؛
سامي تڏهن ٺري، جڏهن پوي بوند پپيه کي."

"راتيون ڏينهن جري ٿي، بره ڪارڻ پيءَ جي؛
جئن ڪارڻ سئيت جي، سپ ور لاپ ڪري؛
پياس نه مٽي مين جي، بنان نير مري؛
تڏهن جيءُ ٺري، جڏهن **سامي** ملي سپرين."

اهڙا مثال الڳ الڳ سلوڪن ۾ به اچن ٿا :-

مڇي :- ”محبتي مري، درسن ڪاڻ دوس جي؛
جئن مڇلي نير کون، پلڪ نه ٿئي پري.“
”سدا پرين جي، لنؤ ۾ رهن لين؛
جئن جل کون مين، پلڪ پراهون نه ٿئي.“
”جئن جل ري مين، تئن عاشق مرن عجيب ري.“

چاترڪ :- ”چاترڪ جان چت ۾، سدا **ساهي** رام رٽي؛
بيحد بوند چٽي، انڀئ جي آڪاس ۾.“

پپيه :- ”پيءُ پرچي ٿيو پاڻ،
ته به پيءُ پيءُ ڪري پپيه جان.“

پروانو :- اهڙو انسان ورلو هوندو جنهنکي پنهنجي باطني جلوي جي شناس هوندي. اهڙو دردوند درويش ڪروڙن ۾ هڪ ٿو ٿئي جو انهيءَ جوت کي سڃاڻي پرواني وانگر مٿس ساه ٿو ڇڏي :-

”**ساهي** پنهنجي گهر جي، ڪنهنکي سڌ ڪانهي؛
ورلي ڪنهن سهي ڪيو، دردوند داني؛
پرچي پرواني، جئن سڃاتو جوت کي.“

عاشق صادق عجيبن تان پاڻ ائين ٿا گهورين جئن پروانا پنهنجو پنهنجو جيءُ شمع مٿان قربان ڪندا آهن :-

”محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن؛
پون پروانن جان، اڳيون عجيبن.“

مٿين تشبيهن کان سواءِ ساميءَ جي سلوڪن ۾ ٻيون به انيڪ دلاويز ۽ سهڻيون تشبيهون اچن ٿيون جنجو انتخاب سواءِ ڪنهن شرح جي هيٺ ڏجي ٿو ڇوته ”عيان راچه بيان“:-

”عشق جاڳيو، **سامي** سمجهي جيءَ کي؛
جئن چقمق لوه کي، چت ري چلايو.“

”اگست جان اچمان ڪري، اوديا سنڌ سڪاءِ.“

”جئن وڃڻيءَ ۾ واءُ، تئن ساکي ڏسي سڀ ۾.“

”ڀڳت ورائي گيان، جئين موتي آب ري.“

”جئن نئنن ۾ نور، تئن ساکي ڏسي سڀ ۾.“

”اٿي سڀ اڀاس، جڳت هي جڳديش جو؛
جئن سورج چنڊ ۾، **سامي** سدا پرڪاش.“

”جئن گهاگهر لوڻ جي، ڀرڻ هلي پاڻي؛
سنڌ ۾ سماڻي، موٽي موٽي ڪينڪي.“

”عشق سان عقل، مليو رهي منڊ ۾؛
جئن سن آڪاس سان، پاڻيءَ مليو جل.“

”عشق پٺيءَ آئيو، عقل پيهي پاڻهي؛
سورج سان لڳو رهي، جئن سورج جو سايو.“

اوديا (سپنو يا ننڊ) :- سامي صاحب ويدانتي متي جو فقير هو. ويدانت وارن هن حياتيءَ کي سپن اوستا ڪري شمار ڪيو آهي. اسانجي جهاني بيداري درحقيقت

هڪ ڳوڙهي خوابيدگي آهي ۽ اسين جيڪي ڪريون يا ڏسون ٿا سو ڄڻ ننڊ يا سپني جي حالت ۾. جئن انسان سپني ۾ سيرن ۽ شغلن کي سچ ڪري ڄاڻندو آهي تئن هو هن ڪوڙي سنسار کي به ست مڃي ويٺو آهي:-

"اڻ هوندو سنسار، ڪلپت ڪري سڌ ٿيو؛
جئن سپني ۾ سڌ ٿيو، نانا وڌ وهنوار."

سچي گيان يا جاڳرت کان سواءِ انسان پاڻکي ائين ٿو سمجهي جئن جيڪر ڪو راجا سپني ۾ پاڻکي هڪ ڪنگال جي حالت ۾ ڏسي ۽ پنهنجو سقيم حال ڏسي آه و زاري ڪري:-

"بنا گيات گيان، ڪنهين پاتو ڪينڪي؛
جئن سڃو سپني ۾، **سامي** ٿئي سلطان."

ڀرم ۾ ڀلجي مورک انسان پنهنجي آتما لاءِ ائين ٿو ڦول ڦولي جئن ڪا استري ننڊ ۾ پنهنجو ٻار وڃائي دربدر رلي:-

"ڀرم منجهه ڀلي، مورک ڦولي آتما؛
ٻار وڃائي ننڊ ۾، جئن در در نار رلي."

اوديا اسانجي من مان ئي اُتپن ٿي آهي ۽ اسانجي من کي ئي ويڙهي وڪوڙي ويٺي آهي جئن ڏانور يا ڪوريئڙو پنهنجن ئي گهڙيلن تندن ۾ پاڻ کي ڦاسائي ڦٿڪندو آهي:-

"اوديا من رچي، سا ويڙهي ويئي من کي؛
جئن ڏانور تار ۾، مري پاڻ به پچي."

سچو سنت اهو چئبو جو هن جڳت کي مرگهه ترشنا جو جل سمجهي ان سان پريت نه ٿو لڳائي :-

”سوئي سنت ڀڳت، سوئي ڀڳت گيان وان ؛
مرگهه ترشنا جي جل جان، ڏٺو جنهن جڳت.“

ستگروءَ لاءِ اجهل پريم :- اِنسان اندر جو پٽ تڏهين پري ڪري سگهندو جڏهين مٿس ڪنهن ڪامل پرش جي درشٽي ٿيندي. پورن پرک پنهنجي شش کي ڀڳتي، جوڳ ۽ ويراڳ جي خزانن سان مالا مال ٿو ڪري. پوءِ هنجي اندر مان هر قسم جا ڪليش ۽ پيڙائون غائب ٿي ٿيون وڃن ۽ هو سجاڳ ٿي ”انڀيءَ جوت“ جي وسيلي هر جاءِ پرميشور پرتک ٿو ڏسي. جئن رومي پنهنجي ڪامل مرشد شمس تبريز جي مهر سان وڏي منزل جو صاحب ٿي ويو، تئن سامي پنهنجي برهمڻ ستگروءَ جي ديا سان اعليٰ آتمڪ پدويءَ جو مالڪ بنيو. جئن رومي پنهنجي ديوان ۾ ور ور ڏيئي ڪامل رهبر جي مهما ٿو ڳائي، تئن سامي به پنهنجي سلوڪن ۾ بار بار ستگروءَ جي اُستتي ٿو اُچاري :-

”چونکه باغِ من بهار از شمس تبريزي گرفت
درد رون خَنديده ام، گراز برون ناليده ام.“ **(رومي)**

”جتي مينگهه منڊل، تتي بيحد بجلي ؛
گروءَ لکايو گيات سان، اهڙو پد اچل ؛
پائي سکه سروپ جو، **سامي** ٿيو سيتل ؛
اٺئي پهر عمل، اُتري ڪين اکين مون.“ **(سامي)**

ساڻ سنگت جي ليرنگي اثر هيٺ منش اهڙو اُتم پد ٿو پراپت ڪري ۽ اهڙي سوڪيم اوستا کي ٿو رسي جو هنکي نہ جل ٻوڙي ٿو سگهي، نہ باھ ساڙي ٿي سگهي. دنيا جي ڪابہ خرابي هنکي سپرش ڪري نٿي سگهي ۽ هو جهان جي تالاب ۾ نہ يا آڪاس وانگر نرليپ ٿي ٿو گذاري:-

"جنهن کي لڳو قل، **سامي** ساڻ سنگت جو؛
باھ نہ ساڙي تنهنکي، ٻوڙي سگهي نہ جل؛
اندر باھر نہ جـان، رهـي اليپ اچل؛
جاڻي مايا چـل، چڙهي وينو چوڏول ۾."

نوڪنڈ يا افضل ولايت:- سامي صاحب غيبي ۽ روحاني دنيا جو عجيب وغريب بيان ٿو ڪري. جنهن طالب جي اکـ ڪلي ٿي سو جيئري ئي انهيءَ سوڪيم جهان جو مشاهدو ٿو ماڻي جتي زمان ۽ مڪان، آڪاس ۽ پاتال جا بندن ناهن؛ جتي نہ ڪرم آهي نہ ڪال، نہ غم آهي نہ زوال. انهيءَ دنيا ۾ رات ۽ ڏينهن جو نشان بہ ڪونهي ۽ هڪ عجيب نور ٻيو وسي جو نرمل ۾ نرمل نور آهي؛ اهو بد سوڪيم ۾ سوڪيم آهي. سامي انهيءَ غيبي ولايت کي "بيگم پور" (بي غم پور) يا "ديس ملار" يا "نور محل" ٿو سڏي جتي آنند ۾ بڏل آتمائون رامڪلي ۽ ڪلياڻ جا مدر سر پيئون آلاپين:-

”نيڻن لايو نينهن، نور محل جي ناٿ سان؛
جتي سج نہ چنڊ ڪو، نڪو رات نہ ڏينهن؛
مهرون وسي مينهن، **سامي** سدا عرش جو.“

”ڪنهنکي ڪريان حال، پورب ديس ملار جو؛
جتي اُڄ بکہ ناہ ڪا، نڪي کائي ڪال؛
نڪو ڏينهن نہ رات ڪا، نڪو آڪاس پاتال؛
خاوند جو خيال، سم ورتي **سامي** چئي.“

انهيءَ ولايت کي دلپت ”پورب ديس“ ٿو سڏي ۽ انهيءَ ”پورب ديس“ جي تصوير بہ ساميءَ جهڙي ٿو چٽي :-

”جتي ساز نہ سرود ڪو، نڪا تند تنوار؛
نڪا حد نہ بيحد ڪا، نڪو روپ آڪار؛
نڪو سج نہ چنڊ ڪو، نڪو ڌنڌ وڪار.“

(دلپت)

انهيءَ عجيب ولايت جو ابدي سکہ ساميءَ پراپت ڪيو آهي ۽ هو ٻيا سڀ سکہ انجي ڀيٽ ۾ تڇ ۽ ناچيز ٿو سمجهي :-

”صدقي ڪريان تنهن سکہ جي، پل تون حور پريون.“

مانکہ ديہ :- منش هي جامو ڪروڙن جنمن جي چڪر ڦرڻ کان پوءِ پاتو آهي، سو بہ ڪنهن وڏي پڃ ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ ڪري. مانکہ جنم جو ملهہ رتنن ۽ هيرن کان مٿي آهي پر مايا جي دام ۾ اڙجڻ ڪري انسان

جي اکين تي انڌ جا کوپا چڙهي ويا آهن ۽ هو پنهنجي ڪيميا جهڙي آور جا پنهنجن هٿن سان ويٺو کوهي؛ امرت ڇڏي ڏاڍي شوق مان زهر ويٺو ڳيهي :-

”امولڪ آهي، مانڪ ديهي دٻ رتن؛
کنيو ڪوڙ ڪلر ۾، ٿو مورڪ ملائي؛
امرت ڇڏي هٿ مون، وگسي وڪ کائي؛
منهن مڙهيءَ پائي، **سامي** ڏسي ڪينڪي.“

است سنسار:- انسان اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي به ويٺو ته سنسار ۾ هميشه لاڏاڻي جي نوبت جاري آهي ۽ ڪيئي ڪرامت ۽ شجاعت جا صاحب اجل جو شڪار ٿي هن هستيءَ جي باغيچي مان جادوءَ جي پتلين وانگر غائب ٿي ويا ۽ وڃي عدم جي صندوق ۾ سمايا؛ تنهن هوندي به خوديءَ جي گرداب ۾ گهوماٽيون پيو کائي! پنجن ڀوتن منجهس اهڙو پڪو واسو ڪيو آهي جو هو نحس ۽ مونڊ بنجي بي سبب وتي ”منن جي محلات“ ۾ نچندو، گويا پاڻکي انهن پيرن، پيغمبرن ۽ گيانين ڌيانين کان وڌيڪ اُتم ۽ اسٿر ٿو سمجهي جنجي هٿ ساري ڪائنات جون ڪنجون هيون ۽ جي وڏي شڪتيءَ جا مالڪ هوندي به ڪال جي ڪانيءَ کان بچي نه سگهيا! سامي پنهنجي سڀاجهي نموني ۾ اسانجي گوشمالي هيئن ٿو ڪري :-

(١) ”اهڙا لوڪ لڏي ويا، **سامي** هن سنسار مون؛
جنجي رٿ ڦيٿن سان، ستئي سمنڊ ٿيا؛
مانڪ راڪاس ديوتا، پکي وس ڪيا؛
اهڙا سڀ ويا، اسٿت رهي نہ آدمي.“

(٢) ”ڪوچ ڪري ويا، سڀيئي هن سنسار مون؛
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا؛
گياني، ڌياني، گرهستي، **سامي** پنڌ پيا؛
سڀي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهو پاڻ کي.“

صوفيانہ ويچار:- ”وحدت تان ڪثرت“ وارو صوفيانہ راز، سامي پنهنجي مڌر نوع ۾ هيئن ٿو سمجهائي: ايشور هڪ عجيب بيڪ ڌاري آهي جنهن نرالا نرالا روپ وٺي ۽ پاڻتي نرالا نرالا نام ڌري هڪ وڏي ٺڳي ڪئي آهي ۽ سمورو بار کڻي ڪرمن تي اڇليو اٿس. هو دنيا جي بازار ۾ ڪرمن جو هٽ ڪڍي اچي ويٺو آهي، پر ڪاملن سندس رمز کي سمجهي ڪرمن جو گهونگهٽ چاڪ چاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ کيس اصلي روپ ۾ ڏٺو آهي:-

”آيو ناگر نٽ، بيڪ ڌري بازار ۾؛
ڪڍي ويٺو ڪرم جو، **سامي** حرڪت هٽ؛
سنتن ساپرسن ڪيو، پٽ لاهي پرگهٽ؛
تارازي ۽ وٽ، کڻي سٽيائون سر تون.“

جنهن ”ٺڳ“ (ايشور) هيءَ عجيب طلسم بازي رچي سڀني جون وايون بتال ڪيون آهن، تنهن سان

ساميءَ جو پڪو ۽ پورن نينهن لڳو آهي ۽ هنجي ڪا به حرفت هن پورن سنت کان ڳجهي ناهي:-

”جنهن ٺڳ ٺڳي، ڪئي ڪل جهان سان؛
ساميءَ جي تنهن ٺڳ سان، پورن پريت لڳي.“

شاه سوز ۽ گداز جو دريا آهي ۽ سچل جوش ۽ حيرت جو بحر؛ سامي آنند ۽ سيتلتا جو ساگر آهي. سندس واڻيءَ ۾ ويدن جي واڻيءَ جهڙي نرملتا ۽ سندرتا آهي. سندس سلوڪن مان خاص لطف انهنکي ايندو جي ويدانت ڏانهن مائل ۽ هندستان جي پراچين فيلسوفيءَ جا قائل هوندا. اهڙا صاحب ئي سندس وچن روپي گوهرن جو قدر و قيمت ڪري سگهندا. دلپت پنهنجن وچنن جي باري ۾ چوي ٿو:-

”واستو هن وچن جو، سمجهي ڪو سچيار؛
ويدانتي واڻيءَ ۾، هوندو جو هوشيار.“

ساميءَ جي واڻيءَ سان مٿيون سخن ڪهڙو نه سهڻو ٿو لڳي!

ڀومڪا

ساميءَ جا سلوڪ سنڌ توري پنجاب ۾ گهڻو مشهور آهن. سنڌ جي هرهڪ شهر توڙي ڳوٺ ۾ ساميءَ جا سلوڪ گهڻي چاهه سان پڙهڻ ۾ ايندا آهن ۽ ڪٿائون ڪندڙ ساميءَ جا سلوڪ مثال ۽ اپديش طور ڪم آڻيندا آهن. ڪيترن سڪولن توڙي ڪاليجن ۾ اهي وديارٿين کي پاڙهڻ ۾ ايندا آهن. ساميءَ جي سلوڪن پڙهڻ ۾ ڏاڍو رس ۽ آنند آهي؛ پر وڌيڪ رس ۽ آنند انهن کي ايندو، جنجو ڌرمي ڳالهين ڏانهن ڪجهه لاڙو هوندو؛ خاص ڪري ڌرمي پستڪن جهڙوڪ گيتا، اپنشدن ۽ ويدانت جي پستڪن مان ڪجهه واقف هوندا؛ ڇاڪاڻ جو ساميءَ انهن سڀني پستڪن جو تت يا سار ڪڍي پنهنجن سلوڪن ۾ وڌو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي انهن پستڪن مان اشارا پڻ ڏنا اٿس.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ نه رڳو ويدن، اپنشدن، يوگ سوتر ۽ نارد سوتر ۽ ٻين شاسترن جو سار ڏنل آهي ۽ ڀڳتن، مها پرشن ۽ درويشن جا مثال ڏنل آهن پر انهن سان گڏوگڏ آتم وديا ۽ يوگ وديا بابت به گهڻو بيان ۽ اشارا آيل آهن. يوگ ڇا آهي؟ يوگ جي معنيٰ آهي

ميلاپ: يعني پرماتما سان ملط: انجو درشن پراپت ڪرط يعني خدا سان واصل ٿيط. اهو ميلاپ جنهن رستي ٿئي ٿو تنهنڪي هندو شاستڙن ۾ سمرن ۽ ڌيان يا اپياس چيو وڃي ٿو ۽ صوفي ان کي ذڪر ۽ فڪر چوندا آهن. تنهنڪري سامي‌ءَ جي سلوڪن کي سورهن ئي آنا پوري‌ءَ طرح اهو سمجهي سگهندو جو پاط ان يوگ ودياءَ مان يعني انهي‌ءَ ذڪر فڪر مان واقف هوندو ۽ جنهن پنهنجي اندر ۾ پيهي روح رهاط ڪئي هوندي يا روح رهاط ڪندڙ درويشن جو سنگ ڪيو هوندو.

اسانجي سنڌ ۾ ڪيترا عاشق لوڪ ٿي گذريا آهن جن پنهنجي باطي ڇڪي آهي جئن شاهه، سچل، دلپت وغيره. دلپت جي باطي سامي‌ءَ جي سلوڪن جي نموني آهي. شاهه ۽ سامي‌ءَ پنهي جي باطي ڏاڍي رس ڀري آهي. شاهه پنهنجن خيالن کي طرحين طرحين رنگن روپن ۾ ظاهر ڪيو آهي: ڪڏهن سسئي پنهون‌ءَ جو روپ ڌاري ٿو، ڪڏهن عمر مارئي‌ءَ جو ويس ڪري ٿو، ڪڏهن سهڻي ۽ ميهار بڻجي ٿو، ته ڪڏهن هير رانجهوءَ جي پوشاڪ پهري ٿو.

سامي هڪڙو ئي ويس ڌاري آهي پر هن پنهنجن سلوڪن ۾ انيڪ وشين يعني مضمونن بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. انهن مان مکيه ۴۲ مضمونن تي چوند چوند سلوڪ هن پستڪ ۾ ڏنا ويا آهن. هڪ هڪ

مضمون هڪ پوڙي يا ڏاڪو آهي. اهڙيءَ طرح ڄڻڪ انهن ۴۲ وشين يا مضمونن جي هڪ ڏاڪڻ بنائي ويئي آهي.

جهڙيءَ طرح گرو نانڪ صاحب سري جپ صاحب ۾ ۳۸ پؤڙيون چيون آهن ۽ لکيو اٿس ته:-

"ايت راهه پت پؤريان، چڙهيئي هوءِ اِڪيس."

ارٿات- هي پت يا عزت جون پؤڙيون آهن؛ هنن پؤڙين تي جيڪو چڙهندو سو پرماتما سان ملي هڪ ٿيندو. اهڙيءَ طرح هن پستڪ ۾ به ساميءَ جي سلوڪن جون پؤڙيون بنايون ويئون آهن. انهن پؤڙين تي جيڪو سنڀالي چڙهندو سو آخر وڃي پرماتما سان ملندو.

اهي ڏاڪا يا پؤڙيون ٿلهن اکرن ۾ لکيا ويا آهن. انهن پؤڙين جي بلڪل چڱيءَ طرح سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، خاص ڪري جوت ۽ انهد شبد کي چڱيءَ طرح کوليو ويو آهي ڇاڪاڻ جو اهي يوگ اڀياس جون ڳالهيون آهن، روحاني راز آهن جنکي سمجهڻ ذرا مشڪل آهي؛ ۽ انهن رازن کي سمجهڻ کان سواءِ ساميءَ جي سلوڪن جو ڳجهه پروڙڻ ڪٺن آهي. تنهنڪري انهن رازن کي سنهنجي نموني ۽ سولي ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، اهڙيءَ طرح جو جئن ٿورو پڙهيل به چڱيءَ طرح سمجهي سگهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڌرمي پستڪ لکندڙ ۽ ٽيڪائون ڪندڙ اهڙي قسم جي ٻولي ڪم آڻيندا آهن ۽ اهڙا ڏکيا سنسڪرت لفظ وجهندا آهن جو عام ڀائر انهيءَ بوليءَ ۾ ئي منجهي پوندا آهن

جنهن کري هو انهن پستکن جو پورو لاپ ونڻي ڪين سگهندا آهن انهيءَ ڪري پستکن لکندڙن جي مراد به پوريءَ ريت ۾ ثواب نه ٿيندي آهي.

ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڪيترا پائر آهن جن کي سامي‌ءَ جي سلوکن توڙي بين ڏرمي پستکن ۾ آيلن اشارن جي سمجهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي. ڪيترن پائرن وقت بوقت انهن بابت پڇا ڪئي آهي. تنهنڪري سڀني پائرن جي فائدي لاءِ ڪيترن متن جي چوٽي مون انهن لفظن يا اشارن جهڙوڪ جوت، انهد شبد، آتم پد، سماڌي، مڪتي وغيره تي ٽنهنجي ٻڌيءَ انوسار کولي سمجهائڻ جي کوشش ڪئي آهي. اميد ته جيڪو به پاڻ اهي ڇڻيءَ طرح خيال سان پڙهي سمجهڻ جي کوشش ڪندو تنهن کي سامي‌ءَ جي سلوکن جي مطلب سمجهڻ ۾ رازن معلوم ڪرڻ ۾ ڏکيائي کانه ٿيندي.

سامي‌ءَ جا سلوک سنڌيءَ ۾ ٽن پاڻن ۾ ڇپيل آهن جي ديوان ڪوڙيمل محنت ونڻي ڪنا ڪري ڇپايا هئا. ديوان ڪوڙومل سنڌي ساهتيه جي بنياد وجهندڙن مان هڪ هو. هن صاحب سنڌي ساهتيه دواران سنڌ جي گهڻي خدمت ڪئي آهي پر سپ کان وڏي جيڪا هن شيوا ڪري سنڌ سان پال پلايا آهن سي آهن **ساهيءَ جا سلوک**. اها پلائي ديوان صاحب جي، وسرڻ جي کانه آهي. سامي‌ءَ جي سلوکن جي ٽنهي پاڻن ۾ ڪل

ايڪيهه سوَ سلوڪ آهن پر انهن ٿنهي پاڻ-ن جي پڙهڻ مان ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڪي ڪي سلوڪ ٻه ٻه پيرا پڻ آيل آهن جي شايد ويهه پنجويهه ٿيندا. انهيءَ کان سواءِ انهن ۾ سامي‌ءَ کان سواءِ ٻين ڪيترن عاشقن جي ٻاڻي آيل آهي جنهن ته شاهه پٽائي، شاهه عنايت، بادل، پٽو، رامن، ڏيون، ٽرو، لڪو، آسر، اُميت، تنو، ڪامل ۽ روحل. انهن مٿين عاشقن جا سلوڪ يا بيت شايد منو سوَ کن ٿيندا. انهن سلوڪن مان ٿورا سلوڪ نموني طور هن پستڪ ۾ پڻ ڏنل آهن؛ يعني چئبو ته اٽڪل ۱۰۰ کن سلوڪ وڏيڪ ۽ ٻيا آهن، باقي ٻه هزار سلوڪ سامي‌ءَ جا آهن.

تازو منشي پوکرداس تاجر ڪتب شڪارپور واري سامي‌ءَ جي سلوڪن جو هڪ پستڪ ڇپايو آهي جنهن ۾ اهي سلوڪ آيل آهن؛ جي ديوان ڪوڙيمل جي پستڪن ۾ ڪونه آهن. اهي سلوڪ ڪل ۷۵۰ آهن جن لاءِ هو لکن ٿا ته اهي نوان سلوڪ ڳڙهي ياسين جي ٽڪاڻيدار سنت ٽلورام وٽان هٿ آيل آهن. انهن نون سلوڪن مان ڪي ٿورا سلوڪ پڻ هن پستڪ ۾ ڏنا ويا آهن. هاڻي ائين چئبو ته سامي‌ءَ جا ڪل سلوڪ سڀاويهه سوَ (۲۷۵۰) آهن ۽ انهن منجهان هن پستڪ ۾ ڪل سڀاويهه سؤ (۶۵۰) سلوڪ آيل آهن. پهريان جيڪي ۱۲ مضمون آهن، انهن جي سلوڪن جو مختصر مطلب سلوڪن جي پٺيان ڏنو ويو آهي انهيءَ لاءِ ته وديارٿين ٽوڙي عام ماڻهن کي سلوڪن جي مطلب سمجهڻ ۾ سولائي

ٿئي ۽ ان کان پوءِ ايندڙ مضمونن ۾ سلوڪ ۽ اڳين سلوڪن جي ارٿ جي آڏار تي چڱيءَ طرح سمجهي سگهن.

پستڪ جي پڇاڙيءَ ۾ سلوڪن ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ڪٿي ڪٿي ٿوري سمجهاڻي پڻ ڏني ويئي آهي. انهيءَ ڪري پڙهندڙن کي سلوڪن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ گهڻي سولائي ٿيندي.

هن پستڪ ۾ سرگواسي ديوان ڏيارام گدومل سامي‌ءَ جي سلوڪن جو جيڪو تاتپرج لکيو آهي سو ڏنو ويو آهي. ديوان ڏيارام هڪ املهه ماڻڪ هو، هو مها ودوان هو، هن صاحب سامي‌ءَ جي سلوڪن جو جيڪو تاتپرج ٿورن صفحن ۾ ڏنو آهي سو جڏهن سڀني سلوڪن جو عطر آهي. پڙهندڙن کي اهو گهڻو لاڀدائڪ ٿيندو. منهنجي پياري متر مستر چيتمل پرسرام مهاڳ لکي ڏنو آهي جو پڻ هن پستڪ ۾ وڌو ويو آهي.

پڇاڙيءَ جو منهنجي وينتي آهي ته جيتوڻيڪ هن پستڪ کي سندر ۽ لاڀدائڪ بنائڻ ۾ پنهنجي بڏيءَ سار و گهڻي خبرداري ۽ تڪليف ورتي ويئي آهي تنهن هوندي به ڪٿي ڪا غلطي هجي ته پائر ڪميا ڪندا ۽ مون کي اطلاع ڪندا ته مان سندن گهڻو ٿورائتو ٿيندس.

آگسٽ ۱۹۳۸ع
چندبراماڻي گهٽي
حيدرآباد.

شيوا ۾
واڌو هل هولچند
گورنمينٽ رٽائرڊ ماسٽر

ॐ

پرميشر جي پراپتيءَ جون پؤڙيون

هن دنيا ۾ ڪي اهڙا پرش آهن جي چون ٿا ته **ايشور** يا **خدا** آهي ئي ڪونه؛ هي سڀ من جو بوتو بنايل آهي؛ سرشٽي آد کان وٺي ائين هلندي اچي ۽ هميشه ائين پيئي هلندي؛ هن سرشٽيءَ جو پيدا ڪندڙ يا سنڀاليندڙ ڪو به ڪونهي؛ نيچر يا قدرت پنهنجو ڪم پاڻ ڪري رهي آهي. اهڙن خيالن رکندڙن انسانن جو پڪو نسچو آهي ته پرماتما اصل ڪونهي.

ٻيا وري اهڙا انسان آهن جي چون ٿا ته اسين چئي نٿا سگهون ته پرماتما آهي يا آهي ئي ڪونه؛ ابن ڏاڏن کان ٻڌندا اچون ته پرماتما آهي؛ ڌرمي پستڪن ۾ به پيا پڙهون ته ايشور آهي؛ پر جئن ته اسان اهو ڏٺو ڪونه آهي پر رڳو ٻڌل ڳالهين کي کڻي ڳنڍ ٻڌو اٿئون ته ڀڳوان آهي؛ پر اسان کي ان جي هئڻ يا نه هئڻ جي خاطري ڪانهي؛ يعني اهڙا ماڻهو پرماتما جي باري ۾ شڪي حالت ۾ آهن.

ٻيان وري اهڙا شخص آهن جن جو چوڻ آهي ته هن سرشٽيءَ جو ڪرتار ڪو ضرور آهي؛ ڪابه شيءِ پاڻيهي پيدا نٿي ٿي سگهي؛ تنهنڪري سرشٽيءَ کي پيدا ڪندڙ ان کي پورن نيمن تي هلائڻ لاءِ ڪا مڙيوئي ڳجهي شڪتي آهي، پوءِ انهيءَ شڪتيءَ کي پرگوان، خدا، گاڈ وغيره ڪهڙن به نالن سان سڏيو وڃي؛ پر اهو پرگوان يا خدا ڏسڻ کان ڀري آهي؛ ڪو به ان کي ڏسي نٿو سگهي.

ڇوٽان وري اهڙا مها پرش آهن جي ڇون ٿا ته پرماتما آهي؛ هو سرووياپڪ (هرجاءِ حاضر)، سروشڪتيوان (سڀ ڪنهن قسم جي طاقت رکڻ وارو) آهي ۽ اسان هن کي ڏٺو آهي، بلڪ ٻين کي به ڏيکاري سگهون ٿا.

سڀئي رشي مني، پير پيغمبر، سنت مهاتمائون ۽ درويش پرماتما جي هستيءَ جو هوڪو ڏيئي ويا آهن. گرو نانڪ صاحب فرمايو آهي:-

جو ناکر سد سدا حضوري؛
تاکئہ انـدا جانت دوري. (سکمني)

سامي پنهنجن سلوڪن ۾ پرماتما جي هستيءَ بابت گهڻو بيان ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته پرماتما سورج وانگر ظاهر بينو آهي پر جيڪڏهن کو انڈو چوندو ته سورج آهي ئي ڪونه، ته ان جي چوڻ کري سورج جي هستي گم ٿي ڪانه ويندي! اهڙيءَ طرح جيڪڏهن کي انڈا

مطلب تہ مورکہ يا منمکہ جيو دنيا جي موهہ ۽ وکارن
۾ قاسي دکہ پوڳي رهيا آهن. ورلا کي **گرمکہ** آهن
جن کي **هانکہ ديهہ** جو قدر آهي. گرمکہ بن لفظن جو
جو نهيل آهي گر ۽ مکہ. مکہ جي معنيٰ آهي منهن يا
وات يا واٽي. يعني جيکو گروءَ جي واٽيءَ يا اپديش
موجب هلي اهو آهي گرمکہ.

گورمکہ امرت باٽي بولهہ، سپ آتم رام پچاٽي؛
ايک سيوَن ايک آراڌهہ، گرمکہ اَکٹ کهاٽي.

ارٿ:- گرو نانک صاحب فرمائين ٿا تہ گرمکہ اهي
آهن جي امرت روپي باٽي يعني منا بول بولين ٿا ۽
سيني ۾ پرماتما پسن ٿا. اهي هڪ جي ئي شيوا کن
ٿا ۽ هڪ کي ئي ڏيائين ٿا. گرمکن جي ڳالهہ يا واکاڻ
چوڻ کان باهر آهي.

هيءَ دنيا فاني آهي. جيکو هن ۾ آيو آهي سو هڪ
ڏينهن ضرور هتان لڏيندو.

دارا رها، نہ جم رها، سنکندر سا بادشاهہ؛
اس تختہ زمين پر، سيکڑون آئي چلي گئي.

شاهہ چيو آهي:-

فاني ري فاني، دنيا دم نہ هکڑو؛
لٹي لوڑ لٹن سين، جوڑيندءِ جاني؛
کوڏر ۽ کاني، آهي سر سيکنهن.

ٻئي هڪ مهاتما چيو آهي:-

نت نہ سانوڻ مينهن وسندا، نت نہ هيءَ برسات آهہ؛
نت نہ باغن ۾ بهاري، نت نہ بلبل لات آهہ.

نت نہ شاد يون شاد مانا، نت نہ جمشيد جشن آهہ؛
نيٺ چانڊوڪيءَ جي پٺيان، اچڻي انڌاري رات آهہ.

سو **سامي** چوي ٿو تہ هيءَ دنيا فاني آهي ۽ هيءُ منش چولو وري وري ملڻو ڪونہ آهي؛ تنهن ڪري جنهن گرمکہ کي مانش ديهہ جو قدر آهي سو جڏهن **ساڌن** ۽ **سنتن** جي شرن وٺندو، انهن جي سنگہ ۾ رهي انهن جي اپديش موجب هلندو، تڏهن اُهو گيان جي جوتي پائي پرماتما جو درشن پراپت ڪري سچو سکہ ۽ آنند پراپت ڪندو.

مهما ساڌُ سنگہ ڪي، سنهہ ميري ميتا؛
مئل کوئي، ڪوٽ اَگهہ هري، نرمل ڀئي چيتا.

ارٿ:- گرو نانڪ صاحب چوي ٿو تہ هي منهنجا متر! ساڌن جي سنگہ جي وڏائي مون کان ٻڌ؛ انهن جي سنگہ مان اهو فائدو ٿئي ٿو جو اندر جي جيڪا ميل يا اپوترتا آهي سا ناس يا دور ٿئي ٿي ۽ انيڪ پاپن کان هي جيوُ آزاد ٿئي ٿو ۽ چت نرمل ۽ پوتر ٿئي ٿو.

ڪبير اهہ تن جائگا، ڪوني مارگہ لاءِ؛
ڪي سنگت ڪر ساڌ ڪي، ڪي هر ڪي گن گاءِ.

هاڻي سوال اُٿي ٿو تہ انهن **ساڌن**، **سنتن** يا **هرجنن** جا ڪهڙا **گڻ** يا **لڇڻ** آهن؛ ڇاڪاڻ جو اڄ ڪلهہ تہ ساڌو ۽ سنت سڏائيندڙ تہ ڍنڍين ڍير ٿي ويا آهن؛ ڪوبہ ٿورا اکر پڙهي ڪٿا ڪرڻ يا ڳائڻ سکي،

ساڌن جو ويس پائي، پاڻ کي ساڌو سنت ۽ مهاتما جا لقب ڏيئي رهيو آهي.

جوڳي هن جهان جا، ڏوٽاهي ڏوٽا؛
پنيو کائين پيٽ ۾، ٽڪر ۽ ٽوٽا؛
کڙا ۽ کوٽا، پورب ٿيندا پڌرا.

جوڳي هن جڳ جا، جنجو آٽي سان آرو؛
هڪ مار وجهن مانيءَ تي، ٻيو ڳالهن ڳٽڪارو؛
ويچارن وجود کي، ڏک نه ڏيکاريو؛
سو ڪئن لهن چارو، ڪرم جو ڪرمعلي چوي.

سو هن وقت ساڌو يا سنت ٿيڻ تمام سولو ٿي پيو آهي پر حقيقت ۾ ساڌو ٿيڻ ڏاڍو ڪٺن آهي.

ساڌ سڏاوڻ ڪٺن هي، مت ڪو ساڌ سڏاءِ؛
ساڌ تب سڏائي ئي، جب جيتائي مرجاءِ.

سچو ساڌو اُهو آهي جنهن جئري پنهنجو پاڻ ماري ڇڏيو آهي. ساميءَ انهن ساڌن ۽ سنتن جي گڻن جو بيان پنهنجن سلوڪن ۾ چڱيءَ طرح ڪيو آهي.

سامي چوي ٿو:-

ڪيڏي وڏائي، ڳڻيان ساپرسن جي؛
سم درسي، سيتل سدا، سڀ جا سکدائي؛
ممتا ميل اندر ۾، رکن نه رائي؛
سامي سدائي، ڪن اُپڪار اچاهه ٿي.

حيدرآباد برهمو سماج ۾ ساڌو نولراءِ جي سماڌيءَ ٿي سنگه مرمر جي پٿر جي مٿان ساڌن جي گڻن بابت ساميءَ جو هيٺيون سلوڪ اُڪريل آهي :-

سو ساڌو جن ڄاڻ، جو ساڌي من شڌ ڪري ؛
دکه سکه، لاڀ الاڀ ۾، رهي ثبوتيءَ ساڻ ؛
سامي چئي سڀڪنهن جو، ڪيول گُهري ڪلياڻ ؛
ڪڍي پنهنجو پاڻ، پيئي پياري رام رس.

گرو نانڪ صاحب، ڪبير صاحب ۽ ٻين مهاپرشن ۽ سنتن جي گڻن جو گهڻو وستار ڪيو آهي.

ساڌ ۽ اَساڌ ۾ تفاوت

ساڌ ۽ اساڌ، ٻئي صورت هڪڙي ؛
هو ٻڏن ٻيائيءَ ۾، هي ڪن ٻيو سڀ ٻاڌ ؛
هو ڊوڙن ٿا وس ۾، هي ڪول پسن ٿا ڪانڌ ؛
هي انتر آرامي ٿيا، هُنن کي اندر ۾ اَپراڌ ؛
هُننجي ٻولي ٻکه جان، هِننجا وچن اگاڌ ؛
هِنن سان من موهيو، هُنن سان رهي نه گهري آڌ ؛
مصريءَ ۽ ڦٽڪيءَ جو، سمجهي ڏس سواد ؛
کٽو سنت سماڌ، ڪو پُرجهي ڏسي پارکو.

نوٽ :- مٿينءَ ڪوتا ۾ "**هو**" لفظ اشارو ڪري ٿو اساڌن ڏانهن يعني جيڪي نالي جا ساڌ آهن پر آهن پيٽ پوڄاري ۽ "**هي**" لفظ اشارو ڪري ٿو سچن ساڌن ڏانهن، جن کي پرماتما جي پسڻ جي سڪ آهي يا جن پرماتما پاتو آهي.

جڏهن اهڙن شب گذن وارو کو مهاپرش ملي تڏهن جگياسوءَ يا خدا جي طالب کي گهرجي تہ **ويساهہ** ۽ صدق رکي، انهن جو سنگ ڪري ۽ **سچو شيوڪ** يا شش بنجي انهن جي سچيءَ دل ۽ پريم سان **شيوا** ڪري ۽ **گرگم** يعني انهن گرن يا سنتن جي ڏنل اپديش موجب هلت ڪري. جڏهن جگياسو ائين ڪندو، تڏهن هو پنهنجي پتيءَ يعني پرماتما کي پراپت ڪري سچي پچي **سهاڳڻ** بنبو. سهاڳڻ استري اها آهي جنهن پنهنجي ڪنت يعني پتار کي ريجهائي پنهنجو ڪيو آهي.

ست سنتوکہ ديا ڏرم، سينگار بناوءُ؛
سڪل سهاڳڻ نانڪ، اپني پرپ پاوءُ.

سهاڳڻ ٿيڻ لاءِ، پنهنجي پران پتي پرماتما کي هت ۾ آڻڻ لاءِ پهريون شرط آهي **پوترتا يا اندر جي صفائي**. جيستائين انسان جي اندر ۾ ڪوڙ، ڪپٽ، ڪوٽ، پاکنڈ وغيره وکارن روپي ڪاراڻ آهي تيستائين پرماتما جو درشن پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي. شاهہ پتائيءَ چيو آهي:-

اکر پڙهہ الف جو، بيا ورق سڀ وسار؛
اندر ڪٽي اُجار، پنا پڙهندي ڪيترا؟

بنا سؤدي صفائيءَ جي، ڏسڻ اسرار مشڪل آهہ؛
چڙهي منجهہ عشق جي درياءَ، هلڻهن پار مشڪل آهہ.

ٻئي هڪ مهاتما چيو آهي :-

دل ڪا حجرا صاف ڪر، جانان ڪي آني ڪي لئي؛
ڌيان غيرون ڪا اُٺاءِ، اُسيڪي بٺاني ڪي لئي؛
ايڪ دل لاکون تمنا، اُس پئه اور زياده حوس؛
ڦر ٺڪانا هي ڪهان، اَسڪي ٺڪاني ڪي لئي.

ڪبير صاحب چيو آهي :-

ڪبير من نرمل ڀيا، جئسا گنگا نير؛
هر لاگي پاڇو ڦري، ڪهي ڪبير ڪبير.

ٻيو شرط آهي **من** ۽ **منن** يعني سڀڪجهه پنهنجو سمجهڻ يعني ممتا رکڻ. ٻيو **من کي مارڻ**. پر من ۽ ممتا تڏهن مرندي جڏهن ان مان **هٺ**، **اڀمان** ۽ **خودي** ڪڍبي. جيستائين خودي آهي تيستائين پرماتما سان ملڻ ڪٺن آهي. گرو نانڪ صاحب چيو آهي :-

١- ساڌ سنگت جنهن خودي ماري، نانڪ تانڪو ملي مراري.

٢- خودي مٽي تب سکه ڀئي، من تن ڀئي اروگ؛
نانڪ درشٽي آئيا، اُستت ڪرني جوگ.

٣- جهه پراني هؤمئي تجي، ڪرتا رام پڇان؛
ڪهه نانڪ وَهه مڪت نر، اِهه من ساچي مان.

٤- آپ گوائيئي، تاشهه پائيئي، اؤر ڪئسي چترائي.

٥- ڪبير تون تون ڪرتا تون هوئا، مجهه مهه رها نه هوُن؛
جب آپا پَرَ ڪا مٽ گيا، جت ديکئه تت تون.

شاهہ ڀٽائيءَ چيو آهي :-

خودي ۽ خدا ڪين ماپندا من ۾؛
ٻن ترارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾.

پاڻ مَ کڻج پاڻسين، وسيلا وڃاءِ؛
عشق ساڻ اُٺاءِ، پير پريان جي پار ڏي.

پاڻ مَ کڻج پاڻسين، ريءَ وسيلي وڃ،
ڀيلو ڀيري ڀڄ، اُڪنڊ کڻ عميق ۾.

دادُو دعويٰ ڇوڙدي، بن دعويٰ دن ڪاٽ.
ڪتني سودي ڪر گئي؛ اس پاساري ڪي هاٽ.

ٻن جي ڪانهي جاءِ، ساکي سوکم پد ۾؛
سمجهي تون **سامي** چئي، وچون پاڻ وڃاءِ؛
تہ لنؤ لنؤ منجهہ لکاءِ، مورت محبوبن جي.

ڪر اَپنپو دور، محنت اها هڪ ڪر.
بنا هور وسيلي، دلبر ڊڪي آءِ گهر.

پارسيءَ واري چيو آهي :-

تو مباش اصلاً، ڪمال اين است بس؛
تو درو گم شد، وصال اين است بس.

انهيءَ خوديءَ يا وجود وڃائڻ تي بيدل فقير هڪڙي ڪافي چئي آهي :-

سکہ رمز وجود وڃائڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

١- اکران دي وچ جيکو ئي اڙيا ،
عشق دي چاڑهي مول نہ چڑهيا ؛
اثباتي دا علم جـو پڑهيا ،
موج اُنهان سر سانوڑ دي ؛

٢- بحر عميق ۾ جيکو پوسي ،
دين کفر دا ورقا ڈوسي ؛
ساري سڈ تنا کون هوسي ،
ذات صفات سماوڑ دي ۔

٣- برہ بارش جنهن سر آئي ،
عاشق جالن سوز سدائين ؛
بي دردان نون کل نہ کائي ،
درد دي دود دکاوڑ دي ۔

٤- نال دليل نہ ليسي دلبر ،
عشق نہ ٹيسي اوڈهين رهبر ؛
سمجهي مام کو صوفي بي سر ،
شاهي طبل وجاوڑ دي ۔

٥- بيدل وحدت جي ڳالهہ سچ تون ،
وهم طلسم دوئي دا پچ تون ؛
وچ عروج نزول دا ڳنهہ تون ،
لذت آوڑ جاوڑ دي ۔

خودیٔ کان پوءِ بيو جيکو وکار يـا پڑدو هـن
انسان کي پرماتما کان وچوڑي ٿو سو آهي **کوڑ**ءِ

ڪپٽ. سامي چوي ٿو ته جنهنجي اندر ۾ ڪوڙ ۽ ڪپٽ آهي پرين انهيءَ جي ويجهو اصل ڪين ايندو؛ تنهن ڪري پنهنجي اندر مان ڪوڙ ڪپٽ ۽ پاکنڊ صفا ڪڍي ڇڏ.

ڪوڙ کي ترڪ ڪرڻ کان پوءِ سامي چوي ٿو ته سديو **سچ ڳالهاءِ، سچار** ٿيءُ ۽ سچن جو سنگ ڪر. اهي سچار ڪير آهن؟ جنجي اندر ۾ محبت جو مچ پيو ٻري ۽ اهي سچار پرش، پنهنجي پياري پريتم کان هڪ پل به جدا نٿا ٿين.

گرو نانڪ صاحب فرمايو آهي:-

سچ تاپَرِ جاڻيئي، جا ردي سچا هوءِ؛
ڪوڙ ڪِي مل اُتري، تن ڪري هڇا ڌوءِ؛
سچ تا پر جاڻيئي، جا سچ ڌري پيار؛
ناءُ سڻ من رهسيئي، تا پائي موکه دئار.

سچ يعني پرماتما کي تڏهن ئي ڄاڻي سگهبو جڏهن اسان جي هردي ۾ سچ سمايل هوندو ۽ سچ دواران ئي جيوَ کي مڪتي پراپت ٿيندي.

سچ برابر تب نهين، جوٺ برابر پاپ
تلسي جسڪي ردي سچ وسي، تسڪي هردي آپ.
ست ٻولڻ نِو چلڻ، هٿون به ڪجهه دي.
پر ڀو اُنهان دي بگلي، جهنگل ڪيون ڍونڊي.
راستي بموجب رضائي خدا ست؛
کس نديدم که گم شد از راه راست.

سامي چوي ٿو تہ اهو سچ يا پرماتما رڳو پڙهڻ يا ڳالهين ڪرڻ سان ڪونہ هٿ ايندو. تون جو ڀانيو ويٺو آهين تہ مان ويد شاستر پڙهي مها ودوان يا مُکَ گياني بنجي لوڪن کي ڳالهيون ٻڌائي انهن کي ريجهائي خوش ڪندس ۽ انهيءَ مان مون کي پرماتما جي پراپتي ٿيندي سو اِهو تون کنڊ ٿو کائين.

چريا ڇڏ چوڻ، دم ماري ويهہ دم ۾؛
سهجي ڪر **سامي** چوي، تنهن ساکي جو سمرڻ؛
ڪڍي وٺ ڪلپت ريءَ، محبت ساڻ مکڻ؛
ڀونڪڻ ۽ ڀوَڻ، اٿي ڪم ڪُتن جو.

شاهہ ڀٽائيءَ چيو آهي:-

١- پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾؛
پاڻان ڏوه چڙهن، جئن ورق ورائين وترا.

٢- سا ست نہ سارين، الف جنهنجي اڳ ۾؛
ناحق نهارين، پنا ٻيا پرينءَ لاءِ.

٣- جي مون پڙهيا پاڻ لئي، سيئي سيل ٿيام؛
واگهو ٿي وريام، اکر اُهي اڳيان.

٤- ڪنز قدوري ڪافيا، جي پڙهي پروڙين سڀ؛
تہ منڊي کوه ۾ ماڪوڙي، پيئي ڪڇي اُڀ.

ساميءَ توڙي ٻين درويشن جو اهو مطلب ڪونهي تہ اصل نہ پڙهو؛ پر هو چون ٿا تہ پڙهڻ بہ تڏهن

سڦلو آهي جڏهن انهيءَ موجب **رهت** رهندا يعني ان موجب عمل ڪندا. چاڪاڻ جو ڪهڻيءَ جي ڪنبيءَ کان، رهت جي هڪ رتي به وڌيڪ آهي.

شيخ سعديءَ چيو آهي:-

علم هر چند بيشتر خواني؛
چون عمل در تو نيست نادانی.

شاهہ چيو آهي:-

جڳ جڳ ورق ورائين، تڳ تڳ ڏنو ڏوهہ؛
رهڻي رهيو نہ سپرين، نہ ڪهڻيءَ کيو ڪوهہ.

روحل ٿو چوي:-

ڪن مڙيڻي ٻات، تات ڪنهين جي تن ۾؛
ٻڌيون سُڻيون ڳالهڙيون واڪاڻين وات؛
پر ظاهر ٿيندين ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي.

پوءِ سامي چوي ٿو تہ رهڻيءَ سان گڏ ڪپي **سڪ**، **محبت، پريم ۽ عشق**. چاڪاڻ جو:-

جن پايو تن پريم سين پايو هي؛
پريم بنا ڪجهہ هات نہ آيو هي.

بنا پريم ريجهي نهين، تلسي نند ڪشور.

پڙهي پرڏو جن، تن ورق ورائي ويڙهيا؛
هڪڙو اکر پريم جو، مڪم رکن من؛

اندر ٻاهر آتما، **سامي** سم ڏسن؛
ٻيا سڀ بات بڪن، سپني منجهه سمجهه ري.

اَت سندر، ڪُلين چتر، مکه گياني ڌنونت؛
مرتڪ ڪهيئه نانڪا، جهه پريت نهي ڀڳونت.

شاهه چيو آهي:-

سڪ تنهنجي سپرين، ڪپي ۽ ڪوري؛
سگهان نه چوري، ڏاڍو نير نينهن جو.

سڪ تنهنجي سپرين، اندر آهي اجهل؛
ٻڙهڪيو ٻاهر نڪري، کوريءَ کان ئي کل؛
ريءَ سيراهيءَ سل، مون کي ڏنا سڄڻين.

تنهنڪري سامي چوي ٿو ته جڏهن تون پريم پائي **پريمي** بنبين، محبت ماڻي **محبتي** ٿيندين ۽ عشق حاصل ڪري **عاشق** ٿيندين ۽ پتنگه جان پاڻ کي پچائيندين تڏهن ئي محبوب جو مزو ماڻيندين.

عاشقن جون نشانيون

نَوَ نشانيون نور جون، عاشقن آهين؛
هڪڙو وهن واٽن تي، ٻيو کائڻ نه کائين؛
ٽيون سر سڀ ڪنهن اڳتون، ٿا نرتيون نوائين؛
چوٿون ٻُڌي ڪنن سان، هوُ وري نه واجهائين؛
پنجون پهه پرينءَ سان، ٿا پڪو پچائين؛

ڇهون ڇڻن ڪينڪي ، اُهو ناتو نباهين ؛
ستين سڪ سچ جي ، تا لنو لنو لڪائين ؛
اَنين ڳالهه عجيب جي ، تا ويندي ورائين ؛
نائين نند نيٽن ڪي ، تا وجوُدون جاڳائين ؛
تڏهن سيبائين ، روحل دوساڻي دربار ۾ .

پريم کان پوءِ پوڙي يا ڏاکوَ آهي **پگتيءَ** جو. جيکو پگتي ڪمائي پگوان جو سچو **پگت** ٿيندو، سوئي ان جو درشن لاڀ ڪري سگهندو. شاستڙن ۾ ٽن قسمن جي پگتيءَ جو بيان آيل آهي ؛ پر انهن ٽن قسمن جي پگتيءَ جو ٿورن لفظن ۾ مختصر مطلب جيڪڏهن لکجي تہ اُهو هي ٿيندو :- "لوڪ ۽ پرلوڪ يعني بنهي جهان جي سکن جي خواهش ڇڏي هڪ پرماتما جي درشن جي اِڇا رکي انجو سمرڻ يا ذڪر ڪرڻ، اها آهي پگتي يا عبادت." جڳن ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ پڻ چيو آهي: جيکي سچا پگت يا عابد آهن سي "راج يوگ، سکم سرگ جي اِڇا رکن ڪانہ." يعني اهي سچا پگت راجائي سکن، ڀلڪ سرگ يا بهشت جي سکن جي بہ چاهنا نٿا رکن.

چاهه مٽي چنتا گئي ، منوا بي پرواهه ؛
جن کو ڪچھو نہ چاهيئي ، سوئي شاهنشاهه .

پگتيءَ کان پوءِ پوڙي آهي **گيان** جي. جيکو پرش سچو گيان پراپت ڪري پورو پورو **گياني** ٿيندو اهوئي دلبر جو ديدار پسي سگهندو. گيان جي معنيٰ

آهي ڄاڻ يا سمجهه. يعني مان ڇا آهيان، آتما ڇا آهي ۽ پرماتما ڇا آهي؟ انهيءَ ڄاڻ کي چئجي ٿو **گيان**. جنهن انسان کي انهن مٿين ٽن ڳالهين جو گيان حاصل ٿيندو، اهوئي آتما ۽ پرماتما کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندو؛ انهيءَ کي ئي خود شناس ۽ خدا شناس چئجي ٿو. جنهن پاڻ کي سڃاتو اهوئي خدا کي سڃاڻي سگهندو ۽ اهوئي مڪت يا آزاد پرش آهي.

پَرُ سڃاڻڻ سٿرو، پاڻ سڃاڻڻ ڏکه؛
اکيون ڏسن پَرَ کي، پنهنجو ڏسن نه مکه؛
بنا ڏٺي پنهنجي، ڪڏهن ملي نه سکه؛
دلپت اُلٽي ڏسين مکه، ته سائين ملي ئي دم ۾.

که بي علم نتوان خدارا شناخت.

شيخ سعدي چوي ٿو ته بي علم يا اگياني پرماتما کي سڃاڻي ڪو نه سگهندو.

ويدن ۾ پڻ چيل آهي ته "ورتي گيان نه مڪتي" ارٿات گيان کان سواءِ مڪتي ڪانهي. انهيءَ ساڳيءَ سٽ جو ساميءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي: "گيان ورائي گت، ڪنهن جي ٿئي ڪين ڪي."

سچي ڀڳت يا گيانيءَ ۾ ڪهڙا گڻ هئڻ گهرجن تنهنجو بيان سري ڪرشن ڀڳوان جيڪو گيتا ۾ ڪيو آهي سو پڙهندڙن جي فائدي لاءِ هيٺ لکيٿو:-

ڀڳت يا گياني ۽ جا لڇڻ.

١- جو ڪنهن به ڀيد ڀاو يعني جات پات يا اوچ نيچ جي خيال کانسواءِ دکي جيون تي سدائين ديا ڪري ٿو.

٢- جنهن آپو يا خودي تياڳي ڇڏي آهي.

٣- جو سمجهي ٿو ته سڀڪجهه پرماتما ڪرڻ وارو آهي.

٤- جنهن پنهنجي من ۽ اندرين کي جيتيو آهي.

٥- جو اندر توڙي ٻاهر هميشه پوتر رهي ٿو.

٦- جو پنهنجي دوشن يعني عيبن جي دور ڪرڻ ۾ سدائين ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

٧- جو سکن کي پراپت ڪري خوش نٿو ٿئي ۽ نڪي سکن جي وڃڻ ڪري دکي ٿو ٿئي.

٨- جو متر توڙي شتروءَ کي هڪ درشٽ سان ڏسي ٿو ۽ مان توڙي اپمان ۾ هڪجهڙو رهي ٿو.

٩- جنهن کي پنهنجي سريشٽ گڻن يعني چڱين خصلتن جو اڀمان نه هجي.

١٠- جنهنجو هميشه پرماتما تي ڀروسو هجي.

جنهن پرش ۾ مٿيان گڻ آهن اهوئي پورو ڀڳت ۽ سچو گياني ٿي سگهي ٿو. جيڪو گياني آهي اهوئي **سنياسي** ٿي سگهي ٿو. سنياسي ڇاکي چئجي تنهنجو بيان ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ ڪيو آهي.

سنياسيءَ کان پوءِ هن آتم پد کي پهچڻ جي ڏاڪڻ جا جيڪي ٽي ڏاڪا **آتما، جوت** ۽ **انهد شبد** جا

آهن، تنجو پوريءَ طرح بيان ڪرڻ تمام مشڪل آهي؛ ڇاڪاڻ جو اهي انڀيءَ ۽ اڀياس جون ڳالهيون آهن. ساميءَ چيو آهي:-

دوست جو ديدار، ڪامل آهي ڪهڙو؟
چيو وڃي نہ منهن سان، ازغيبي اسرار؛
نڪو روپ نہ رنگ ڪو، نڪو انگ آڪار؛
جڏهن ملندءِ يار، تڏهن پوندءِ سڌ سروپ جي.

گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

روپ نہ ريکہ، رنگ ڪڇ، ترہ گن تي پرڀو ڀن؛
تسهہ ٻجهائي نانڪا، جس هووئي سہ پرسن.

سو جن پنهنجي اندر ۾ پيهي روح رهاڻ ڪئي هوندي ۽ پنهنجي اندر ۾ اُها آتم جوت يعني روحاني روشني يا خدائي نور ڏٺو هوندو ۽ انهد جي جهڻڪار ٻڌي هوندي، تنکي ئي انهن ڳالهين جي پوري پروڙ پئجي سگهندي؛ زبان سان يا لکڻ سان سمجهائڻ تمام مشڪل آهي.

اها جوت يا خدائي نور هرهڪ جيوَ بلڪ هرهڪ وستوءَ جي اندر موجود آهي. گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

جات مهہ جوت، جوت مهہ جاتا، اَڪل ڪلا ڀرپور رهئا.

ارٿات - ساري سرشٽيءَ ۾ تنهنجي (پرماتما) جوت وياپڪ آهي ۽ تنهنجيءَ جوت ۾ ساري سرشٽي سمايل آهي. تنهنجي قدرت جي ڪا ڪل ئي ڪانهي ۽ تون پريپورن يعني قادر مطلق آهين.

پر انهيءَ نور جو ديدار انهيءَ کي ٿيندو جنهن جي دل صاف هوندي ۽ جنهنجي اندر ۾ پريم يا عشق هوندو. مولانا روميءَ چيو آهي :-

آئنہ دل چوُن شوَد صاف وَ پاک ؛
نقش هاءِ بيني ، برون از آب و خاک .

مطلب - جڏهن دل جو آئينو يا آرسي صاف ۽ پوتر ٿئي ٿي تڏهن پاڻ ۾ ٿوڙي مٽيءَ مان اهي نقش يعني اها جوت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تنهنجو مطلب ته هر هڪ شيءِ ۾ خدائي نور جو ديدار ٿيندو.

سامیءَ چيو آهي :-

بنا پاکائيءَ پاک ، کنهن پاتو کينکي ؛
سمجهي کو **سامي** چئي ، محبتي مشتاق ؛
چڙهي جنهن عرش تي ، ٻڏو وحدت واڪ ؛
چڏي سنسو ساک ، جدا ٿيو جهان کون .

آتما يا روح ڇا آهي ؟ آتما جوتي يا نور آهي ۽ اندر ۾ جيکو انهد شبد ٻڌڻ ۾ اچي اهو قدرتي يا خدائي آواز آهي .

صوفي مٽي موجب اندر ۾ چار استان يا منزلون آهن:
(۱) ناسوت (۲) ملکوت (۳) جبروت (۴) لاهوت .

هندو يوگ شاستر موجب اندر ۾ ڇهه چکر يا منزلون آهن . (۱) گدا چکر (۲) لنگ چکر (۳) نابي چکر (دن وت) (۴) هردي چکر (دل وت)

(٥) ڪنٺ چڪر (ڳچيءَ جي مڻڪي وٽ) (٦) ترڪٽي يا تربيڻي (اکين جي مٿان ڀرن جي وچ ۾). انهن ڇهن چڪرن يا منزلن کانسواءِ ستون آهي دسوون دوار، جو تارونءَ وٽ آهي. انهن ڇهن چڪرن مان هرهڪ چڪر جو پنهنجو پنهنجو ديوتا يا مالڪ آهي ۽ پنهنجي پنهنجي قسم جو آواز ۽ جدا جدا رنگ جي جوتي يا روشنائي آهي. جو انسان جنهن به چڪر يا منزل جو ڌيان ڪري ٿو انهيءَ کي انهيءَ چڪر جي ديوتا جو درشن پراپت ٿئي ٿو ۽ انهيءَ چڪر جي روشنائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ اتي جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پر آتما يا روح جو درشن دسوين دوار ۾ ئي ٿئي ٿو.

گرو نانڪ ۽ ڪبير صاحب ۽ ٻين ڪيترن سنتن پنهنجن ٻاڻين ۾ پنجن شبدن جو بيان ڪيو آهي يعني هنن جو چوڻ آهي ته هرهڪ انسان جي اندر ۾ قدرتي پنجن قسمن جا آواز آهن جي اٺئي پهر پيا وڄن. جئن سامي چوي ٿو ته "اٺئي پهر وڄي ٿي، مرلي من-موهن جي."

گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

واجي پنج شبد تت گهر سڀا ڳي؛
گهر سڀا ڳي شبد واجي، ڪلا جت گهر ڌاريئا؛
ڪهي نانڪ سڻهه سنتو، شبد ڌرو پئارو.

ماڻهو ڇوتا وڃن؟ کڙي ڳالهه آهي جا انهن کي ڇڪيو اوڏانهن ونيو ٿي وڃي؟ اهو راڳ ۽ روپ ئي آهي جنهن ماڻهن کي اهڙو مست ڪيو آهي ۽ ڪيڏي نه انهن ماڻهن کي انهن راڳن ۽ روپن مان خوشي ٿئي ٿي! تڏهن ڇا اندر جا راڳ ۽ روپ انهن جڙتو راڳن روپن کان گهٽ مست ڪندڙ ۽ خوشي ڏيندڙ آهن؟ انهن اندرين راڳن، روپن ۽ نظارن ۾ جيڪا مستي، خوشي ۽ آنند آهي تنهنجي بيان کرڻ جي کنهن کي به شڪتي ڪانهي.

سامي۽ ڇيو آهي ته "گونگو کائي ڳڙ، ڪشڪي مشڪي ڪينڪي." گرو گلابداس ڇيو آهي ته:- "گونگي جيون منائي کائي، سواد نه تانکا ورنو جائي." پگٽ نامديو ڇيو آهي ته "گونگي مها امرت رس چاکيا، پوڇي کهن نه جائي هو." سو هي۽ گونگي واري منائي کائڻي آهي، انجي آنند جي بيان کرڻ وقت زبان بند آهي؛ کو اندر ۾ پيهي اهي نظارا پسي ڏسي. بصره جي شهر ۾ بيبي رابع بصريه هڪ مشهور پگٽياڻي ٿي گذري آهي. هڪڙي ڀيري آسمان ۾ جهڙ اچي ٿيو. ڏاڍي وٽندڙ هير پي لڳي ۽ ڪرن مان ٿوري ٿوري بوند پي وسي، مطلب ته ڏاڍو دلڪش نظارو هو. انهي۽ وقت بيبي رابع بصريه اندر کوني۽ ۾ پنهنجي ڌيان يا مراقبي ۾ ويٺي هئي. سندس سنگين مان کنهن

هن کي چيو تہ بيبي صاحبہ اندر اونده ۾ ڇا ويني
کرين؟ باهر تہ اچي ڏس تہ ڇا نہ نظارا لڳا پيا آهن؟
بيبي صاحبہ اندران جواب ڏنو تہ تون انهن باهرين نظارن
تي حيران ٿي ويو آهين پر اندر پيهي ڏس تہ اتي ڪهڙا
نہ اسرار لڳا پيا آهن! سو هت ڳالهين کرڻ جي جاءِ
نہ آهي. کو اندر ۾ پيهي اهو مزو ماڻي ڏسي.

اهو جيڪو اندر ۾ آنند پراپت ٿئي ٿو تنهن کي سامي
ءِ ٻيا سنت **آتم آنند** يا **برهم آنند** سڏين ٿا. اندر
جا نظارا پسي آتما جو درشن کرڻ، تنهن کي **آتم پد**
چون ٿا. آتمانند ءِ آتم پد جو ساميءَ پنهنجن سلوکن ۾
گهڻا ڀيرا ذکر کيو آهي. اهو آتمانند پراپت کري
انسان پنهنجو پاڻ ڀاڄيو وڃي. هن کي دنيا جي تہ
ڇڏيو پر پنهنجي سريرَ جي بہ سڌ نٿي رهي. جڏهن
انسان اهڙي اوستا ۾ اچي ٿو تڏهن ان کي بيخوديءَ
يا سماڌيءَ جي اوستا چئجي ٿو. انهيءَ پد کي پهچي
پرماتما سان ملي هڪ ٿيڻ کي مڪتي يا نروان چون ٿا.
مڪتيءَ جي معنيٰ آهي آزادگي، يعني اُها اوستا جتي
ماڻهو سکن دکن، وشين وڪارن، چنتائن ڳڻتين، کوڙ
پاکنڊ وغيره کان آجو ٿي آنند ءِ شانتي پراپت کري
ٿو. کي ماڻهو چوندا آهن تہ انسان مرڻ کان پوءِ
مڪت ٿي سگهندو؛ پر اها ڳالهہ پوري نہ آهي. مڪتي
جيئري ئي پراپت کرڻي آهي. جنهن جيئري مڪتي

يا نجات حاصل ڪئي اهو مرڪان پوءِ به مڪتي حاصل ڪري سگهندو.

آخرين پوڙي يا ڏاڪو آهي **اندر جو ڳجهه نه سمجهڻ**. سامي چوي ٿو ته جن انهيءَ جوتي سروپ پرماتما جو درشن ڪيو آهي سي اهو ڳجهه عام طرح ڪنهن کي به ڪين بڌائيندا آهن. اهي درشن پائي اندر ۾ پيا موجون ماڻين ۽ آنند پائين؛ پر باهر ٻاڦ به ڪين ڪيڏن. جيڪي پگتيءَ جو ظاهري ڏيکه ڪن ٿا ۽ ڪواڙ کن يا ٻتاکون هڻن ٿا اهي اڃا ڪچا آهن. تنهنڪري سچي ست پرشن ۽ درويشن جو اهوئي چوڻ آهي ته جيترو پاڻ لڪائي پگتي ڪندا ۽ اندر جا راز لڪائيندا اوترو وڌيڪ آنند پراپت ڪندا.

شاهه پٽائيءَ چيو آهي:-

۱- سڪ وڏوئي ٿوڪ، پر لڪ تهان ئي اڳرو؛
تان ڪي لڪي نه لوڪ، متان وصالان وڃي پوي.

۲- وڃي رس وڃ ڪي، وڃ پڻ وڃاءِ؛
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لڪيان پڻ لڪيج تون.

۳- سڪ سڪائي سڪ، سڪ نه آهي سٽري؛
اڪ لڪوٽي لڪ، ته ڪن خبر نه ٿئي.

۴- نهائين ڪون نيٺهن، سڪ منهنجا سپرين؛
پري راتو ڏينهن، باهر ٻاڦ نه نڪري.

ڪيترا ماڻهو ڀڳتي ڪندا آهن ڏيکاءَ واسطي. انهن جي من ۾ اها خواهش رهندي آهي ته ماڻهن کي خبر پوي ته مان به ڀڳت آهيان. انهيءَ ڏيکاءَ جي چاهنا سان جيڪو به ڀڳتي ڪري ٿو تنهنکي پرماتما جي پراپتي ڪانه ٿيندي ۽ نه اهو سچو سکه ۽ آنند پراپت ٿيندو. جيتوڻيڪ ائين آهي ته جيڪو سچو ڀڳت آهي يا جنهن پرماتما جو درشن پراپت ڪيو آهي سو لڪڻ جو ڪونه آهي. جئن رجب نالي مهاتما چيو آهي :-

ڀڳت ڪري پاتال ۾، پرگهٽ هو آڪاس؛
رجب تينون لوڪ مين، ڇپي نه هرڪو داس.

سو سچي ڀڳت جي ضرور پڌرائي ٿيڻي آهي پر مطلب ڇا آهي ته از خود پنهنجي پڌرائي يا مشهوري جي چاهنا اصل نه رکجي.

ساميءَ چيو آهي :-

ساڌ نه سڏائيج، هيءَ ترڪڻ تکي اَٿي؛
هن ڀرم ڀلايا ڪيترا، سا پنڊ سرون لاهيج؛
سمجهي تون سامي چئي، منهن مڙهيءَ پائيج؛
لوڪ نه لکائيج، ته واقف ٿئين ورُونهن جو.

جيڪو به انسان مٿي بيان ڪيلن پؤڙين جي پوريءَ طرح پيروي ڪري، ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهندو

ويندو، ان کي اوس پرماتما جي پراپتي ٿيندي.
جيڪڏهن ڪنهن به هڪ انسان مٿين پوڙين تي چڙهي
سڪو سڪ، آنند ۽ شانتي پراپت ڪئي ته مان پنهنجو
پورهيو سڦل سمجهندس.

اوم شانتي

شيوا ۾
واڌو هل هولچند

سامیءَ جا چونڊ سلوڪ

معنيٰ ۽ مختصر مطلب سان.

اوم

ساميءَ جا چونڊ سلوڪ
معنيٰ ۽ مطلب سان

(پرماتما سرو وياپڪ يا خدا هر جاءِ حاضر)

١- پرميشر پرتڪ، **ساميءَ** سورج جان رهي؛
انڌا ڏسن ڪينڪي، پٽي پنهنجي اکه؛
ڪوه ڪرين جڪ جڪ، ٿو در در ديوانن جان.

٢- انڌا ڪين ڏسن، پرتڪ پرميشر کي؛
ڀرم منجهه ڀُلي ڪري، ڀوندو جان ڀٽڪن؛
ستهه سِڌ سهي ڪيو، **ساميءَ** سجاگن؛
رتا رنگ رهن، دئيت وڃائي دل جي.

٣- پاري ۾ پاڻي، تئن وياپڪ وسي سڀ ۾؛
سوکم سَنڌِ پرينءَ جي، ڪنهن ڄاڻائي ڄاڻي؛
ساميءَ سماڻي، تَنهنجي سُرت سروپ ۾.

٤- ويد پران قران ڪو، سڀني ۾ هڪ سوُت؛
سمجهي ڏس **ساميءَ** چئي، لائي من مضبوط؛
جئن آڪاس گهٽن ۾، تئن سڀ ۾ ساکي ڀوت؛
ڪو آتم وت اوڌوت، سمجهي هن سخن کي.

٥- اکين منجهه آهين، اکيون عجيبن جون؛
جتي ڏسان نيڻ ڀري، تتي واجهائين؛
مٿون پاند مهر جو، هڪ لحظو نه لاهين؛
لنؤ لنؤ لکائين، درسن دردوندن کي.

٦- محل منجهه آهين، سوڌا تنهنجا سُپرين؛
لڪيا ڇپيا ڪينڪي، ٿا ٻڌن ڳالهائين؛
جي منهن مڙهيءَ پائين، واقف سي ورونهن جا.

٧- نڪو ڪوه، نه اڌ ڪوه، نڪو پير پري؛
جاني جهروڪن ۾، ٿو **سامي** سڏ ڪري؛
جنهن کي ڪرل ڪن پيو، تنهن ڏٺا نيڻ ڀري؛
موهي ذوق ذري، سا پلڪ پراهون نه ٿئي.

٨- **سامي** سڀ ديدار، اٿيئي عجيبن جو؛
ڏسي ٻڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻ هار؛
نرآڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.

٩- پرميشر پورن، چيٽي ۽ ڪنچر ۾؛
جاءِ ڏٺيسين ڪانڪا، آتم ري اُورن؛
ٿيئڙو چت چورن، **سامي** ڏسي سروپ کي.

١٠- اندر ٻاهر رام، **سامي** جنهن سهي ڪيو؛
مٽي تنهنجي من مون، ٻي سڀ خودي خام؛
ڪياءِ ڪلپت ڪڍي ڪري، انڀيءَ منجهه آرام؛
ڀري ڪين سلام، در در ديوانن جان.

۱۱- انڀيءَ عاشق، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
سو **سامي** ڏسي سپرين، اندر ٻاهر هڪ؛
ڏيئي تت تلڪ، سيل ڪري سڀ باغ جو.

۱۲- سڀ کي سنت چون، ٺاڪر اٿئي گهر ۾؛
انڌا ڏسن ڪينڪي، ڪوڙا قصا ڪن؛
اڻ هوندي درياءَ جي، وه ۾ نت وهن؛
ڪي گرمکه لعل لهن، **سامي** جڙي سروپ سان.

۱۳- پري نهارڻ پرينءَ کي، هي ڀي ڄٽن سنڌو ڄاڻ؛
سائين توهي ساڻ، راتيون ڏينهن روحل چوي.

۱۴- سرگڻ ۾ نرگڻ، ورلو ڪو گرمکه لکي؛
سامي جنهنکي ستگروءَ، پاتو گيان انجن؛
ڪڍي ميل منن، سوڌو رهي سڀاءَ ۾.

۱۵- عاشق آرامي، رهن ديس ملار ۾؛
جتي اُڃ نه بکه ڪا، نڪا ڌوم ڌامي؛
سدائين **سامي**، سنمکه ڏسن سپرين.

۱۶- ستگر جو اُپڪار، ڪهڙو ڳڻيا مکه سان؛
جنهن لکايو گهر ۾، ساکي سرجڻ هار؛
وسيو ميگهه مهر جو، لنؤ لنؤ کلي بهار؛
سامي سڀ سنسار، سماڻو سروپ ۾.

١٧- ڪاريگر ڀاري، **ساهي** مليو ستگرو؛
جنهن ممت مٽائي من جي، لنؤ لنؤ سڀ ٺاري؛
سڀ گهٽ ڏيکاري، مورت محبوبن جي.

١٨- رهي هوت حضور، **ساهي** سڀڪنهن جي؛
ڀرم ۾ ڀلي ڪري، مورکه ڄاڻن ڏور؛
راتيون ڏينهون مرم ري، مرن سنسي سور؛
چڙهي پڪي پور، ٿيا مقابل محبتي.

١٩- **ساهي** الکه اپار، من ٻڌ واڻيءَ کون پري؛
وياپي رهيو وس ۾، ساکي سرجڻهار؛
ملي ساڌ سنگت سان، تون غصي کي غار؛
ته دوست جو ديدار، ڏسين هن اکين سان.

٢٠- خالي منجهه خلق، خالق سڀ خلق ۾؛
سمجهي ڪو **ساهي** چئي، ورلو جن هڪ؛
مهر ڪري مالڪ، جنهن تي پرچي پاڻهي.

٢١- ڏٺي رنگه ڀري، مورت محبوبن جي؛
جيڻ مرڻ دکه سکه جي، آپدا سڀ ٽري؛
ساهي جئي ٺري، سمهيو سکپت سيج تي.

(سلوڪن جو تاڪپرچ)

مٿين سلوڪن جو تاڪپرچ يا مختصر مطلب هي آهي :-
ته پرماتما سورج وانگر ظاهر يا پڌرو آهي ؛ پر جيڪي انڌا يعني اڳياڻي يا مورکه جيو آهن ، جن جون اندر جون يعني گيان جون اکيون بند آهن سي اندر جون اکيون کولي ، پرماتما کي نٿا ڏسن ؛ اهي پرمن ۽ سنسن ۾ قاسي مورکن وانگر پيا پڪن . جيڪي سڃاڻ يعني گياني پرش آهن سي پرماتما کي سچاڻن ٿا . جهڙيءَ طرح پاري (اڇو پاڻيانو ڏاتو) ۾ پاڻي سمايل آهي ۽ ان کان جدا نٿو ٿي سگهي ، تهڙيءَ طرح ايشور به هن سڄي سرشٽيءَ ۾ سمايل آهي ؛ پر اها سڌ کنهن کامل مرد جاتي آهي ۽ اهڙي پرش جي ورتي سندر سروپ پرماتما ۾ سمائجي يا ملي ويئي آهي . وير ، پران ۽ قران سڀني جو چوڻ آهي ته سڀني ۾ هڪ خدا موجود آهي ، جهڙيءَ طرح آڪاس يا پولار هرهڪ چيز ۾ موجود آهي . اهي جيڪي پرمي پرش يا عاشق لوڪ آهن سي جيڏانهن نهارين تيڏانهن انهن کي پرين ڏسڻ ۾ اچي ٿو .

جڳ **شاهه عبداللطيف** چيو آهي :-

۱- ايڪ قصر ، در لکه ، کوڙين سهس ڳڙڪيون ؛
جيڏانهن ڪريان پرڪ ، تيڏانهن صاحب سامهون .

۲ـ سو هي ، سو هو ، سو اجل ، سو الله ،
سو پرين ، سو پساهه ، سو ويري ، سو واهرو .

۳ـ سوئي هيڏانهن ، سو هوڏانهن ، سوئي من وسي ؛
سوئي سو پسي ، تنهين سندي سوجهري .

۴ـ سائي صورت عين کي ، سائي صورت غين ؛
سهن نقطا دور کرو ، تہ اوءَ عين کي عين .

اسان جي اندر ۾ اهو پيارو وسي ٿو ، پر جيڪي اندر ۾ جهاتي پائين ٿا انهن کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو . پرماتما اسان کان هڪ وڪ به پري ڪونہ آهي ؛ هي سڀ ديدار انهيءَ جو آهي . هو ڪٿيءَ کان وٺي هاڻيءَ تائين سڀني جيون ۾ موجود آهي ؛ هن کان سواءِ ڪابہ جاءِ خالي ڪانهي ؛ جن انهيءَ سهڻي سردار جو ديدار ڪيو آهي سي سدائين پريم ۾ مست رهن ٿا .

(ستگر يا ڪامل مرشد)

١- ستگر جهڙو شاهه، ڪونه ڏٺوسين ڪاٿهين؛
پرچي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڌن اٿاهه؛
نڪي پڇيائين جات پات، نڪي پڇيائين راه؛
ڪري من اچاهه، **سامي** ڇڏيائين ڇن ۾.

٢- ستگر پرکه سڄاڻ، رکيو هٿ مٿي تي؛
مٽي ويئي من مون، **سامي** کنچا تاڻ؛
وسيو ميگهه مهر جو، ڀريا نينهن نياڻ؛
اچي ويٺا پاڻ، سنمکه منهنجي سپرين.

٣- جنهن ڏي نهاري، **سامي** پورو ستگرو،
تنهنجي مهر ميا سان، لنئن لنئن سڀ ٺاري،
تار منجهون تاري، ڏيئي هٿ همت جا.

٤- اهڙي ڪير ڪري، **سامي** بنا ستگروءَ؛
ڀڳت جوڳه ويراڳه جا، ڏئي ڀنڊار ڀري؛
انڀيءَ جوت اندر ۾، ستهه سڌ ٻري؛
پلڪ نه ٿئي پري، رمتا رام اکين کون.

٥- پرچي پياري، ستگر سُرڪي سچه جي؛
اچي اجگئبي چڙهي، خالص خماري؛
کلي پيئي پاڻهين، بيحد جي ٻاري؛
خودي خواري، **سامي** ميٽي سم ٿيو.

٦- ستگر من ناريو، تتو ڪوت جنم جو؛
ڏيو ٻاري گهر ۾، ناڪر ڏيکاريو؛
ساهي نواريو، اوديا روڳ اندر جو.

٧- گيان پرڪاشي گر، اچي ملیو اوچتي؛
تنهن لڪايو لک سان، نڪر ۾ ناڪر؛
ڪري من اڪر، **ساهي** ڇڏائين ڇن ۾.

٨- جنهن کي ڪانُ ڪشي، ستگر هنيو شبد جو؛
سو در در ديوانن جان، پل پل پرين پسي؛
هسي روئي حال ۾، ڪنهن کي ڪين ڏسي؛
ساهي تت وسي، جتي هار نہ جيت ڪا.

٩- آندو آتاري، ستگر پنهنجي گهر ۾؛
ڏيو ڏنائين هٿ ۾، ٻيائيءَ ري ٻاري؛
نانت نواري، **ساهي** ڇڏائين ڇن ۾.

١٠- پنت کي پاون، **ساهي** ڪيو ستگروءَ؛
پرچي ڏنائين پنهنجو، نج نرمل درسن؛
ٽٽڙو من امن، اوديا ڪلپت نہ رهي.

١١- ستگر ڏيکاري، هيرو ڏنو هٿ ۾؛
ڇپائين ڇيتن ڇي، نڙي نهاري؛
پرڪائي پورن ڪون، تن من سپ ناري؛
ساهي سنياري، رکي دل ديليءَ ۾.

١٢- جنهن تي رکيو هٿ، **سامي** پوري ستگروءَ؛
ڪيو تنهن ڪلپت ري، پرچي پرکارٿ؛
چيت مٽائي چت جي، ٿيو سوکم سمرٿ؛
پائي پد اڪٿ، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

١٣- عجائب اپڪار، **سامي** ڪيو ستگروءَ؛
ڏنو جنهن پريم پريت جو، ستهه پيالو سار؛
پيئندڙي من پتيو، لنؤ لنؤ ٿي گلزار؛
دوست جو ديدار، ڏٺو دل درپڻ ۾.

١٤- ڪامل ڪرم ڪيو، تڏهن اکيون کلي آئيون؛
ڏسي پانهنجي پاڻ کي، سيتل من ٿيو؛
سنسو آتم جيءَ جو، سو وچون سڀ ويو؛
ڀاسي ڪين ٻيو، **سامي** چئي سروپ ري.

١٥- سمجهه ۽ صدق، جنهن کي ڏنو ستگروءَ؛
سي خاصا خلوت دار ٿيا، هردم ڏسن هڪُ؛
توڙي رکن لِڪُ، ته ڀي **سامي** لِڪن ڪينڪي.

١٦- جنهن کي ڏنيِ لَکَه، ستگُر سُکه اگم جيِ؛
مٽيا تنهنجي من مون، **سامي** چئي سڀ پَکه؛
نارائڻ کون نِمکه، پرچي پاسو نه ڪري.

١٧- مورکه کي گياني، **سامي** ڪيو ستگروءَ؛
ڀري هنيائين پريم جي، ڪرپا سان ڪاني؛

رهي نہ رتيءَ جيتري، نانت ناداني
جاڳائي جاني، ڏيکاريائين ڏيل ۾.

١٨- ستگر ڇڏايو، **سامي** اوديا ڏکہ کون؛
رکي هٿ مٿي تي، گهر وٺي آيو؛
لنؤ سان لکايو، اندر ٻاهر آتما.

١٩- ستگر لَکائي، آتم جوت اکين سان؛
بنا بادل جل جي، ورکا وسائي؛
اوديا ميل اندر ۾، رهي نہ رائي؛
وڃائي وائي، **سامي** چڙهيو سيج تي.

٢٠- ستگر ڏيکاريو، در پڻ ۾ مکہ پنهنجو؛
اوديا ڀرم اندر جو، کڻ ۾ نواريو،
سامي چئي ٺاريو، ننهن چوٽيءَ تاءِ جيءَ کي.

٢١- ستگر صفائي، ڏني دل در پڻ کي؛
انهد مورت انڀيءَ، درشٽ ۾ آئي؛
مٽي ويئي من مون، ٻانڀڻ چئي ٻيائي؛
سهجي سمائي، بوند وڃي سِر سير ۾.

٢٢- ڪسنگہ ڇڏائي، سوئي ساڌو ستگرو؛
ڏيئي گڻ هر ڀڳت جا، اوگڻ مٽائي؛
انترمکہ جوڙي ڪري، اوديا پٽ لاهي؛
سامي لکائي؛ آتم پد اکين سان.

(سلوڪن جو تاتپرج)

سچي ستگروءَ يا ڪامل مرشد جهڙو بادشاهه اسان ڪٿي به ڪونه ڏنو؛ جنهن راضي ٿي اصلي يا آدي بيشمار خزانو ڏنو؛ ائين به ڪونه پڇيائين ته ڪهڙي ذات جو آهين ۽ ڪٿان آيو آهين؟ جنهن تي پوري گروءَ جي ديا ٿي آهي تنهنجي دل مان سڀڪنهن قسم جو مونجهارو نڪري ويو آهي ۽ انجي سامهون پرين پيارو اچي بيهي ٿو. انجي رڳ رڳ ۾ شانتي ڇائنجي وڃي ٿي ۽ انهيءَ کي پورو ستگرو هن ڀؤ ساگر مان تاري پار ڪري ٿو. ڀڳتي، جوڳ ۽ ويراڳ جو خزانو ڏئي ٿو؛ ۽ اندر ۾ جا گيان جوت پيئي ٻري، ان جو درشن ڪرائي ٿو. اندر جي دري کلي پوي ٿي؛ جنهنڪري خودي ۽ اهنڪار اندر مان نڪري وڃي ٿو ۽ سم درشٽي پيدا ٿئي ٿي. جنمن کان وٺي پاپ ڪرمن ڪري جو انسان جو اندر جلي رهيو آهي سو ستگروءَ جي ديا سان اهو تتل هردو ٺري سيتل ٿئي ٿو. اندر ۾ گيان جو ديپڪ جڳائي پرينءَ جو درشن ڪرائي ٿو. گيانوان گرو پنهنجي مهر سان ٺڪر ۾ يعني هرهڪ وستوءَ ۾ ٺاڪر جو ديدار ڪرائي ٿو. جنهن ڪري سڀ ڀرم سنسا، دکه

۽ ڪليش نورت ٿي وڃن ٿا ۽ سچو آنند پراپت ٿئي ٿو.
جن کي ڪامل مرشد اپديش روپي تير هنيو آهي سي
پريم ۾ مستانا ٿيو وڃن ۽ انهن کي هر هنڌ پنهنجو
پرين پيارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جئن مجنوءَ کي هر هنڌ
ليلي ئي ڏسڻ ۾ آئي؛ اهي عاشق پنهنجي حال ۾
مست ٿي ڪڏهن روئن پيا ته ڪڏهن کلن پيا؛ پر
پنهنجي اندر جو حال ڪنهن کي ڪين ڏسين، ته اسان
سان کڙي ويڙن آهي؛ هنن جو من اتي وسي ٿو، جتي
هنن کي نفعي نقصان ۽ هار جيت جو ڪو به خيال
ڪونہ آهي. جيڪي ڪامل مرشد آهن سي پنهنجي
مريد کي ريجهائي ۽ دنيا کان من هٽائي پنهنجي اندر
۾ جهاتي پائڻ سيکارين ٿا؛ ۽ گيان روپي جوتيءَ سان
هنڌجي اندر جي اونده ۽ بيائي کڏي ڇڏين ٿا.
اهي سچا گرو پاپين کي به پوتر بنائين ٿا ۽ ڏڻيءَ
جو خاص ديدار ڪرائين ٿا. سچا مرشد گيان روپي
هيرو هٿ ۾ ڏين ٿا ۽ پنهنجي شش جو اندر ناري
سيتل ڪن ٿا.

(مورکہ)

١- مورکہ ٿو ماري ، پنهنجي هٿين پاڻ کي ؛
لڳي مايا موه جي ، ڪوڙي لنو لاڙي ؛
ڏسي نہ سا سروپ کي ، **سامي** سنڀاري ؛
گپڻ منجهہ گاري ، ٿو هيرا لعل اڻ ملها .

٢- پنهنجو پاڻ مري ، ٿو مورکہ جُي منن ۾ ؛
جئن ڀولو ڀرم ۾ ، ڦاٿو مٺ ڀري ؛
جاڳي اوديا ننڊ مون ، ڪري نہ پٽ پري ؛
ستگر مهر ڪري ، تہ **سامي** ڇٽي دکہ کون .

٣- ڀلي پاڻ ڀٽي ٿو ، مورکہ چهڙيءَ چاه سان ؛
گهٽ وڌ ڄاڻي پاڻ ۾ ، راتيون ڏينهن پٽي ؛
تڏهن ڇوت مٽي ، جڏهن **سامي** ملي سروپ سان .

٤- جئن سنکہ ڪري داهان ، نت درد ري ؛
سامي سکہ ساگر کون ، ڄاڻي پاڻ پري ؛
تئن مورکہ مت ري ، ممتا منجهہ مري ؛
ڏسي نہ ڌير ڌري ، ستہ سڌ سروپ کي .

٥- مورکہ چوراسي ، ڀلي پوبن ٿو پاڻهي ؛
اوديا جي اهنڪار جي ، پائي ڳل ڦاسي ؛
سامي سداءِ رهي ، مد ۾ مواسي ؛
الٽي ابناسي ، ڏيو نہ ڏسي ڏيد ۾ .

٦- مورکہ ڪين هٽي، ڪوڙ ڪپٽ پر پنچ کون؛
مانکہ ديہ امول کي، ٿو ساگر منجهہ سٽي؛
ٿو هر لائي گهر ۾، **ساهي** انب پٽي؛
موتن ساڻ مٽي، ٿو وٺي ڪچ ڪروڙ جو.

٧- مورکہ وڃائي ٿو، هيرو جنم هٿن مون؛
ملي ساڌ سنگت سان، ليکي نہ لائي؛
ڏاور جيان پاڻ کي، ٿو ڦندري ڦاسائي؛
منہ مڙهيءَ پائي، **ساهي** ڏسي ڪين ڪي.

٨- گهر ۾ ڪين اچي، مورکہ ساڌ سنگت ري؛
اوديا نوڙ ڳچيءَ ۾، پائي نت نچي؛
سهسن ۾ **ساهي** چئي، ڪو ورلو رنگہ رچي؛
جنہ کي گور سچي، ٻيڌيو ٻاڻ هڻي ڪري.

٩- گهر ۾ رام وسي، ٻاهر ڍونڍي جيُ نت؛
پائي منهن مهراڻ ۾، **ساهي** ڪين پسي؛
پنهنجو پاڻ ڦسي، ٿو مورکہ اوديا ڦاس ۾.

١٠- مورکہ وِکہ کائي، ٿو آتم امرت کي ڇڏي؛
هيرا لعل اڻ ملها، ٿو رولي وڃائي؛
ساهي ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي؛
هٺ ڪيو هاري ٿو، مانکہ ديہ امول کي.

١١- راتيون ڏينهن پِٽي، ٿو مورکہ جيُ مرم ري؛
ملي چاه چمار سان، پنهنجو پاڻ پَٽي؛

بنا ساڻ سنگت ري، ممت ڪين مِٽي؛
ساهي ٽڏه ڇٽي، جڏهن جاڳي جڙي پاڻ ۾.

١٢- محل منجهي آهين، سڏاتورا سپرين؛
هيڏي هوڏي هٽڙا، مورکه ٿا پائين؛
پاڻ پلائي پنهنجو، ٿا در در ليلائين؛
سمجهي سمائين، ورلا ڪي وسرام ۾.

١٣- هوندي ڏن خوار، مورکه ٿين مرم ري؛
پٽي ڏسن نه پريم سان، **ساهي** دسوون دوار؛
جنهن ۾ اڪٽ پنڌار، رهي سداءِ سهج جو.

١٤- مورکه جيءَ خراب، ڪيا ڪلپت پنهنجيءَ؛
جنمي مري جم ڪي، هر هر ڏين حساب؛
ڪوڙين مون ڪوهڪڙو، ڪري خوشيءَ سان خواب؛
جنهن ڪي شوق شراب، **ساهي** ڏنو ستگروءَ.

١٥- وڏو وڇوڙو، مورکه پاڻ پرين کون؛
ڏيئي وينو گهر ڪي، اوديا جو اوڙو؛
ساهي رکي ڪينڪي، محبت ڏي موڙو؛
پڌي نه پوڙو، دانهان در در وندن جون.

١٦- پنهنجو پاڻ حوال، مورکه جيءُ مندو ڪيو؛
رکي چاه اندر ۾، در در ڪري سوال،
ساڻ رکي پرت پال، تنهنکي ڏسي ڪينڪي.

١٧- هئي هئي ڪوه ڪرين، مورکہ من جي ڀاءِ تون؛
اڻ هوندي سنسار جي، ممتا منجهہ مرين؛
ڏسي سار سروپ کي، ڌيرج ڇونہ ڌرين؛
سو **ساهي** پري پرين، ڪنہ کون آهي ڪينڪي.

١٨- مورکہ ڪن خوار، چوراسي ۾ پاڻ کي؛
اڳهين رلين ڪيترو، هاڻي ٿيُ هوشيار؛
ملي مهد جنن سان، پنهنجو ڪر اڌار؛
ههڙو سمو سار، **ساهي** لهندين ڪينڪي.

١٩- مورکہ من جي ڀاءِ، ڪوءِ ڪرين ٿو ڪلپنا؛
ڪنهن پد پاتو ڪينڪي، سچي سڪ سواءِ؛
سمجهي تون **ساهي** چئي، انتر مکہ لنوَ لاءِ؛
تہ لنوَ منجهہ لکاءِ، مورت محبوبن جي.

٢٠- ڪوڙا گهر م گهاٽ، مورکہ من جي ڀاءِ تون؛
ملي ساڌ سنگت سان، وٺ ويساهون واٽ؛
تہ کولي بجر ڪپاٽ، ڪامل ڏيني ڪل سان.

٢١- ڪوڙا ڪم نہ ڪر، مورکہ من جي ڀاءِ تون؛
اٿئي اوديا سنڌ جي، ڏاڍي لوڀ لهر؛
وچن ساپرسن جو، جاڳي هرڌي ڌر؛
تہ حاضر ڏسين هر، **ساهي** چئيئي سڀ ۾.

(سلوڪن جو تاتپرج)

سامي چوي ٿو ته جيڪي مورکه يا اگياني لوڪ آهن، سي پاڻيهي پاڻ کي دکي ڪري رهيا آهن؛ هو ڪوڙيءَ دنيا جي موهه ۾ ڦاسي سکه جو ساگر جو پرماتما آهي تنهن کي نٿا ڏسن ۽ هي امولڪ مانکه جنم اجايو وڃائي رهيا آهن. جهڙيءَ طرح ڪنهن دليءَ يا دکيءَ ۾ ڀڳڙا پيا هوندا آهن ۽ باندر لالچ جي وس ٿي پنهنجا ٻئي هٿ ان ٿانؤ ۾ وجهي ٻئي مٺيون ڀڳڙن سان ڀري ڪڍندو آهي پر دکيءَ جي منهن سوڙهي هئڻ ڪري هو ٻئي مٺيون ڪڍي ڪين سگهندو آهي ۽ ڦاسي پوندو آهي پوءِ دانهون ڪيڪون ڪندو آهي، تئن هن مورکه جيؤ به، ڀولڙي وانگر پاڻيهي پاڻ کي ڦاسايو آهي ۽ پوءِ پيو دانهون ڪري؛ انهيءَ دکه کان ڪو ڪامل مرشد پنهنجي ڪرپا ڪري ڇڏائي ته پوءِ هي جيوُ ڇٽي سگهي ٿو. هيءُ اگياني جيوُ، پاڻ کي خواهشن ۽ واسنائن ۾ ڦاسائي ڀٽڪي رهيو آهي؛ سو انهيءَ دکه کان تڏهن ڇوٽڪارو پائي سگهندو، جڏهن هن جو پنهنجي ڌڻيءَ سان وصل ٿيندو. جئن سنکه يا ناد بنا دکه سور جي دانهون پيو ڪندو آهي؛ تئن مورکه جيوُ به ٻيائيءَ ۽ خوديءَ ۾ ڦاسي دکه جون دانهون ڪري رهيو آهي ۽ پرماتما جو سکه جو ساگر آهي ان ڏانهن

نٹو وڃي. هيءُ اڳياڻي جيوُ، پنهنجي اصل سروپ کان ڀلجي جنم مرڻ جي چڪر ۾ قاسي رهيو آهي ۽ اندر ۾ جا ناس نہ ٿيندڙ جوت ٻري رهي آهي، ان کي نٹوڙ سي. ڪوڙ، ڪپٽ، پاپ ۽ دنيا جي جھنجھٹ کان پاڻ کي ٻري نٹو ڪري ۽ امولڪ مانڪ جنهر سمنڊ ۾ ٻوڙي رهيو آهي. هيءُ مورکھ ڪوئڙي وانگر پاڻيهي پاڻ کي قاسائي رهيو آهي ٻر ساڏن جي سنگھ ۾ رهي اندر ۾ جھاتـي پائي ٻرين پيارو نٹو پسي. پرماتما انسان جي اندر ۾ وسي ٿو، پرهيءُ مورکھ ان کي باهر ٻيو ڳولي؛ آتم آنند جو امرت يا آب حيات ڇڏي زهر کائي رهيو آهي. آتم ڌن يا روُحاني خزانو هن انسان وٽ آهي ٻر بيوقوف انسان انهيءَ ڌن هوندي بہ خوار خراب ٿي رهيا آهن. اهو آتم ڌن جـو خزانو ڏسوين دوار ۾ رهي ٿو. ان دروازي کي ٻريم سان کولي اهو خزانو هٿ نٹا ڪن.

(اوديا)

١- سارو جڳ جکي ٿو، اوديا جي اهنڪار ۾؛
جاڳيو جوڳي جيءَ ۾، ڪلپت ڪانه رکي؛
اندر ٻاهر آتما، **ساهي** سم لَکي؛
بيحد بوند چکي، اَٺئي پهر آڪاس جي.

٢- **ساهي** سوئي ڪر، جنهن ۾ ڪرڻو نه رهي؛
اوديا پنڊ مٿي تون، گرگم لاهي ڌر؛
ته دوست تنهنجي در، پيهي اچي پاڻيهي.

٣- پرين ڳالهين کون پار، اٿئي ڳالهين جي ڳوٺ ۾؛
ساهي سڪ سچيءَ سان، تون ويهي ڪر ويچار؛
اوديا ڀرم نوار، ته لهين پير پرينءَ جو.

٤- سڀ کي نچائي، ٿو اوديا ڀوت ڀرم جو؛
بنا ڦاهيءَ ڦند جي، ٿو پل پل پِٽائي؛
منتر نه مَني ڪنهنجو، رهيا ٻَلي ٻَلُ لاهي؛
ستگر ڇڏائي، ته **ساهي** ڇُٽي دکه کون.

٥- ڪڍيو جنهن خلل، اوديا جو اندر مون؛
پاتو تنهن پرتيت سان، آتم پد اَچلُ؛
سدائين سيتل، **ساهي** رهي سڀاءَ ۾.

٦- بنا ڏر ڏري ٿو، جڳت مڙيوئي جيءَ ۾؛
اڻ هوندي اوديا ڀوت کي، سهي ڪونه ڪري؛

ورلي ڪنهن گرمڪ ڪيو، پرچي پَٽُ پري؛
ساهي ڏسي ٺري، سڀ چمتڪار چيتن جو.

٧- اوديا رَنَ لُٽي ٿِي، خاص خزانو سڀ جو؛
جوڙي جيئن کي ٻَنڌي؛ گهيرٽ سان گُهٽي؛
پيادا پنج بڇي ڪري، راتيون ڏينهن ڪُٽي؛
ڪو **ساهي** سنت ڇُٽي، ڪري حمايت هر جي.

٨- ڇِنَ ماتر سڪ سار، سمجهو جن **ساهي** چئي؛
مِٽيو تن جي من مون، اوديا جو اهنڪار؛
پائي پد اَپار، پرچا رهن پاڻ ۾.

٩- ڪنهن کون ڪين لهي، اوديا ڪلف اندر جو؛
توڙي تيرٿ تپ ڪري، دڪ بڪ سڀ سهي؛
تياڳ ڪِري گهر ٻار جو، غفا منجهه رهي؛
ساڌوءَ سَرن پئي، ته سُکِي ٿئي **ساهي** چئي.

١٠- اوديا چنڊالِي، ويڙهي ويئي جيءَ کي؛
جوڙي وڌائين واچ جي، اڻ هوندي جالِي؛
نرڀيءِ راڄ کسي ڪري، ڪيائين ڪنگالي؛
ولايت والِي، ڪو **ساهيءَ** تي سايو ڪري.

١١- **ساهي** ڪڍِي جِن، **اوديا** ميل اندر مون؛
سي نرمل سنسار ۾، سدا اليپ رهن؛
چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾، سم روُپ ڏسن؛
لنؤ لنؤ رس پئن، آتم پد اَپار جِي.

۱۲- آتم بُڌ آئي، تڏهن سچي دل درپڻ ٿي؛
اوديا ميلِ اندر ۾، رهي نه رائي؛
ملي مهد جنن سان، لَئو لَئو لِئو لائي؛
ساهي سَمائي، وڃي سُرت سروُپ ۾.

۱۳- ورلو گَسائي، کو محبت سان من کي؛
ملي کاريگر سان، پوئي گل پائي؛
سنسو پرم اندر مون، گرگم وڃائي؛
اوديا پَٽُ لاهي، **ساهي** ڏسي سروُپ کي.

۱۴- عجائب آهي، سنگت ساڌُ جن جي؛
اوديا ميل اندر مون، ڏوئي سڀ لاهي؛
ساهي لَکائي، پنهنجو پاڻ اکين سان.

۱۵- ڪُسنگ ڇڏائي، سو ساڌُ، سو ستگرُو؛
ڏيئي گڻ هر پيگت جا، اوگڻ مَٽائي؛
انتر مکه جوڙي ڪري، **اوديا** پَٽُ لاهي؛
ساهي لکائي، آتم پد اکين سان.

۱۶- **اوديا** اَناري، ڪوڙين کيا کيترا؛
مَنائي مستان ٿيا، **ساهي** سِرُ ڏاڙهي؛
لائي وينا لوڪ ۾، تمع جي تاڙهي؛
ڪلپت ڪهاڙي، هٿن پنهنجي پاڻ کي.

١٧- ڦُرني منجهه سنسار، ڦرنو ڪلپت پانهنجي؛
جئن سپني ۾ سِڌ ٿيو، اڻ هوندو وهنوار؛
سمجهي ڏس **سامي** چئي، تون ڪري سِڌ ويچار؛
ته **اوديا** جو اهنڪار، مِٽي وڃيئي من مون.

١٨- ورلو ڪو آهي، ساڌو جن سنسار ۾؛
جو جڳياسيءَ جي جيءَ جو، سنسو مٽائي؛
اوديا پَٽُ لاهي، **سامي** لکائي سار کي.

١٩- دُکي سڀ سنسار، ڦاٿو **اوديا** ڦاس ۾؛
سکي ورلو ساپرس، ڪڍيو جنهن اهنڪار؛
سامي سرجڻهار، پائي پرچو پاڻ ۾.

٢٠- اِڻ هوندي مايا، **اوديا** ڪري سِڌِ ٿي؛
مَني ويٺو پاڻهين، پنهنجا پرايا؛
سامي ڄاڻي جيءُ سَت، ڪلپت جي ڪايا؛
درخت جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪينڪي.

٢١- اڻ هوندي ڀولي، وڌو جيءُ ڀرم ۾؛
جئن کستوري ناڀ ۾، مرگهه ٻاهر ڦولي؛
اوديا پَٽُ کولي، **سامي** ڏسي ڪينڪي.

٢٢- سڀڪو هٿ هڻي ٿو، **اوديا** منجهه انڌن جان؛
ديهي مَني پاڻ کي، جپ تپ دان ڳڻي؛
ورلي ڪنهن گرمگه کي، انڀيءِ واڪ وڻي؛
جنهن کي پاڻ کڻي، ڏيئي هٿ همت جا.

(سلوڪن جو تاتپرج)

سارو سنسار اوديا يا بي علميءَ جي خوديءَ ۾ ڀرجي اجائي بڪواد ڪري رهيو آهي، ڪو ورلو جوڳي يا مها پرش اندر ۾ جاڳي دنيا جي ڦرڻن يا اجاين خيالن کان پاڻ بچائي ٿو. اهي جوڳي جَنَ اندر ٻاهر هڪ ئي آتما پسن ٿا ۽ اَنئي پهر آتمانند جو مزو ماڻين ٿا. **سامي** چوي ٿو ته گروءَ جو اپديش وٺي اگيان جي ڀَري پنهنجي سِرَ تان لاهي ڇڏ؛ جڏهن تنهنجو اگيان دور ٿيندو تڏهن پرين پيارو تنهنجي گهر ۾ پاڻيهي اچي واسو ڪندو. دلبر جو ديدار ڳالهين ڪرڻ سان ڪونه ٿيندو؛ هو انهن ڳالهين کان پري آهي پر وري اٿيئي به ڳالهين جي ڳوٺ ۾، يعني ملندو به ڳالهين سان؛ يعني اگيان جي ڳالهين سان اجائي بحث مباحثي ڪرڻ سان پرماتما جو درشن ڪونه ٿيندو، پر گيان ۽ ويچار جي ڳالهين سان ئي ان جي پراپتي ٿيندي. تون انهن ڳالهين تي سچي پريم سان ويهي ويچار ڪر ۽ اگيان جا ڀرم يا سنسا دور ڪر، ته پوءِ پاڻيهي توکي پرينءَ جو پتو پوندو. اوديا جو ڀرم روپي ڀوت سڀني کي نچائي يا رلائي رهيو آهي؛ اهو ڀوت بنا ڪنهن رسيءَ يا ڄار جي سڀني کي ڦاسائي دکي ڪري

رهيو آهي، انهيءَ اوديا روپي ڀوت تي ڪنهن جو به جادو ٽوڻو ڪونه ٿو هلي؛ وڏا وڏا جوڌا پنهنجو ٻل هلائي ويا پر ڪو به انهيءَ ڀوت کان پاڻ بچائي ڪونه سگهيو؛ انهيءَ ڀوت کان ڪامل مرشد ئي ڇڏائي سگهي ٿو. جنهن پرش پنهنجي اندر مان اوديا جي خرابي ڪڍي آهي اهوئي پوري ويساه سان نه چرندڙ روحاني درجو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ اهو سدائين پنهنجي اندر ۾ شانت چت رهي ٿو. سڄو سنسار اڻ هوندي اوديا جي ڀوت کان پيو ڊڄي پر سچ پچ اهو ڀوت آهي ڪونه؛ ڪو ورلو گرمکه پرش آهي جو اگيان جي پردن کي دور ڪري پرماتما جي جوتيءَ جو ديدار ڪري آنند ۾ رهي ٿو.

اوديا روپي رَنَ سڀني جو روحاني خزانو ڦري رهي آهي؛ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار اهي پنج ڀوت رات ڏينهن سڀني کي دکي ڪري رهيا آهن؛ ڪو ورلو مهاپرش پرماتما جي ڪرپا سان انهن کان پاڻ بچائي ٿو. جن پرشن سنسار جي سکن کي کن ڀنگر يعني ٿوري وقت لاءِ جٽاءُ ڪندڙ ۽ بي بقا سمجهيو آهي؛ انهن جي اندر مان اگيان جو اهنڪار نڪري وڃي ٿو ۽ اهي پرماتما جو درشن پائي سدائين آنند ۾ رهن ٿا.

(ھـايـا)

١- مايا ڀُلائي، وڌا جيءَ ڀرم ۾؛
سامي ڏسي ڪونڪو، منهن مڙهيءَ پائي؛
جنهنکي اوديا ننڊ مون، ستگر جاڳائي؛
ويهي وڄائي، سو نغارو نرباڻ جو.

٢- مايا سڀ موهي، جيءَ ڪيا وس پنهنجي؛
وڌاءِ وَل ڇل سان، انڌا ٻنڌي ٽوئي؛
پُٺِي ڏيئِي پاڻ کي، ڪن هوئي هوئي؛
آتم ڌن کوئي، مورکہ ويٺا مت ري.

٣- مايا ڪيا موڳا، **سامي** جيءَ جهان جا؛
هڻن وات ويچار ري، اُٺن جان اوڳا؛
جنهين نہ جوڳا، ترڪ چَلائن تِنِ تي.

٤- مايا ڀُلائي، وڌو جيءُ ڀرم ۾؛
پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، ويٺو وڃائِي؛
سپني ۾ **سامي** چئي، ڪوٽ جنم پائي؛
اوديا پَٽُ لاهي، جاڳِي ڏسي ڪينڪي.

٥- مايا ڀلائي، وڌو جيءُ ڀرم ۾؛
اڻ هوندي درياه ۾، غوطا نت کائي؛
سامي ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي؛
ستگر جاڳائي، تہ جاڳي جڙُي پاڻ سان.

٦- وڌا سڀ ونگي، مايا جيءَ ممت سان؛
ڏاڍي ڏائڻ ڏڌري، ڪنهنکون ڪين سنگي؛
ڪو نيهين ويس نڪري، اٽڪل ساڻ اڳي؛
ٽيئي لوڪ لنگهي، **ساهي** وينو سم ٿي.

٧- ڪئي خلق انڌي، مايا موه ممت سان؛
مرگهه ترشنا جي جل ۾، وڃي سڀ وهندي؛
ورلي ڪنهن گرمکه لڌي، ڪرپا ساڻ ڪنڌي؛
ٻانڀڻ جنهن ٻنڌي، پنجئي ڪيا وس پنهنجي.

٨- اڻ هوندي حرڪت، مايا رچي راس ڪي؛
تنهن ۾ لوڪ لُڙهي ويا، مورکه مني مت؛
عاشق چڙهيا اَڇ تي، لنؤ سان هڻي لت؛
ڪَٽي سڀ ڪلپت، سيتل ٿيا **ساهي** چئي.

٩- وڌا سڀ ڪيري، مايا جيءَ محل مون؛
ڇڏياءِ ڇل ول سان، حرص منجهه هيري؛
وينا منهن ڦيري، **ساهي** چئي سروپ کون.

١٠- سارو جگه انڌو، ٿيو مايا جي موهه ۾؛
وجهي وينا پاڻ کي، بنا سمجهه سَنڌو؛
ڪو عاشق چڙهيو اَڇ تي، ڄاڻي ڌور ڌنڌو،
واري کيت کنڌو، **ساهي** مليو سروپ سان.

١١- تياڳي ويراڳي، مايا سڀ مستان ڪيا؛
سامي ڪو ورلي بچو، گرمکہ وڏ ڀاڳي؛
ڏٺو جنهن جاڳي، پنهنجي اکئين پاڻ کي.

١٢- مورکہ هئي هئي ڪن، مايا ڪارڻ من ۾؛
ست ڄاڻي سنسار کي، نانا دکہ سهن؛
ڪال پنهنجي ڪنڌ تي، انڌا ڪين ڏسن؛
سامي هليا وڃن، روئندا رت اکين مون.

١٣- سڀئي حيران، ڏٺا مايا موه ۾؛
ورلو ڪو گورمکہ رهي، سم سيتل نر ٻاڻ؛
جنهنکي آتم گيان، **سامي** ڏنو ستگروءَ.

١٤- ساري خلق خوار، رهي مايا موه ۾؛
اٿندي وهندي نندر ۾، ڪري ڪين قرار؛
ورلو ڪو گورمکہ بچو، **سامي** چئي سچار؛
ڏٺو جنهن ديدار، پنهنجي اکئين پنهنجو.

١٥- مورکہ ميڙن مال، استر ڄاڻي پاڻ کي؛
جپي وٺ جڳديس کي، ڇڏي خام خيال؛
اچي پڇندءِ اوچتو، **سامي** چئي ڪنڌ ڪال؛
ڏسي پنهنجو حال، روئندين رت اکين مون.

١٦- **ٻانڀڻ** ٻنڌ مَ ٺاٺُ، ڪوڙا مايا موه جا؛
کڻي هڻندءِ کڏ ۾، اها ڏائڻ ڏاٺ؛
ڇڏي پوٽيون پاٺ، جاڳي ڏس جڳديس کي.

١٧- ڏرين ڪوه پيار، ٿو ساهي مايا موه سان؛
اٿي سپ اوديا جو، اڃ هوندو اسرار؛
جڳ نانگ نوڙيءَ ۾، سپني ۾ سنسار؛
ڪرين جي خوار، مرگهه ترشنا جي جل ۾.

١٨- ڪوه ڪرين اپياس، ٿو مورڪ مايا موه جو؛
ساهي سپيڻي ڪيا، جنهن رڃ ۾ رولي ناس؛
ملي ساڌ سنگت سان، ڪر باريءَ منجهه نواس؛
نه چيتن چڊ آڪاس، ڏسين پنهنجي گهر ۾.

١٩- چاڪي ميڙين مال، آهين تون پانڌيرو پنڌ جو؛
ڪنهين نيون ڪينڪي، مٽن مون منڊال؛
ير تني جو حال، جن جو ليکو پيو لکن سان.

٢٠- مايا سپ موهي، جيءَ ڪيا وس پنهنجي؛
ساهي سنت اچاه ڪي، سگهي نه جوهي؛
وڏا جنهن کوهي، پنڌيڻي پر پکيءَ جا.

٢١- چاڪي ميڙين مال، ساڃ هلندءِ ڪينڪي؛
بنا نالي نام جي، اٿي جگت جنجال؛
ڇڏي خام خيال، تون جاڳي جپ هر نام کي.

٢٢- ڳهرين ڪوه گهٽي، مورڪ مايا رام کون؛
ويا پنيندا ڪيترا، منهن تي هٿ هٽي؛
تون پي نيندين ڪانگا، ڪوڏي ساڃ ڪٽي؛
سار سنيار ڏٽي، سُکي ٿئين ساهي جيءَ.

(سلوڪن جو تاڪپرڄ)

مايا ڏن کي به چوندا آهن ۽ مايا هن سنسار کي به چوندا آهن. هت مايا بنهي طرحن سان ڪم آيل آهي. **سامي** چوي ٿو ته انهيءَ مايا سچني جيون کي پرمن ۾ پنهلائي ڇڏيو آهي؛ کو به پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي کونہ ٿو ڏسي؛ پر ڪنهن پاڻن واري کي کو پورو گرو ملي جو هن کي اڳيان يا غفلت جي نند مان جاڳائي مڪتيءَ روپي سچو سڪ پراپت ڪرائي. مايا مورکہ جيون کي پنهنجي ولن چلن سان موهي ڪٽي ڪڏ ۾ ڦٽو ڪيو آهي ۽ اهي اڳياڻي جيوَ، پرماتما کان دور رهي پنهنجو روحاني خزانو ناس ڪري دکن کان هاءِ هاءِ ڪري پڪاري رهيا آهن. مايا دنيا جي جيون کي بيوقوف بنائي ڇڏيو آهي؛ جڏن اُٺ ڪنهن به ويچار کان سواءِ سپڪنهن وٽ جي پنن کي کائيندو ويندو آهي تڏن هي مورکہ جيو به، بنا ويچار جي وات پيا هڻن ۽ پاڻ کي سياڻو چاڻي بين مها پرشن تي پيا ترڪ هلائين يعني انهن جي نندا ڪن. مايا هن انسان کي منجهائي سنسن ۾ قاسائي ڇڏيو آهي؛ جنهن ڪري هي جيوَ، پاڻ کي ئي پلجي ويو آهي يعني پنهنجو اَصل وساري ڇڏيو اٽس ۽ اڳيان جا پردا دور ڪري جاڳي پنهنجو اصل نسل نٿو سڃاڻي تہ مان هيءُ سريرَ نہ آهيان پر مان پرماتما يا روح آهيان. هن مايا سچني جيون کي موہ

جي ڦاسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي ؛ انهيءَ مايا روپي ڏائڻ
کي ڪو به جيتي ڪونه سگهيو آهي. سڀڪو هن جي
ڦندي ۾ ڦاسيو ٿو وڃي ؛ ڪو ورلو پريمي جَنُ ڪنهن
اٽڪل سان انهيءَ ڏائڻ کان پاڻ بچائي نڪري ٿو وڃي.
ڪي ورلا گرمکه پرش آهن جي ڪام، ڪروڌ، لوڀ
موهه ۽ اهنڪار، انهن پنجن وڪارن کي جيتي هن مايا
کان بچي وڃي پار پهچن ٿا. هن مايا سڀني ماڻهن کي
پنهنجي آتما روپي محلات مان ڪيرائي کڻي هيٺ ڦٽو
ڪيو آهي، ۽ پنهنجن حرفتن سان سڀني کي حرص
حوس ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ؛ جنهن ڪري اُهي مورکه
جيؤ، پرماتما کان منهن موڙي دنيا ۾ ڦاٿا ويٺا آهن.
سڄي دنيا مايا جي موهه ۾ انڌي ٿي پيئي آهي ؛ ڪو
ورلو عاشق يا پريمي آهي جو دنيا جي ڌنڌن کي ڌوڙ
ڄاڻي پرماتما سان ملي هڪ ٿئي ٿو. هن مايا نه فقط
دنيا جي ماڻهن کي حيران ۽ پريشان ڪيو آهي پر ويراڳي
۽ تياڳي پرش به انهيءَ جي ڦندي ۾ ڦاٿا پيا آهن ؛ ڪو
ورلو وڏ ڀاڳي گرمکه انهيءَ مايا کان بچي پرماتما جو درشن
پراپت ڪري ٿو.

(جڳت ناسونت)

١- انڈا پيا اُرجهي، ڪايا مايا ڪُلَ مِ؛
ست جاڻي سنسار ڪي، ڦوڪَ ويا ڦُرجي؛
سامي ڏنو سروپ ڪي، ڪنهن سُجاڳي سُرجي؛
پيتائين پُرجهي، پيالو پريم اگم جو.

٢- اُڏي اهڙا لوڪَ، **سامي** ويا سنسار مون؛
هڪا جنجي هٽ مِ، رِڌِ سِڌِ جهڙا ٽوڪَ؛
ڪال ڪري ٽوسپ ڪي، ڦُري سمي سان ڦوڪَ؛
ٽون ڪئن ماري جهوڪَ، ويٺين وساري رام ڪي.

٣- ڪوڙيءَ لُجهَ مَ لُجهُ، لجهين تان لجهِ لنوَ سان؛
جاڻي جوت جڳت ڪي، گرگم گهر مِ رُجهُ؛
ڪنهن ڪي سَلِ مَ ڳجهِ، ازغيبي اسرار جو.

٤- اهڙا لوڪ لڏي ويا، **سامي** هن سنسار مون؛
جنجي رٽ ڦيٽن سان، ستئي سمنڊ ٽيا؛
مانڪ راکاس ديوتا، پکي وس ڪيا؛
اهڙا سپ ويا، استت رهي نه آدمي.

٥- سپو جڳ فاني، ڏنو جنهن اکين سان؛
پير فقير امير ڪي، ڪال هٽي ڪاني؛
سامي سمجهي ڪونکو، اچرج حيراني؛
ورلي ڪو گياني، ڪٽي ڪال اکال ٽيو.

٦- اَٿي سڀ فنا، جا تو ڄاتي پنهنجي؛
مرگهه ترشنا جي جل سان، ناحق نينهن نه لاءِ؛
جاڳي ڀرم وڃاءِ، ته ساکي ٿئين **ساهي** چئي.

٧- ڪوه ڪرين اڀمان، ڪايا مايا ڪُل جو؛
اِسٿر رهيو ڪونه ڪو، مير مَلڪ سلطان؛
سمجهي ڏس **ساهي** چئي، اَٿي فاني سڀ جهان؛
پائي آتم گيان، ڪلپت ڪڍ اندر مون.

٨- ڪوچ ڪري ويا، سڀيئي سنسار مون؛
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا؛
گياني ڌياني گرهستي، **ساهي** پنڌ پيا؛
سڀي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهو پاڻ کي.

٩- اڻ هوندي اگيان، رچي راند رنگ ڀري؛
ست ڄاڻي **ساهي** چوي، نرت ڪرن نادان؛
مشڪن ڪشڪن ڪينڪي، ڏسي سنت سجان؛
رهن منجهه جهان، سدا اليپ آڪاس جان.

١٠- سڀ جڳه من رچيو، ڪلپت جي ڪلنڪ سان؛
مَني ويٺو پاڻ ۾، اڻ هوندو ڀرم سچو؛
پائي نوڙ ڳچيءَ ۾، راتيون ڏينهن نچيو؛
بلا کون بچيو، جڏهن **ساهي** مليو سروپ سان.

١١- **ساهي** ڄاڻج ڇل، ڪايا مايا ڪُل کي؛
جئن سکه سپني جو، مرگهه ترشنا جو جل؛

جاڳي ڪڍ جيءَ مون، گرگم خاص خلل؛
ڪري جنم سڦل، ملي ساڌ سنگت سان.

١٢- سپني منجهه ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ديس جو؛
هاٿي گهوڙا پالڪيون، ميڙيائين سڀ مال؛
در تي بيٺا ڪيترا، **سامي** ڪن سوال؛
جاڳي اهو حوال، پنندو وتي پنج ڪڻي.

١٣- ڪوڙي ڪلپت ڪري ٿو، وهي جيُ وهڻ ۾؛
جيئن سمهيو سپني ۾، نانا روپ ڌري؛
جاڳي بنا نہ ٿئي، اوديا پٽ پري؛
سامي تڏهن ٺري، جڏهين پرچي ڏسي پاڻکي.

١٤- اڻ هوندو سنسار، ڪلپت ڪري سِڌ ٿيو؛
جئن سپني ۾ سِڌ ٿيو، نانا روپ وهنوار؛
سمجهي ڏس **سامي** چئي، ڪري سڌ ويچار؛
تہ اوديا جو اهنڪار، مِٽي وڃيئي من مون.

١٥- سڀ جڳہ ڪوڙو ڏٺو، بنا نالي نام جي؛
سامي کي ست سنگہ ري، لڳي ڪين مِٺو؛
ڪرمن جو چٺو، ڦاڙي سڀ ڦٽو ڪيو.

١٦- جئن ٻيڙيءَ جو پُور؛ تئن لوڪ ڪٽنب جا؛
جنين منيا پنهنجا، سي ٿيا چڪنا چُور؛
سمجهي پٽ **سامي** چئي، تون اوديا جو انگور؛
بت رکج مُور، متان شاهہ پڇني ليکڙو.

١٧- **سامي** ڄاڻ اَست ، جڳت هي جڳديس ري ؛
سنتن ساپرسن جي ، اٿئي اها مت ؛
سمجهي پريم پرتيت سان ، ڪري سِڌ سنبت ؛
پهچي ڏس تت ، جت ساکيءَ جو سوجهڙو .

١٨- اٿي سڀ اڀاس ، جڳت هي جڳديس جو ؛
جئن سورج چنڊ ۾ ، **سامي** سدا پرڪاش ؛
ڪري ڏس ڪلپت ري ، نئنن منجهه نِواس ؛
ته چيتن چد آڪاس ، حاضر ڏسين هٿ ۾ .

١٩- جنين پاتي مت ، سنتن ساپرسن جي ؛
تنين ڄاتو جڳ کي ، اڻ هوندو ڀرم است ؛
آهي جنهن جي آسري ، سوئي ڏٺائون ست ؛
راتيون ڏينهان رت ، **سامي** رهن سروپ سان .

٢٠- سو ٻانڀڻ ٻڌوان ، جنهن انڀيءَ سار سهي ڪيو ؛
سامي ڄاڻي جيءَ ۾ ، فاني سڀ جهان ؛
چنتا چاهه ڪڍي ڪري ، ٿئي نربل نرٻاڻ ؛
درسن پائي دان ، سدا رهي سنتوکه ۾ .

(سلوڪن جو تاتپرج)

سامي چوي ٿو ته انڌا يعني اَگياني جيوَ، سرير ڌن ۽ ڪٽنب جي موه ۾ مُنجهي يا ڦاسي پيا آهن؛ هو هن دنيا کي ست يا قائم سمجهي مفت ۾ پاڻ ڦرائي رهيا آهن؛ ڪنهن ورلي سجاڳ پرش سچيت ٿي پنهنجي سروپ يعني پرماتما جو درشن پراپت ڪيو آهي ۽ پريم جو پيالو پيتو آهي. هن دنيا مان اهڙا اهڙا لوڪ لڏي ويا جنجي هٿن ۾ رڌين سڌين جهڙيون شيون هيون پر وقت پائي موت انهن کي به ڦري سڃوڪري ڇڏيو؛ پوءِ تون ڪئن هريءَ کي وساري پلٿي ماري ويٺو آهين؟ هن ڪوڙيءَ دنيا جي ڄار ۾ پاڻ کي ڦٿڪاءِ نه، پر جيڪڏهن ڦٿڪين يا لڇين ته پريم يا عشق ۾ ڦٿڪ. هن دنيا مان اهڙا به لوڪ لڏي ويا جنجي گاڏيءَ جي ڦيٿن سان ڌرتي ايڏي کوٽجي ويئي جنهن مان ست سمنڊ پيدا ٿيا؛ جنجي هٿ ۾ نه رڳو انسان هئا پر راڪسن، ديوتائن ۽ پکين تي به انهن جو حڪم هلندو هو. پيرن، فقيرن ۽ اميرن کي به ڪال پنهنجو بَکُه بنايو ڇڏي؛ ورلو ڪو گياني پرش آهي جو ڪال کي ماري امر ٿئي ٿو. هيءَ دنيا رڃ جي پاڻيءَ وانگر آهي، جئن

رچ ۾ پاڻي پريان ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر حقيقت ۾ هوندو
ڪونه آهي، تئن هيءَ دنيا به پاڻيءَ وانگر ست ڏسڻ ۾
اچي ٿي پر سچ پچ آهي ڪانه. انهيءَ بي بقا ۽ اَست
دنيا ۾ پاڻ ڦاسائڻ نه گهرجي. سرير، ڌن ۽ ڪٽنب جو
اڀمان ڇو ٿو ڪرين؟ هيءَ دنيا فاني آهي. مير ۽ سلطان
به هليا ويا؛ تون به هڪ ڏينهن هتان هليو ويندين؛
تنهنڪري بهتر ائين آهي ته اندر مان اجايا خيال ڪڍي
آتم گيان پراپت ڪر، جنهن مان سچو سک مليئي. هن
دنيا مان پير، پيغمبر ۽ اوليا جن پنهنجا مذهب جاري
ڪيا ۽ گياني، ڌياني ۽ گرهستي سڀ لڏي ويا. پوءِ
تون پاڻ کي ڇا سمجهي ويٺو آهين؟ هي سڄو سنسار
من رچت ڪلپنا آهي ۽ هي جيوُ، ڪوڙي موه جي
نوڙي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي، رات ڏينهن باندر وانگر
نچي رهيو آهي. هوُ انهيءَ ڏک يا مصيبت کان تڏهن بچندو
جڏهن پرماتما جو درشن پراپت ڪندو.

(گرمکہ)

١- تياڳي، ويراڳي، مايا سڀ مستان ڪيا.
سامي ڪو ورلو بچيو، گرمکہ وڏ ڀاڳي؛
ڏٺو جنهن جاڳي، پنهنجي اکئين پاڻ کي.

٢- ورلو ڪو مهمانُ، گرمکہ ڄاڻي پاڻ کي؛
جنهن کي هنيو ستگروءَ، **سامي** سيتل ٻاڻُ؛
مَنجهي ديهہ بديهہ ٿيو، ڇڏي پنهنجو پاڻُ؛
سدا سنتن ساڻُ، ميلو ڪري مگهن ٿي.

٣- گورمکہ ڪوڙ ڪپٽ، ڪنهن سان ڪري ڪينڪي؛
سامي جنهنجو ستگروءَ، پرچي لاٿو پَٽُ؛
پرميسر پرگهٽ، وياپڪ ڄاڻي وس ۾.

٤- گرمکہ پَدُ پاتو، انڀيءِ آڪاس جو؛
مَمتا مٽائي من جي، **سامي** رنگہ راتو؛
صاحب سڃاتو، چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾.

٥- هَر جَسُ ٻُڌن، گرمکہ ساڌ سنگت ۾؛
نانَا واڪ ولاس جا، پرچي پاڻ چون؛
ٻُنڌي ٻُنڌائي سڀ جو، **سامي** ڪارج ڪن؛
سدا سم رهن، استٿ آتم پد ۾.

٦- گرمکَہ گَهِر گنڀيرَ، رتا رهن رنگَہ ۾؛
ممت وڃائي من جي، ٿيا **سامي** نرمل نيرَ؛

گڏيا رهن سپ سان، پين کنڊون کيرَ؛
وڃي چڙهيا سيرَ، لهريون کُنُ لنگهي ڪري.

٧- ليکي منجهه آهن، سيءِ جيءَ جهان جا؛
گرمکه ليکي کي چڏي، پير اڳي پائين؛
ساهي لئو لائين، وڃي انيءِ جي آڪاس ۾.

٨- سهسين کن صلاح، ٿا گرمکه سکه گروءَ جا؛
جني لڏي لَکَه سان، آتم پد جي راه،
پائي پرماتم کي، ٿيا بي غم بي پرواهه؛
ساهي رهن اڇاهه، ساکي ٿي سنسار ۾.

٩- هوندي بل نربل، ورلو کو گرمکه رهي؛
ساهي ساڌ سنگت جو، جنهن کي لڳو قل؛
ساکي ڏسي سڀ ۾، نب جان نرمل؛
سدائين سيتل، رهي پنهنجي حال ۾.

١٠- سنتن ساڻ ملي، گرمکَ سارُ سهي کيو؛
ساهي رهي سماڌ ۾، سداءِ ملي؛
گاوين رامکلي، چيتن چد آڪاس ۾.

١١- سدائين مهمانُ، گرمکه جائي پاڻ کي؛
ڏنو جنهن گر گيان سان، فاني سڀ جهان؛
کايا مايا کُل جو، رکي نه اپمان؛
پائي پد نربانُ، **ساهي** رهي سپاءَ ۾.

۱۲- مايا منجهه اداسُ، ورلو ڪو گرمکه رهي؛
جو درشٽ مان سنسار کي، نهچي ڄاڻي ناسُ؛
ساهي ساڌ سنگت جو، وٺي ڀنؤر جان واسُ؛
جئن گهٽن ۾ آڪاسُ، تئن ساکي ڏسي سڀ ۾.

۱۳- گرمکه ڪوڙ ڪپٽُ، ڪنهن سان ڪري ڪينڪي؛
ساهي جنهنجو ستگروءَ، پرچي کوليو پَٽُ؛
پرميشر پرگهٽُ، وياپڪ ڏسي وِسِ ۾.

۱۴- ديهي نه ڄاڻي، گرمکه پنهنجو پاڻ کي؛
چيتن سار سروپ کي، گرگم سڃاڻي؛
مَمِت مٽائي من جي، موجان نت ماڻي؛
سمهي پٽ تاڻي، **ساهي** سکپت سيج تي.

۱۵- گرمکَه پد پاتو، انڀيءَ آڪاس جو؛
مَمت مِٽائي من جي، **ساهي** رنگه راتو؛
صاحب سڃاتو، چيٽي ۽ ڪنچر ۾.

۱۶- گرمکه گُڻُ کڻي، **ساهي** سڀ ڪنهن جو؛
اوديا جي اهنڪار جا، ليکا ڪين ڳڻي؛
آتم لَکَه سهِي ڪري، سڀ جو داس بڻي؛
ورلي ماءُ ڄڻي، ڪا اهڙا پُتر انڀيءَ

۱۷- هَٿُ ڪڍيو آهي سنتن، سؤدي سارَ جو؛
جو گرمکه پورو، سڪ سان وڃي وِهائي؛

تَنُ مَنُ ڏيئي تِن کي، سچ پليءِ پائي؛
جُڳہ جڳہ ٿو کائي، **سامي** کُٽي ڪينڪي.

۱۸- گرمکہ موڙي من، **سامي** لائيو لکہ ۾؛
بنا سار وچن جي، ڪنهن کي ڏئي نہ ڪَنُ؛
پاتائين پرچي ڪري، انڀيءِ آتم ڌن؛
سدائين پرسن، رهي اليپ ڪنول جان.

۱۹- گرمکہ جي گادي، انل جان آڪاس ۾؛
هار جيت دکہ سکہ کون، اگم الحدي؛
چڙهي تنهن چونڪيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي؛
لڌائين آدي، **سامي** سکہ سروپ ۾.

۲۰- گرمکہ ڇِپي ڪين، جنهن جو پَٽُ پري ٿيو؛
توڙي دُربل پنگلو، ڪوٽ ڳنڍيون ڪوپين؛
پنجئي ماري پنهنجا، تنهن **سامي** ڪيا اڌين؛
سدا رهي لي لين، انڀيءِ جي آڪاس ۾.

۲۱- توڙي لکہ لڳن، چاٽان حرف حساب جون؛
گرمکہ ڳاهڪ گڻ جا، پلڪ نہ پاسو ڪن؛
ڀلو ڄاڻي پنهنجو، سنمکہ سدا رهن؛
سامي سمجهيو جن، پڪو پير پرينءَ جو.

۲۲- اَٺ ئي پهر پَلن، گرمکہ پنهنجي پاڻ کي؛
سامي سم ويساه سان، پنجئي دوت دسن؛
اندر ول ولن، ٻاهر ٻاڦن ڪين ڪي.

(سلوکن جو تاتپرج)

سامي چوي ٿو ته دنيا جي موهه ۾ سيئي انسان مست آهن يعني دنيا ۾ ڦاٽا پيا آهن؛ خود کيترا تياگي ۽ ويراگي پرش، جن ظاهري دنيا کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي اهي به دنيا جي چار کان ڇٽل ڪونه آهن. ڪو وڏن نصيبن وارو گروءَ جي اپديش تي هلندڙ پرش، دنيا جي چار کان ڇٽل رهي ٿو. اهو گرمکه کهڙي قسم جو آهي جنهن جي اندر ۾ گيان جي جوتي جاڳي آهي ۽ انهيءَ گيان دواران هن پنهنجو پاڻ کي ارڏات پنهنجي آتم کي سچاتو آهي؟ ورلا کي گرمکه آهن جي پاڻ کي هن دنيا ۾ مزمان ڪري سمجهن ٿا يعني ائين چاٽن ٿا ته اسين هن سنسار ۾ ٿوري وقت واسطي آيا آهيون ۽ اسان جو وطن ڪو ٻيو آهي. انهن جي هردي ۾ پوري گروءَ اپديش روپي سيتل تير هنيو آهي؛ اهي پنهنجي خودي ۽ ديهه جو ممت ڇڏي مهاپرشن جي سنگه ۾ خوش گذارين ٿا. جيڪي گرمکه آهن سي ڪنهن سان به نيڪي ۽ دولاب ڪونه ڪن چاڪاڻ ته ڪامل مرشد انهن جي خودي ۽ بيائيءَ جا پردا دور ڪري ڇڏيا آهن، جنهن ڪري هو هرهڪ چيز ۾ پرماتما کي ڏسن ٿا. پوءِ هو ڪنهن سان ڪوڙ ڪپٽ ڪن؟ جيڪي سچا شش يا مريد آهن سي موهه ۽ خودي ڇڏي هميشه پريم ۾ رتل

رهن ٿا ۽ گيان روپي آسمان ۾ پهچي ڪئلي ۽ هاٿيءَ ۾ هڪ صاحب جو ديدار ڪن ٿا. اهڙا گرمکہ پرش سنتن جي سنگہ ۾ رهي پرماتما جي ساراهہ جا خوشي ڏيندڙ وچن پاڻ بہ ٻڌن ٿا ۽ ٻين کي بہ ٻڌائي انهن جا ڪارج راس ڪن ٿا ۽ پاڻ پنهنجي آتم پد يا روحاني منزل تي سديو قائم رهن ٿا. گرمکہ پرش اندر مان خودي ۽ غير گند ڪڍي گنگا جل وانگر اُوجل رهن ٿا. اهي پرماتما جو درشن پراپت ڪري بي غم ۽ بي پرواهہ رهن ٿا. اهي اهڙي شڪتي حاصل ڪندي بہ پاڻ کي نربل سمجهن ٿا يعني خودي نٿا رکن ۽ سدائين شانت چت رهن ٿا. اهي هميشہ ڌڻيءَ جي ڌيان ۾ رهن ٿا ۽ خوشيءَ جا راڳ ڳائين ٿا. ورلا ڪي گرمکہ آهن جي دنيا کان اُداس رهن ٿا ۽ انکي فاني سمجهن ٿا ۽ ڀونئري وانگر واس وٺي سڀ ڪنهن هنڌ پرماتما پسن ٿا.

(مانڪہ ديهہ)

۱- ڪنهن ورلي کي آهي؛ قدر مانڪہ ديهہ جو؛
ڏٺو جنهن گرگيات سان، منهن مڙهيءَ پائي؛
ممتا مِٽائي، سکي ٿيو **سامي** چئي.

۲- ورلي ڪنهن قدر، ڄاتو مانڪہ ديهہ جو؛
اچي مليو اوچتو، جنهن کي غيبي گر؛
تنهن مٽايس من جي، **سامي** هُرُ کُرُ؛
هَرِ ڏسي حاضرُ، چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾.

۳- ورلو ڪو ڄاڻي، قدر مانڪہ ديهہ جو؛
سامي جنهن کي ستگرو، انتر مکہ آڻي؛
صاحب سڃاڻي، چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾.

۴- ورلو ڪو ڄاڻي، قدر مانڪہ ديهہ جو؛
جو ملي ساڌ سنگت سان پَسريو گهر آڻي؛
ڏسي سڀ سنسار کي، ڇاڻيءَ ۾ ڇاڻي؛
سامي سڃاڻي، جاڳي پنهنجو پاڻ کي.

۵- امولڪ آهي، مانڪہ ديهي دٻ رتن؛
کنيو ڪوڙ ڪَلر ۾، ٿو مورکہ ملائي؛
امرت ڇڏي هٿ مون، وِگسي وِڪُہ کائي؛
منهن مڙهيءَ پائي، **سامي** ڏسي ڪينڪي.

٦- مانک جنم امولڪ، ڪنهن پاتو پُورن پُن تي.
سو ڀوساگر جي ڀيڙ ۾، ريڙهي ڪَرِم رولُ؛
سامي سنتن سان ملي، لهه آتم پد اڏولُ؛
هر هر اهڙو ٽول، هٿ ايندءِ ڪينڪي.

٧- ناحق وڃائين ٿو، مورک مانک ديهه کي؛
سامي سنتن سان ملي، ليکي نه لائين؛
ڄاڻي ست سنسار کي، روئين ۽ کائين؛
ٻُڪَ ڀري لائين، ٿو مِٽي پنهنجي منهن ۾.

٨- مانک ديهه اُتم، ڪنهن پاتي پورن پُن تي؛
سامي چئي تنهنجو، رکي من مرم؛
اَٿي بي قيمت جو، هڪڙو هڪڙو دم؛
ڇڏي ڪلپت ڪم، جاڳي جپج نام کي.

٩- ورلي ڪنهن ڄاتو، قدر مانک ديهه جو؛
جنهن ملي ساڌ سنگت سان، منهن مڙهيءَ پاتو؛
سامي چئي سروپ کي، ستهه سڃاتو؛
واري خط کاتو، جئندي ويٺو جم سان.

١٠- هيرو جنم نه هار، مورک من جي ڀاءِ تون؛
ملي ساڌ سنگت سان، اوديا ڀرم نوار؛
پنهنجو پاڻ سنڀار، ته سکي ٿئين **سامي** چئي.

١١- هيرو جنم نه هار، مورک جيءَ مرم ورائي؛
ٿو چار وڃائين ننڊ ۾، ڪوڙ ڪپٽ ۾ چار؛

ڏسي ڪال قهار کي، رئندي زارون زار؛
ساجهرُ سارُ سڀار، **سامي** چويئي ساڌ سنگ.

١٢- انڌا ڪن اعتبار، ڪايا مايا ڪل جو؛
ست ڄاڻي سنسار کي، کپي ٿين خوار؛
رهي اليپ آڪاس جان، ڪو ساڌو جن سچار؛
جنهن کي سک قرار؛ **سامي** ڏنو ستگروءَ.

١٣- مانک جو اوتار، ڪنهن مليو پورن پُنُ تي؛
تنهنجي ڪريان ڪيتري، وڏائي وستار؛
سهسن ۾ **سامي** چوي، ڪو ڄاڻي سنت سچار؛
ڪيو جنهن ديدار، گرگم پرچي پنهنجو.

١٤- ويئي سا ويئي، باقي رکه رهت سان؛
سامي سپرين کي، اندر پَسُ پيهي؛
مانکا ديهي، موٽي ايندي ڪينڪي.

١٥- پرين وسن پار، من ٻڌ واڻي ڪرم کون؛
هيڏي هوڏي هٿڙا، مورکه انڌ نه مار؛
پيهي پنهنجي گهر ۾، گرگم ڏيو ٻار؛
هيرو جنم نه هار، **سامي** چئي سمجهه ري.

١٦- نانا نهارين، مورکه من جي ڀاءِ تون؛
چئي هڪ زبان سان، سڀ کي ڏيکارين؛
گهر پنهنجو نه ڏسين، **سامي** سنڀارين؛
حرفت ڪيو هارين، هيرو جنم هٿن مون.

۱۷- نام نہ نھارین، پائي منھن مڑھيءَ ۾؛
جنم پاتيءَ جگت ۾، سو حرفت کيو ھارين؛
مورکہ ٿو مارين، تون پنھنجي ھٿين ڀاڻ کي.

۱۸- کايا کوٽ ڪچو، آھي منارو متيءَ جو؛
آھي ساہ سڙيو ۾، تنھن جوڙي راس رچو؛
جنھن کي لڏو تن مون، سو ڀيري کون ٻچو؛
ڪِري ٿيو ڪچو، ڇڏھن ويو ساہ سڙيو مون.

۱۹- ڀُلي سڀ سنسار، ڏيھي مَني ڀاڻ کي؛
جنمي مڙي ڏکہ سھي، ڇڏي نہ اھنکار؛
ورلي کنھن گرمکہ کيو، واستو جو ويچار؛
ڏسي ساکي سارُ، سنمکہ ٿيو **ساھي** ڇڻي.

۲۰- وڃي ٿي گڏري، آرجا ھن ھٿن مون؛
سمجھي ڏس **ساھي** ڇڻي، تون ڪري دل اُجري؛
موت کنڊءِ مُجري، اڃي ڪِري اوڇڻي.

۲۱- راتيون ڏينھن ڇِڪي ٿو، ڇڙھيو کال کلھن تي؛
سمي ساڻ سيکنھن کي، نيندو ساڻ ڏکي؛
ڏاريو جنھن سڙيو کي، سو استر کين ڪِکي؛
ٽوڙي وڃي لِکي، کو **ساھي** لنکا کوٽ ۾.

(سلوڪن جو تاتپرج)

سامي چوي ٿو ته هي جو مانش جنم اسان کي مليو آهي سو امولڪ جنم آهي، جنهن کي اشرف المخلوقات چيو وڃي ٿو. اهڙي مانڪ ديهه جو ڪنهن ورلي انسان کي قدر آهي، جنهن گروءَ کان اپديش وٺي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجي آتما جو درشن ڪيو آهي ۽ پنهنجي خودي وڃائي سچو سک حاصل ڪيو آهي. جنهن انسان کي ڀاڳن سان ڪو پورو گرو ملي ويو آهي، انجي سکيا سان هن جي من جي سڀ چنتا يا اپانڌ مٽجي ويئي آهي ۽ پرماتما کي، ڪئليءَ کان وٺي هاٿيءَ تائين، سڀ وستوءَ ۾ حاضر ڏسي ٿو. جنهن پرش کي هن مانش جنم جو قدر آهي، سو پنهنجو جنم دنيا ۾ اجايو نٿو وڃائي پر هومهاپرشن جو سنگ ڪري پرماتما، جو هر جاءِ وياپڪ آهي، تنهنجو پنهنجي اندر ۾ ديدار ڪري ٿو ۽ پاڻ کي سڃاڻي ٿو ته مان اصل ڇا آهيان. هيءَ مانڪ ديهي رتنن ۽ جواهرن کان به وڌيڪ قيمتي آهي پر اهڙي امولڪ وستو، هيءُ مورکه جيوُ، دنيا، جا ناسونت ۽ ڪلر مثل آهي، جنهن ڪلر مان ڪجهه به

ورڻو ڪونہ آهي، انهيءَ جي پنيان اجائي وڃائي رهيو آهي، ۽ امرت کي ڇڏي خوشيءَ سان زهر کائي رهيو آهي. هيءُ انساني سريرڪن وڏن پڇن ۽ شپ ڪرمن ڪرڻ سان پراپت ٿيو آهي، سو هن خوفناڪ دنيا جي لاءِ پاپ ڪرمن ۾ رلائي خراب نہ ڪر. مها پرشن جي صحبت ۾ رهي نہ چرندڙ آتم پد پراپت ڪر چاڪاڻ تہ هڏي امولڪ ديهہ توکي بار بار ڪانہ ملڻي آهي. اي مورڪ انسان! تون هيءَ پنهنجي مانڪ ديهي اجائي برباد ڪري رهيو آهين ۽ درويشن سان ملي ڪنهن سڃائي ڪم ۾ نٿو لڳائين؟ هن دنيا کي استت يا قائم سمجهي روئين ۽ ڪائين پيو. اجايون تڪليفون ۽ دڪ پيو سهين ۽ مٽيءَ جا بڪ پري پنهنجي مٿان پيو وجهين ارتات اجايا بار ۽ بوجا ڪٽي پنهنجي مٿان پيو رکين. هي امولڪ منش جنم آهي جنهنجو هڪ هڪ دم بي بها آهي. انهيءَ جو پنهنجي دل ۾ ڪجهہ مرم يا حياءُ رکہ ۽ اجايا ڪم ڇڏي پرماتما جو سمرڻ ڪري سچو سکہ پراپت ڪر.

(ساڌ سنگت ۽ ست سنگ)

١- وڃي پؤ ڪري، **ساهي** ساڌ سنگت ۾؛
ديکيا وٺي دل سان، لنگهي گهاٽ گهري؛
ته سهجي جڳ سپني جو، وڃيئي وسري؛
اچي ڪين ننڊڙي، جنم مرڻ جي دک ۾.

٢- ول ڇل سڀ ڇڏي، اچي ساڌ سنگت ۾؛
سنتن ساپرسن سان، جوڙي جئي گڏي؛
ته وجهني سنت اَڏي، ڏسي سڪ **ساهي** چئي.

٣- بنا ساڌ سنگت، **ساهي** سڌريو ڪونڪو؛
جاڳي ڪڍ اندر مون، ٻي سڀ ممتا مت؛
پائي گيات گروءَ جي، ڪرين اڀيد ڀڳت؛
ته ساکي ڏسين ست، چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾.

٤- ساڌ سنگت جي اوٽ، ودي جنهن ويساه سان؛
ساهي نه چلي ڪنهن جي، تنهن چيتن تي چوٽ؛
کڻي سٽيائين سر تون، پاپ پن جي پوٽ؛
تن ۾ تيرٿ ڪوٽ، پرچي ڪري پرينءَ سان.

٥- جنهنکي رنگ لڳو، **ساهي** ساڌ سنگت جو؛
اٿي تنهنجي گهر مون، اوديا ڀوت ڀڳو؛
ڪيائين صاف سمجهه سان، پڇو ۽ اڳو؛
وڪڻي ڍور ڍڳو، سته مليو سروپ سان.

٦- جنهنکي رس آيو، **سامي** ساڌ سنگت جو؛
تنهن جوڙي من مرم سان، انتر مکہ لايو؛
گرگم سار سهي ڪري، سنسو مٽايو؛
ٺهيو ٺهرايو، سکہ لڌائين سم جو.

٧- مري جنهن مزو، ودو ساڌ سنگت جو؛
سو ستہ سڌ سروپ جو، ڇڏي ڪين ڇجو؛
لئي ڏٺاءِ لکہ ۾، **سامي** جڳہ سڄو؛
توڙي رهي رڄيو، تہ ڀي ڪري بِيکہ بُکين جان.

٨- آهن اگم اپار، راهان رام ملڻ جون؛
تن سڀني ۾ هڪڙي، ساڌ سنگت نج سار؛
سامي مل تنهين سان، ڪري پريم پيار؛
تہ دوست جو ديدار، ڏسين ڀيد ڀرم ري.

٩- رکيو جنهن ناتو، سر تي ساڌ سنگت جو؛
ڀڳت هار ڳچيءَ ۾، پوئي تنهن پاتو؛
سامي سپرين کي، سڀ گهٽ سڃاتو؛
وائي نہ واتو، سيوڪ ٿي سيوا ڪري.

١٠- وڌو جنهن سٽي، پنهنجو پاڻ سنگت ۾؛
سو نڪي واڌي ۾ وڌي، نڪي گهاٽي منجهہ گهٽي؛
بنا چيت چٽي، سلِ الوڻي سم جي.

١١- جنهن کي لڳو ڦل، اچي ساڌ سنگت جو؛
مٽيو تنهن جي من مون، **سامي** سڀ خلل؛

سنڌ سڌ سروپ کون، پاسي ٿئي نہ پل؛
انئي پھر اچل، رھي پنھنجي حال ۾.

۱۲- جنھن دل ڏيئي، **سامي** ساڌ سنگت کي؛
مٿيا تنھن جي من مون، سنسا سيئي؛
ساڌي چڑھيو سر تي، اُروار پار ٻيئي؛
درشت وچي ٻيئي، سنڌ سڌ سروپ تي.

۱۳- جنھن کي آيو رس، **سامي** ساڌ سنگت جو؛
مٿي تنھن جي من مون، کوٽ جنم جي کُسُ،
نرمل نارائڻ جو، ٻندي ٻولي جس؛
خانوند ٻاجھون خس، خالي ڏسي کونکو.

۱۴- جني ڏيئي دل، **سامي** ساڌ سنگت کي؛
سي پرچي ڏسن پوري، جھگي ۾ جھل مل؛
چڑھي رنگ محل، مؤجان کن مت ري.

۱۵- سڏن سودائي، تنھنکي جيءَ جھان جا؛
جنھن سنڌ ساڌ سنگت جي، رج مستک لائي؛
چڑھيو انيئي اڇ تي، وڃائي وائي؛
سامي سڏائين، سنمکھ ڏسي سچ ين.

۱۶- ٻيا سڀ ڪم ڪوڙا، بنا ساڌ سنگت هر ڀگت؛
سامي سمجھن کينکي، مورکھ مت موڑھا؛
کي گرمکھ گوڙھا، پرچا پاڻ کڌي کري.

١٧- جيڪي سرڻ پيا، **سامي** ساڌ سنگت جي؛
تنجا پوري ستگوروءَ، ڪارج سڌ ڪيا؛
ويري متر ٿيا، ممت نہ رهي من ۾.

١٨- جيڪو سرڻ پئي، **سامي** ساڌ سنگت جي؛
سو آتم پد اگم جي، ستہ سڌ لهي؛
راتيان ڏينهن رهي، ارڌ اورڌ جي وچ ۾.

١٩- سمجهي جني سينَ، **سامي** ساڌ سنگت جي؛
سي ممت مٽائي من جي، ٿيا اوڌوتي عين؛
جاڏي کڻن نين، تاڏي ڏسن سپرين.

٢٠- تڪي بيٺس تڙ، ڪنهن پار لنگهائيم ڪينڪي؛
بيکہ گرہ ستي لوڪ، سڀ **سامي** سور سگهر؛
تہ ڪي ساڌ سنگت جي، لنوَ سان وڌيم لڙ؛
سهجي اوديا اڙ، مِٽي ويئي من مون.

٢١- جني لائي خاڪ، سر تي ساڌ سنگت جي؛
سهجي سکہ سروپ جو، ماڻن سي مشتاق؛
ٻڌي جن جا واڪ، سهجي من سيتل ٿيو.

٢٢- جنهين دل ڏيئي، **سامي** ساڌ سنگت ڪي؛
سهجي سپرين جي، تنهنکي سڌ پيئي؛
سنسا سڀيئي، ميٽي ويٺو محل ۾.

(سلوڪن جو تاتپرج)

سامي چوي ٿو تہ تون ساڌن يا مهاپرشن جي شرن وڃي پؤ ۽ سچيءَ دل سان انهن کان اپديش پا سکيا وٺ. انهن کان سکيا وٺڻ سان توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ توکي اهو فائدو ٿيندو جو هيءُ جهان، جو خواب مثل ڪوڙو آهي، سو توکان وسري ويندو ۽ تون جنم مرڻ جي دکہ کان ڇٽي مڪتي پراپت ڪندين؛ ڇاڪاڻ جو جيستائين انسان جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي دکہ پيو ڀوڳيندو تيسين هن کي پورو آرام يا آنند پراپت ٿي ڪين سگهندو. تنهن ڪري تون ول ڇل، ڪوڙ ڪپٽ سڀ ڇڏي سنتن جي شرن اچ. پوءِ اهي سنت تنهنجي سڪ ڏسي توکي پرماتما جو ديدار ڪرائي ان سان ملائي ڇڏيندا. درويشن جي صحبت کان سواءِ ڪوبہ ڪونہ سڌريو؛ تنهن ڪري تون پنهنجي اندر مان آپو ڪڍي، گروءَ کان گيان وٺي، ڪنهن بہ ڀيد کان سواءِ ڀڳتي ڪر تہ پوءِ توکي ڪئليءَ ۽ هاٿيءَ ۾ هڪ پرماتما ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن انسان، شرڌا سان ساڌن جو اجهو ورتو آهي، تنهن کي ڪوبہ دکي ڪري يا رنجائي ڪونہ سگهندو. اهڙي گرمکہ پنهنجي مٿي تان پاپ ۽ پيج جو بوجو لاهي ڦٽو ڪيو آهي يعني هو انهن ڪمن کان نرليپ رهي ٿو ۽ هنجي اندر ۾ انيڪ تيرٿ ۽ پوتر آستان واسو ڪن ٿا. اهي تيرٿ هو خوش ٿي پنهنجي

پرينءَ پياري سان گڏ ڀيٽي ٿو. ٻاهرين تيرٿن تي ڀٽڪڻ جو اُن کي ضرور ڪونهي ڇاڪاڻ جو پوتر دل کان مٿي ٻيو ڪو به تيرٿ ڪونهي. جنهن جڳياسوءَ کي سنتن جي سنگ جو رنگ لڳو آهي تنهنجي اندر مان اگيان دور ٿي ويو آهي ۽ هو آڳو ۽ پيڇو سنڀالي پير کڻي ٿو. دنيا جي ڌنڌن کان فارغ ٿي هو سهجيئي پرماتما سان لين ٿئي ٿو. جنهن کي ساڌن جي سنگ جو مزو آيو آهي تنهن پنهنجي من کي موڙي پنهنجي اندر ۾ لڳايو آهي ۽ گروءَ کان اپديش وٺي پنهنجا سڀ ڀرم ۽ سنسا نواريا آهن ۽ سم درشٽا (يڪ نظري) جو سک حاصل ڪيو آهي. جنهن انسان جيئريئي مري ارٿات پنهنجو آپو وڃائي مها پرشن جو سنگ ڪيو آهي، سو پرماتما جو اجهو نٿو ڇڏي ۽ سڄو سنسار پرميشور ۾ سمايل ڏسي ٿو.

(سنتن جي ست سنگ جو ڦل)

١- اوديا ڪيڙو انڌ، پٽل ڏيئي جيءَ کي؛
اچي ٿيس ڪنهن پُنَ تي، سنتن سان سنڀنڌ؛
ڏيئي تن آنند، **ساهي** جيُ سڄو ڪيو.

٢- پريت اچي پيئي، **ساهي** ساپرسن سان؛
خاص خزانو گيات جو، ڇڏيو تن ڏيئي؛
ويري رهيو ڪونڪو، ٿيا سڄڻ سڀيئي؛
ڀاس ڀلي ويئي، اوديا ڀرم اسار جي.

٣- ڀاڳن ڏنو ڀر، تڏهن سنتن جو سنگ ٿيو؛
جُهد جو جنمن جو، سو سڀ ثاب پيو؛
سنسو آتم جيءَ جو، وچائون ويو؛
پرين پاڻ ڪيو، هيءُ نظر نماڻيءَ تي.

٤- جنهن جنهن پد پاتو، تنهن **ساهي** سنتن سان ملي؛
سنتن ري ڪنهن پاڻهين، سار نه سڃاتو؛
رهي جيُ جنجال ۾، اوديا رنگ راتو؛
گرمک سو گياتو، جو سمجهائي اسمجهه کي.

٥- رکيو جنهن ناتو، سنتن ساپرسن سان؛
تنهن لنگهي مايا موه کون، پورن پد پاتو؛
چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾، صاحب سڃاتو؛
وائي نه واتو، **ساهي** رهي سنتوکه ۾.

۶- لڳي ميخ نہ اُکڑي، هنئين جا هوتن ؛
سوين سونارا مڑيا، لکين لوهارن ؛
انبورن سان اُکري کري، کس نہ کيڏي تن ؛
شابس تن پرين، جن چٹر سان چوري کيڏي.

۷- جني پاتي مت، سنتن ساڻ سن جي ؛
تني جاتو جگ کي، اٹ هوندو پرم اَست ؛
آهي جنهنجي آسري، سوئي ڏنائون ست ؛
راتيون ڏينهان رت، **سامي** رهن سروپ سان.

۸- ملي مهد جن سان، انيئي لئو لائي ؛
اوديا دکہ اندر ۾، رهيو نہ رائي ؛
سهجي سمائي، مايا مڇبون جي.

۹- سنتن سرن پئي، پريمي پريت پرتيت سان،
جاڳ وڃائي پنهنجي، آگيا منجهہ رهي ؛
تڏ گرمي بکہ ديہ جي، سامي سڀ سهي ؛
تڏهين لعل لهي، اموڪ اندر مون.

۱۰- کيڏي پاڻ کرين، سنگت ساڏوءَ جن جي ؛
وڃن امول بڏي کري، هردي منجهہ ڏرين ؛
اوديا سنڊ ترين، **سامي** سم ويساه سان.

۱۱- اها ٹهل کرين، سنتن ساڻ سن جي ؛
ممتا کيڏي من مون، **سامي** پيت ڏرين ؛

ڄاڻ وڃائي پنهنجي، انڀيءَ اجر جرين؛
ته موٽي ڪين مرين، پائي سک سروپ جو.

١٢- سنتن ساڻ هلين، **ساهي** سپرين ڏي؛
وٺي راه ويساه جي، کڻي پير جهلي؛
ڪرين سواري پريم جي، ٻڌين سچ پلي؛
ته اچي پاڻ ملي، اڳيون توسان سپرين.

١٣- ٻيا سڀ ڏيئي ٻن، ڪجي سنگ سنتن جو؛
جي آئي کي آدر سان، پرچي پنهنجو ڪن؛
ذات ورن ڪل ڪرم ڏي، **ساهي** ڪين ڏسن؛
گڏي گڏ ڇڏين، سته سِڌِ سروپ سان.

١٤- سنت سنگ سڦل، جنم ٿيو تنهن جن جو؛
جاڳِي ڪڍيو جِيءَ مون، **ساهي** ممتا مل؛
ڪنهن سان ڪري ڪينڪي، ڪوڙ ڪپٽ ول ڇل؛
سداءِ سيتل، رهي پنهنجي حال ۾.

١٥- ساپرسن جو سنگ، سيتل ڪري سڀ کي؛
ميٺي ڏئي مستڪ تون، ورڌاتا جو انگ؛
وڃِي پڇ تنهين کون، جنهنکي لڳو رنگ؛
ساهي ٿِي سر ٻنگ، ورتي وڌ ويچار سان.

١٦- پرچِي جنهن پياسيءَ، ساڌوءَ جو سنگ ڪيو؛
سهجي ٿيو **ساهي** چئي، تنهنجو پٽ پاسي؛

اندر ٻاهر نڀ جان، ساکي سم باسي؛
ڦري نہ ڦاسي، اوديا جي اهنڪار ۾.

١٧- سنتن سنگ ڪيو، جنهن **سامي** سڪ سچيءَ سان؛
سهجي تنهن جي جيءَ مون، سنسو ڀرم ويو؛
لنگهي پار پيو، اوديا جي آڙاه کون.

١٨- سداءِ سيتل، سنگت سنت جن جي؛
ڪوري سڀ قلوب مون، ڪڍي ممتا مل؛
جوڙي جوت سروپ سان، **سامي** ڪري اچل؛
چڙهيو جن عمل، واقف سي وروه جا.

١٩- ٿيو سنت سنگ، ٻيا سڀ سنگ ڇٽي ويا؛
اچي ازغيبي لڳو، لنؤ لنؤ آتم رنگ؛
ممت مٽائي من جي، **سامي** رهي نسنگ؛
ڇاکي گهمي جهنگ، جنهن گهر ۾ لڌا سپرين.

٢٠- ڏٺي سڀائي سڄ، سنتن ري سنسار ۾؛
مرگهہ ترشنا جي جل مون، **سامي** لٿي نہ اڄ؛
جاڳيا پورن پڄ، تڏهن سنتن جو سنگ ٿيو.

٢١- عجائب آهي، سنگت سنت جن جي؛
اوديا ميل اندر مون، ڌوئي سڀ لاهي؛
سامي لکائي، پنهنجو پاڻ اکين سان.

(سلوڪن جو تاڻپرڄ)

ساهي چوي ٿو تہ هن جيوَ جي اکين جي مٿان اوديا يا اڳيان جا پردا اچي ويا آهن، جنهن ڪري هي انڌو ٿي پيو آهي ؛ پر ڪن ٻڌن يا شب ڪرمن ڪرڻ ڪري هن جيوَ جو، سنتن سان سنگ اچي ٿيو. انهن سنتن يا مهاپرشن هن انسان جي اڳيان جا پردا دور ڪري، ان جون اکيون کولي، سچي سکہ جي پراپتي ڪرائي. جن گرمکن درويشن سان صحبت ڪئي، تن کي انهن درويشن گيان جو خاص خزانو ڏيئي ڇڏيو. اهڙي گيان ملڻ ڪري هن جيوَ جي اندر مان دشمنيءَ جا خيال سب نڪري وڃن ٿا ؛ هن کي ڪوبہ ويري ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي ؛ سب سڄڻ يا پريتم ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اڳيان، سنسا ءِ ناسونت دنيا جا خيال هن جي اندر مان نڪري وڃن ٿا. جڏهن پاڻ کلي ٿو تڏهن سنتن جو سنگ پراپت ٿئي ٿو ؛ جنمن جو پورهيو سڦلو ٿئي ٿو ؛ مان آتما آهيان يا جيوُ آهيان، اهو ڀرم اصل نڪري وڃي يعني هي انسان اڳيان جي ڪري جو پاڻ کي جيوُ يا سريرسمجهيو وينو آهي سو هن جو ڀرم دور ٿي وڃي ٿو ؛ هو مهاپرشن جي صحبت ۾ رهي سمجهي ٿو تہ مان جيوَ نہ آهيان، پر آتما آهيان. اهڙي سمجهہ پيار و پرين انهن نماڻن کي پنهنجيءَ ڪرپا سان بخشيش ڪري ٿو. جن جڳياسن گيان جو درجو يا آتم پد پراپت ڪيو آهي تن سنتن جي

سنگ مان ئي حاصل ڪيو آهي. انهن جي سنگ کان سواءِ ڪنهن کي به انهيءَ سار يا تت جي خبر نه پيئي آهي. مهاپرشن جي صحبت کان سواءِ هيءُ جيوُ اڳيان جي رنگ ۾ رڳجي دکه پوڳي رهيو آهي. جنهن انسان سنتن سان ناتو رکيو آهي تنهن مايا ۽ موه کان پار پئي پورن آتم پد پراپت ڪيو آهي ۽ هو ڪئلي‌ءَ ۽ هاڻي‌ءَ ۾ هڪ پرماتما پسي ٿو. اهڙو پرش واد وواد کان دور رهي پنهنجي آنند ۾ رهي ٿو. جيڪي جيوَ، مهاپرشن جي اپديشن تي هلن ٿا، انهن هن جهان کي اڀ هوندو پرم ۽ کوڙو سمجهو آهي ۽ هيءُ جهان، جنهنجي آسري هلي ٿو، انهيءَ کي ئي ست ۽ قائم سمجهي، رات ڏينهن انهيءَ سان ملیا رهن ٿا.

(ساڌو جن جا گڻ)

١- چلن اُلٽي چال، ساڌو جن سنسار کون؛
لنگهيا پار سمندر کون، ڇن ۾ ماري ڇال؛
ميٺي ويٺا من مان، **سامي** سڀ خيال؛
رهن لعل گلال، سدا پنهنجي حال ۾.

٢- ويد ومل آهين، ساڌو هن سنسار ۾؛
ناڙ نهاري من جي، دب دارون ڏسائين؛
زحمت ڪوٽ جنم جي، هڪ لحظي منجهه لاهين؛
جوڙي جاڳائين، ڪامل پنهنجي ڪل سان.

٣- گَهنَ نرمل آهين، ساڌو جن سنسار ۾؛
اُوجل آتم گيان جي، ورکا وسائين؛
اوديا ميل اندر مون، ڌوئي سڀ لاهين؛
اَنڀِيءَ اپجائين، **سامي** سهج سروپ جي.

٤- سدا سم رهن، ساڌو جن سنسار ۾؛
ٻنڌن ڳالهائين من ري، نيڻن سان نِرکن؛
کائن پيئن خوش ٿي، هاج سڀائي ڪَن؛
هلايا هلن، **سامي** سپيرين جان.

٥- نرمل نرالا، ساڌو جن سنسار ۾؛
ڪاڻ نه ڪڍن ڪنهنجي، سدا سکالا؛
رتا رهن رنگه ۾، مگن متوالا؛
ٻڍا ءِ ٻالا، **سامي** ٿين ڪينڪي.

٦- آنن اُپڪاري، ساڌو جن سنسار ۾؛
ڏيئي ڌير ڌرم جي، ممتا جن ماري؛
ساري وس تاري، جوڙي جهاز ڀڳت جو.

٧- ڪنهن کي ڪين جهلين، ساڌو شُڀ ڪرمن کون؛
سامي واد وواد کون، پنهنجو پاڻ پلين؛
شيشو دل اندر جو، محبت ساڻ ملين؛
اندر ول ولين، ٻاهر ٻاڦن ڪينڪي.

٨- ورلا جن ڪيئي، ساڌو هن سنسار ۾؛
ڪڍيا جن اندر مون، سنسا سڀيئي؛
سهي ڪيائون سڀ ۾، پرين کي پيهي؛
سنمکه ٿيا سيئي، **سامي** سپيرين سان.

٩- آهن پوڄڻ جوڳ، ساڌو جن سنسار ۾؛
ڪڍيو جن اندر مون، سمجهي سنسو سوگ؛
ساکي سار سروپ ٿي، ڀوڳين ڀوڳ اڀوڳ؛
اوديا ڪلپت روڳ، **سامي** ڪٽين سڀ جو.

١٠- سداءِ نرملَ ساڌو جن سنسار ۾؛
ليپ نه لڳي تنکي، جئن جلَ رهن ڪنولَ؛
اندر سم سيتلَ، ٻاهر تتا تاو جان.

١١- ڏسي ڇڏائن ٿا ڪرم، ساڌو جن سِکَ کي؛
جُڳت سان جوڙي ڪري، ٿا انترمکه لائن؛

اوديا ڪوٽ جنم جي، من مون مٽائن؛
سامي لکائن، آتم پد اکين سان.

١٢- سدا ايڪانتي، ساڌو جن سنسار ۾؛
پرچي پنهنجي گهر ۾، پاتي جن جهاتي؛
ساميءَ سڃاتي، مورت محبوبن جي.

١٣- ڪوه ڪريان اُستت، ساڌو جن جي مک سان؛
من ٻڌ واڻيءَ کون پري، پهچي سگهي نه مت؛
ساڌو جنجي مت، **سامي** ڄاڻي ساڌ جن.

١٤- سداءِ نرمل، ساڌو جن سنسار ۾؛
ليپ نه لڳي تنکي، جئن جل رهن ڪنولَ؛
سوڌا ورتن سڀ سان، **سامي** بنا خللَ؛
انڀئي روپ اَچلَ، گهٽن وڌن ڪينڪي.

١٥- چئي ٻڌائين ٿا، ساڌو حرف حساب جو؛
جُڳتين سان جوڙي ڪري، الک لکائين؛
لالي سي پائين، جي گروءَ جي گس پيا.

١٦- اوديا پنڊ اُڇلي، ساڌوءَ وڌي سر تون؛
سامي ڄاڻي سپنو، اتپت ۽ پرلئي؛
رکي چاه اندر ۾، ڪنهن سان ڪين ملي؛
توڙي خلق کلي، ته به سيتل رهي سڀاءَ ۾.

١٧- ساڈو سڏ ڪري، سار لکائن سپ کي؛
پرم چڏي ڪو پاڳوان، ديکيا من ڏري؛
ڏسي پنهنجو پاٽ کي، نرمل نيٽ پري؛
پلڪ نہ ٽٽي پري، **ساهي** تنهنکون سپرين.

١٨- ساڈو جن ثالث، کوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جو جاڳي چڙهيو چت تي، چڏي اونگهه آلس؛
رهي مايا موه کان، خلاصو خالص؛
وس جو هڪ والٹ، **ساهي** جاٹي سپرين.

١٩- سوئي ساڈ سگيٽ، **ساهي** هن سنسار ۾؛
جو جيندي من مواس کي، ماري ڪري مڙه؛
لوڙي لهي تڙ، اُلٹي آتم سَر جو.

٢٠- سو ساڈو جن جاٹ، جو ساڈي من شڈ ڪري؛
دکه سکه لاپ الاپ ۾، رهي ٹبوٹيءَ ساٹ؛
ساهي ڇڏي سپڪنهن جو، ڪيول گهري ڪلياٹ؛
ڪيي پنهنجو پاٽ، پيڏي پياري رام رس.

٢١- ورلو ڪو آهي، ساڈو جن سنسار ۾؛
جو جگياسيءَ جي جيءَ جو، سنسو مٹائي؛
اوديا پٽ لاهي، **ساهي** لکائي سار کي.

(سلوڪن جو ٽاڪپرج)

سامي چوي ٿو تہ جيڪي ساڌو جن آهن سي جهان کان الڳ هلت هلن ٿا؛ دنيا جا ماڻهو لهوارا لڙهندا وڃن، لڙهندا لڙهندا آخر وڃيو سمنڊ ۾ غرق ٿين؛ پر جيڪي مهاپرش آهن سي وڃن ٿا اوپارا، يعني جنهن پاسي ندي‌ءَ جو منهن آهي، انهي‌ءَ پاسي هلندا هلندا آخر وڃيو پنهنجي آدي گهر ۾ پرويش ڪن يعني وڃيو پرماتما سان ملن. اهڙا مهاپرش اچانڪ ماري هڪ ڪن ۾ هن پؤ ساگر کان وڃيو پار پهچن. اهي پنهنجي اندر مان سڀ خيال ڪيڙي، سدائين پنهنجي حال ۾ مست ۽ لعل رهن ٿا. جيڪي ساڌو پرش آهن سي نرمل ۽ هوشيار حڪيم آهن. اهي جڳياسوءَ جي دل جي نبض ڄاڻي، ان جو مرض سهي ڪري، پورو پورو علاج ڪن ٿا ۽ هزارن جنمن جي تڪليف ۽ دکہ هڪ ڪن ۾ دور ڪن ٿا. اهي ڪامل حڪيم، پنهنجي‌ءَ حڪمت سان، جڳياسوءَ جو روحاني مرض دور ڪري، ڪيس جاڳائي هوشيار ڪن ٿا. اهي ساڌو پرش هن جهان ۾ پوتر ڪرن وارا آهن؛ جهڙي‌ءَ طرح ڪڪر پاڻي‌ءَ جي برسات وسائيندا آهن تهڙي‌ءَ طرح اهي مهاپرش پوتر آتم گيان يعني معرفت جي علم جي برسات وسائين ٿا، انهي‌ءَ گيان جي جل سان اندر مان اگيان روپي ميل ڏوئي لاهين ٿا ۽ پرماتما جو انيؤ ڏين ٿا، ارٿات انجو درشن ڪرائين ٿا. اهي

ساڌو جن هن دنيا ۾ سم ڀاؤ سان رهن ٿا ارٿات سڀني ۾ هڪ پرماتما کي پَسن ٿا ۽ هو من کان سواءِ ٻڌن، ڳالهائين ۽ ڏسن ٿا يعني هو پنهنجو آپو ڪڍي ڇڏين ٿا ۽ سهج سڀاءُ ورتي ڌاري دنيا ۾ وچرن ٿا. مهاپرش سدائين پوتر آهن ۽ سڀني کان الڳ رهن ٿا؛ هو ڪنهن جي به پرواه ڪونه رکن؛ سدائين سکالا ۽ پنهنجي آنند ۾ مست ۽ خوش رهن ٿا. ساڌو جن هن دنيا ۾ ڪنهن به ڀيد کان سواءِ سڀني جو اپڪار ڪندا رهن ٿا. انهن ڌرم جي ٽيڪ وٺي پنهنجو آپو ڪڍي ڦٽو ڪيو آهي. اهي مهاپرش ڀڳتيءَ جو جهاز جوڙي سڄيءَ دنيا کي تارين ٿا. مهاپرش ڪنهن کي به چڱن ڪمن ڪرڻ کان منع ڪونه ڪن؛ هو واد وواد يا بحث مباحثي کان هميشه دور رهن ٿا؛ هو پريم جي پاڻيءَ سان دل جو شيشو ڌوئي صفا ڪن ٿا. هو اندر ۾ پيا حيلا هلائين يعني هريءَ جو ڀڄن ڪن، پر ٻاهر ڀڻڪو به ڪين ڪڍن.

(سنتن جا گڻ)

يعني درويشن جون وصفون

١- پُرجهي پرمارٿ، سنتن ارٿ سِڌ ڪيو؛
ميل وڃائي من جي، **سامي** ٿيا سمرٿ؛
ليپ نہ لڳي تنکي، توڙي ڪٿن اڪٿ؛
ٻئي کي ڏيئي هٿ، پار لنگهائن پاتڻي.

٢- فارسي ۽ هندي، سنت چون ٿا ڳالهہ هِڪَ؛
سمجهي ڪو **سامي** چئي، ٻيائيءَ بنا ٻِندي؛
چڙهي انڀيءَ اَڇَ تي، وٺي راهہ رِندي؛
پائي گيان گندي، سمهي سکپت سيج تي.

٣- عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان؛
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هُل؛
چڙهي نور محل ۾، ڪيائين حق حاصل؛
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

٤- سنت وٺي ويو ساڻ، پرچائي پد ۾؛
جتي تون مان نانهن ڪا، نڪو ويد پران؛
نڪو ڪال نہ ڪرم ڪو، نڪو بيڌي ٻاڻ؛
ستہ پنهنجو پاڻ، **سامي** ڏسي سم ٿي.

٥- سنتن جو درسن، ڏسي نيڻ ٺري ويا؛
ٻُنڌي واڪ ولاس جا، لنؤ لنؤ ٿي پرسن؛

اوديا ڪلپت نہ رهي، مِٽيو سڀ مَنن؛
پائي آتم ڌن، **سامي** سمهيو سيج تي.

٦- سنتن سَپاڙي، پٽي پاڙ ڀرم جي؛
سامي لڌائون سم ٿي، محبت جي ماڙي؛
هوري کيلن هَرِ سان، ڏر ري ڏهاڙي؛
ساري وس ڳاڙهي، ڏسن گيان گلال ۾.

٧- **سامي** سنت ڪَڄو، پلؤ ڏيئي پانهنجو؛
ڏيکاريائين ڏيل ۾، ساکي پرش سڄو؛
اوديا اوندهہ نہ رهي، انهد ناد وڄو؛
بکيو من رڄيو، پل پل پِئي پريم رس.

٨- هوندي ٻل نرٻل، **سامي** ڏٺا سنت جن؛
جن ماري من مواس کي، جيتيا پنجئي دَل؛
ڌرتي ۽ آڪاس جي، رکن ساري ڪل؛
ڪڍي سڀ خلل، نيوان چلن نير جان.

٩- سوئي سنت ڀڳت، سوئي ڀڳت گيان وان؛
مرگہ ترشنا جي جل جان، ڏٺو جنهن جڳت؛
مٽايائين من مون، **سامي** ممتا مت؛
انڀيءِ آتم تت، پائي پرچو پاڻ سان.

١٠- سوئي سنت مهنت، جو رکي سانت اندر ۾؛
سامي ڏسي سڀ ۾، ڀيد بنا ڀڳونت؛
گاوي نت بسنت، پرچي پنهنجو پاڻ ۾.

١١- سڀ کي سنت چون، ٺاڪر اٿي گهر ۾؛
انڌا ڏسن ڪينڪي، ڪوڙا قصا ڪن؛
اڻ هوندي درياه جي، وه ۾ نت وهن؛
ڪي گرمکه لعل لهن، **سامي** جُڙي سروپ سان.

١٢- سنتن شڀ ڪَرِمَ، سمجهي رکيا سر تي؛
سيل سنتوش نرَ ويرتا، سيوا ديا ڌرم؛
تپ تيرٿ جڳه هوم ورت، **سامي** سڪ مرم؛
ميٽي ڀولو ڀرم، ڪن ڪرتارٿ ڪُل کي.

١٣- شِوَ کان پارپتي، پڇي سنتن جون خبرون؛
سامي تن جو حال چؤ، جنکي رهت رتي؛
سي پرچا رهن پاڻ سان، پائي پران پتي؛
ڏکه سنسو ڳڻتي، مٽي تنهنجي من مون.

١٤- سنتن سڀ سَٽِي، وڏائِي ويچار سان؛
راضي رهن رضا ۾، پڙهي پريم پٽِي؛
گائن خاص کٽي، پرچي پورب ديس جي.

١٥- ڀڳت جوڳه ڪرم ڪوه، چون ٿا سنت جن؛
جُڳتن سان جوڙي ڪري، من کي ڏين مرم؛
ڪڍي ڀول ڀرم، **سامي** چڙهن سير تي.

١٦- هميشه هوري، **سامي** کيلن سنت جن؛
ڪڍي ڪلپت ڪوڙ جي، چت مون سڀ چوري؛

لائي ويٺا لکہ سان، سم سوکم ڏوري؛
انڀيءَ اگهوري، لنؤ لنؤ پين پريم رس،

١٧- سداءِ ويراڳہ، رکن سنت اندر ۾؛
صاف ڪيائون دل کي، لائي دتيا داڳہ؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، **ساهي** ٿيا سجاڳہ؛
سهجي کيلن ڦاڳہ، چڙهي مير محل ۾.

١٨- هميشہ هوري، **ساهي** کيلن سنت جن؛
لڳي جن کي لکہ جي، لنؤ لنؤ ۾ لوري؛
ڪڍيائون ڪلپت جي، چت مون سڀ چوري؛
دم دم ڪٽوري، ڀري پيئن پريم جي.

١٩- هوري کيلن سنت، سدا سارنگہ ڌر سان؛
لائي رنگہ رهت جو، گائن انڀيءَ ڇنت؛
مؤليا ڏسن موج ۾، **ساهي** سڀ جيءَ جنت؛
رهن اليپ اچنت، پين پيارن رام رس.

٢٠- سنتن ڪڍيو هٿ، هيرن ۽ لعلن جو؛
کولن ڳنڍ خوشيءَ سان، ڏسي نهہ ڪپٽ؛
عينڪ ڏيئي اڻ ملهي، پرکائن پرگهٽ؛
ساهي لاهي لٽ، جن جوڙي ڪن جواهري.

٢١- ساڳہ ڄاڻن سيرو، **ساهي** سنت شرم جو؛
ڦاڙيائون گر گيات سان، چنتا جو چيرو؛
پائي هِر هيرو، سمهيا سکپت سيج تي.

(سلوڪن جو تاتپرج)

مٿين سلوڪن ۾ **ساميءَ** سنتن يا درويشن جي وڏائيءَ ۽ گڻن جو ذڪر ڪيو آهي. **سامي** چوي ٿو ته جيڪي سنت يا مها پرش آهن سي پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڪوشش ڪري ان کي پائين ٿا ۽ پنهنجي دل مان پاپن روپي گندگي ڪڍي شڪتي پراپت ڪن ٿا. اهي نه رڳو پاڻ هن سنسار مان تري پار وڃن ٿا پر ٻين کي به تارين ٿا. اهي مها پرش ڪهڙي به ديش جا هجن پر اهي سڀ هڪ ئي ڳالهه ڪن ٿا. پر ڪو ٻيائيءَ جو نقطو دور ڪري انهن کي سمجهي! اهي مهاپرش پريم جو رستو وٺي انڀيءَ اَڇَ تي چڙهن ٿا يعني جتي خدائي نور آهي اتي واسو ڪن ٿا، ۽ آنند جي پلنگ تي ليٽن ٿا. اهي درويش جنهن کي گيان يا معرفت جو اپديش ڪن ٿا سي نور محل ۾ ڌڻيءَ جو ديدار حاصل ڪن ٿا. انهيءَ نور محل ۾ نڪو "تون" آهي ۽ نه "مان" آهي، نڪي ويد پران آهن. اتي سم درشٽي يعني هيڪڙائي آهي. سنتن جي درسن ڪرڻ سان نيڻ سيتل ٿيو وڃن ۽ انهن جا آنند روپي وچن ٻڌي روم روم خوشيءَ ۾ ڀرجيو وڃي، اگيان جا اجايا ويچار ۽ آپو سڀ نڪريو وڃي ۽ آتم ڌن پراپت ڪري سکپت سيج تي وڃي آرامي ٿجي ٿو. اهي مها پرش ڀرم روپي وڻ جي پاڙ،

بنياد کان وٺي پٽي ڦٽي ڪن ٿا ؛ سڀ ۾ هڪ پرماتما
پسي ، محبت جي محل ۾ واسو ڪن ٿا ۽ ڪنهن به خوف
کان سواءِ هريءَ سان هولي کيلن ٿا يعني خوشيون ڪن
ٿا ۽ سڄيءَ دنيا کي گيان جي گلال ۾ ڳاڙهو ڏسن ٿا .
جيڪي مها پرش آهن سي جڳياسو جن جي مٿان پنهنجو
ڪپڙو وجهي کين ڍڪين ٿا ، يعني انهن جي عيبن ۽ اوڻاين
ڏانهن نٿا ڏسن ، پر پاڻ انهن تي ديا ڪري انهن کي
اندر ۾ ساکي پرش پرماتما جو درشن ڪرائين ٿا ؛ انهيءَ
درشن پراپت ٿيڻ ڪري اگيان جي اونده دور ٿيو
وڃي ۽ انهد شبد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو . مها پرش ٻل هوندي
به نرٻل رهن ٿا ؛ اهي پنهنجي مست من کي ماري
پنجن ئي وڪارن تي سوڀ پراپت ڪن ٿا ؛ ڌرتيءَ ۽
آسمان جي وچ ۾ يعني سڄي دنيا ۾ جيڪي پيو ٿئي تنهن
جي هو ڄاڻ رکن ٿا ؛ ايتري شڪتيءَ هوندي به هو
هٺ اهنڪار ڪونه ٿا ڪن ، پر پاڻ مان سڀ وڪار
ڪڍي جل وانگر هيٺانهين واٽ وٺن ٿا .

(هرجن جا گڻ)

١- هرجن هر دائي، کيلن سڀ خيال ۾؛
رهن اليپ ڪنول جان، **ساهي** سُجاتي؛
ٻڌي ڳالهه تني جي، سيتل ٿي ڇاتي؛
جهاتي تن پاتي، چوڻ چارو نانهن ڪو.

٢- هرجن ڪڍي هٿُ، ويٺا سودي سار جو؛
سم رکيائون ٽڪري، سم رکيائون وٽُ؛
جيڪو جڳياسي اچي، ڇڏي ڪوڙ ڪپٽُ؛
ساهي سر سان مٽُ، توري ڏين تنهن کي.

٣- هرجن کيلن ڦاڳه، ملي هميشه هر سان؛
لائي رنگه رهت جو، گاون انهد راڳه؛
ڌوئي دتيا داڳه، **ساهي** پين رام رس.

٤- سداءِ پرسن، هرجن پنهنجي حال ۾،
اسٿت ٿيا آرام ۾، پائي رام رتن؛
سار ڏٺائون سڀ ۾، عجائب انن؛
ساهي تنجو من، اچل چلي ڪينڪي.

٥- سداءِ هرجن، ٿا جوڙن جڳياسيءَ کي؛
خوش ٿي ڏين پورن کي، نا نا ويد وچن؛
ساهي ڪن انن، ڪلپت ڪلر ڪڍي ڪري.

٦- آهي سپ پوري، رچنا منهنجي رام جي؛
سمجهي کو **ساهي** جڳ؛ هر جن حضوري؛
جنهن درسن ڏنو دوس جو، نينن سان نوري؛
کري صبوري، ڦرني ۾ فارق ٿيو.

٧- ورلو کو هر جن، هر سان ملي هک ٿيو؛
تنهن اوديا ۾ رم کيدي کري، کيو من امن؛
ساهي سداءِ رهي، پرچي ۾ پرسن؛
سياوک وچن، کيدي انيءِ سار جو.

٨- سپ کنهين پاتو، کيو کيتو پنهنجو؛
کوڙين ۾ کو هکڙو، هر جن رنگ راتو؛
ساهي گر ويساه سان، جنهن سچ سچاتو؛
تنهنجو خط کاتو، وار يو ڏرم نواس ۾.

٩- ورلو کو هر جُن، کرم کري نهکرم ٿيو؛
چڙهي وينو چوڏول ۾، ميٽي سپ منُ؛
جڳن پوکه پچائي ڪڙهي، کيدي انيءِ اَنُ؛
کلپت کانو پُنُ، ستي وجهي **ساهي** جڳ.

١٠- هر جن کين هٿي، پريم پريت ويساه کون؛
سوري جان سنمکه لڙي، سنسو سپ ستي؛
ماري نانا دَلَ کي، کلپت سپ کٽي؛
سهجي سوپ کٽي، **ساهي** من مواس کون.

(ويساسي ۽ جڳياسي)

١- ويساسيءَ وستي، ستہ لڌي سچ مون؛
چڙهي جنهنجي چت ۾، محبت جي مستي؛
ماري من هستي، سوکم ٿيو **سامي** چئي.

٢- ويساسين وڻي، سودو ڪيو سنتن سان؛
ستہ سڌ سروپ جي، جنهنکي سڪ گهڻي؛
سامي سٽيائون سر تون، کل کل سڀ کڻي؛
توڙي پنن پنج ڪڻي، تہ بہ راجا رانول ديس جا.

٣- وچن تي ويساهہ، رکيو جنهن رهت سان؛
سو اُلٽي انترمکہ ٿيو، دروند داناءُ؛
سامي لڌاءِ سم ٿي، روم روم مون راهہ؛
پائي پد اسگاهہ، چڙهي وينو چوڏول ۾.

٤- ويساسيءَ وچن، **سامي** منيو سنت جو؛
جيتياءِ جُڳت سان، پرچي من پون؛
گهٽ وڌ واڻي واچ کي، ڪلپي ڏيئي نہ ڪن؛
بنا ڀيد ڀڄن، ڪري ڪرتا پرکہ جو.

٥- ويساسيءَ ڪيو واس، سچ وسئن جي وچ ۾؛
جتي تون مان ناهہ ڪا، نڪو ٺاڪر داس؛
ستہ رهي **سامي** چئي، چيتن چد آڪاس؛
پائي پد نراس، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

٦- ويساسيءَ واسو، ڪيو انيءَ بد ۾؛
پائي گيان گروءَ جو، ٿيو نرمل نراسو؛
سامي رکي نہ من ۾، ممتا جو ماسو؛
ڏسي تماشو، ساکي ٿي سنسار جو.

٧- پوٿيون ۽ پنا، ويساسين ويڙهي رکيا؛
سمجهيائون **سامي** ڇڻي، ساري لاوکنا؛
چڙهيا انيءِ اڇ تي، پلي پنج رنان؛
وڏا جنهن پنا، اڳيون آتم رام جي.

٨- ويساسي واصل، وچي ٿيو وحدت ۾؛
جتي تون مان ناه کا، نکو هيبت هُل؛
روپ رنگ پن پاڻ ري، کليو غيبي گل؛
ڪرانت جنهن ۾ کُل، سورج چندر چراغ جي.

٩- وڏو جاڻ ويساه، **سامي** سپڪنهين کون؛
وير پراڻ مٿي ڪري، ڪيو اهو راءِ؛
انترمکه اڇي ڪري، سمجهي ڪر سماءُ؛
ڇڏ وڏائي واءُ، تہ سهجي ملني سپرين.

١٠- جنکي جاني ياد، آءٌ ياد ڪريان نت تنکي؛
سامي ملیا سپرين، پرچي تنهن پرساد؛
تن من ارپيان پاؤ سان، ڇڏي باد بباد؛
اِها آد جگاد، وات بڌي ويساه جي.

١١- ويساسيءَ والث، لڌو ساريءَ وسُ جو؛
پرچي ڏٺائين پاڻ ۾، ڇڏي اونگهه آلس؛
رهي مايا موه کون، خلاصو خالص؛
ساهي ٿي ثالث، ورتي وڌ ويچار سان.

١٢- جيڪو جڳياسي، اچي هن اوسر ۾؛
تنهنکي پنهنجي ديس جو، وڃي ڪري واسي؛
جتي تون مان نانهن ڪا، نڪو ڦند ڦاسي؛
الڪه ابناسي، ستهه رهي **ساهي** چوي.

١٣- **ساهي** سڀيئي، ليکا اوري لڪه کون؛
ڪنهن ورلي ويساسيءَ کي، گرگم سڌ پيئي؛
جو ارڌ اُرڌ ٻيئي، مِٽي وينو من مون.

١٤- اهو ڪري سوال، جڳياسي جگديس کي؛
ڏيئي سنگه ساڌن جو، ڪٽي ڪلپت ڪال؛
رهي نه رتي جيترو، **ساهي** جڳه جنجال؛
ٻنڌي حال حوال، پرچي ڪري پنهنجو.

١٥- جنهنکي سم ويساه، **ساهي** ڏنو ستگروءَ؛
سو لحظي منجهه لنگهي ويو، اٽڪ جو درياءُ؛
پاتائين پرچي ڪري، آتم ڌن اسگاه؛
سدا بي پرواه، رهي پنهنجي حال ۾.

١٦- لکي گر چٺي، ڏني جڳياسيءَ کي؛
کڻي ويو جڳديس ڏي، واچي تنهن ڏٺي؛

ساهي رکيائين سر تي، محبت سان مٺي؛
رِڌِ سِڌِ سڀ ڪٺي، سونپيائين سيوڪ کي.

١٧- جاڳيو جڳياسي، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جنهن جئندي ڪئي جم سان، کِلي خلاصي؛
وڃي ٿيو واسي، **ساهي** پد اواچ جو.

١٨- ويساسيءَ جو واس، سدائين گر گيات ۾؛
جئن رهي من ۾، اڻ لکو آڪاس؛
مايا ڪايا ڪُل ۾، **ساهي** رهي نراس؛
پاتائين پرڪاش، پرچي پرماتم ۾.

١٩- بنا وڌ ويساه، ڪنهن پد پاتو ڪينڪي؛
توڙي لوڪ لڪ ٻنڌي، ڪن اُپاوَ اٿاه؛
ساکه ڏين **ساهي** چوي، درد مند داناه؛
پورن پاڪ نگاه، جنکي گر گوبند ڏني.

٢٠- ويساسيءَ ورق، پڙهيو پريم پرتيت جو؛
تنهين ۾ تد روپ ٿي، ڪيائين حاصل حق؛
سدا رهي **ساهي** چوي، گگن منجهه غرق؛
ميٽي سنسو شڪ، ماڻي دور درس جو.

٢١- جئن گلابي گل، ڏئي خوشبوءِ خوشيءَ جي؛
تئن اوڌوت انڀئي، ڪن اپديش اصل؛
وٺي ڪو ويساه سان، ڏيئي محبت ملهه؛
ڪٽي ڪلپت ڪُلُ، **ساهي** سم سيتل ٿئي.

(سيوا ۽ سيوڪ)

١- سيوا منجهه جوئي، سيوڪ سماڻو رهي؛
ڀڳت هار ڳچيءَ ۾، پاتو تنهن پوئي؛
اوديا ميل اندر مون، ڪڍيائين ڌوئي؛
جئن رنگه رَتي لوئي، تئن **سامي** رَتو رنگه ۾.

٢- آيا سنت حصي، **سامي** جنهن سيوڪ جي؛
تنهنجو سڪ سچيءَ کون، پير نه پوءِ کِسي؛
پهچي پار پسي، سنمکه سپرين کي.

٣- جيڪو شرڻ پيو، اچي ساڌ سنگت جي؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، ڪارج سڌ ٿيو؛
ڏسي ڪين ٻيو، **سامي** سپرين ري.

٤- سيوا منجهون جن، لڌو لعل اڻ ملهو؛
سي **سامي** سڪ سچيءَ سان، سدا سيوا ڪن؛
لٺيون مُڪان موچڙا، سڀيئي سهن؛
رتا رنگه رهن، اٺئي پهر عجيب جي.

٥- حاضران حضور، سائين سيوڪ جي رهي؛
پلڪ پراهون نه ٿئي، جئن نينن ۾ نور؛
ڪڍي سنسو سور، **سامي** رهي سڀاءَ ۾.

٦- سوئي سيوڪ ڄاڻُ، جنهن کي سڪ سڄڻ جي؛
سيوا ۾ سنمکه رهي، ڪڍي پنهنجو پاڻُ؛
سامي ڏسي ساڻُ، اندر ٻاهر سپرين.

٧- سوئي سڌ سيوڪ، سيوا جنهن سهي ڪئي؛
پرچي وداءِ پريم سان، ستگروءَ کون سبق؛
ڄاڻ وڃائي پنهنجي، پڙهي ٿيو پرپڪ؛
حاصُل ڪري حق، **ساهي** چڙهيو سير تي.

٨- ڀريو جنهن مُجرو، **ساهي** ساڌ سنگت جو؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، اندر ٿيو اُجرو؛
لڌائين حُجرو، پرچي پاڪ پرينءَ جي.

٩- روئي ڳل پيو، **ساهي** سيوڪ گر جي؛
ڏسي ڇل مايا جو، ڀاري ڀؤ ٿيو؛
سهجي رمز سهي ڪري، ڪامل ڪرم ڪيو؛
وٺي تت ويو، جتي ڀرم ڀلائو نانهن ڪو.

١٠- سيوڪ آزاري، آيو گر طبيب جي؛
تنهن ناڙ نهاري من جي، ديا درشٽ ڌاري؛
تپت تِر تاپن جي، کن ۾ نواري؛
لنوَ لنوَ سڀ ٺاري، سيتل ٿيو **ساهي** چوي.

١١- آيو هَرِ حصي، گرگم جنهن سيوڪ جي؛
پڳہ تنهين جو پريت کون، **ساهي** ڪين کِسي؛
ويٺو سدا ڏِسي، سنمکہ پنهنجي سپرين.

١٢- جنهن کي سمجهہ ڏني، **ساهي** پوري ستگروءَ؛
سهجي تنهن سيوڪ جي، لنوَ لنوَ عرش ڀني؛
ڇڪا سڀ ڇني، چڙهيو انڀيءَ اڄ تي.

١٣- ڳڻيا ڪهڙا ڀاڳ، **سامي** تنهن سيوڪ جا؛
جنهن پونجي ڏني پنهنجي، ستگر جي هٿ واڳ؛
ڇڏي نانا راڳ، لڳو رهي لک ۾.

١٤- گر سِکيءَ جي گت، سمجهي جنهن **سامي** چئي؛
مٽي تنهين جي من مون، ٻي سڀ ممتا مت؛
اندر ٻاهر نڀ جان، ڏسي ساکي پت؛
ڪري سنت سپت، ساک ڏين ٿا سچ جي.

١٥- دئيت منجهه ادئيت، سنت لکائين سڀکي؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، سمجهي سِکُ سُچيتُ؛
ڪيو جنهن ڪلپت ري، هر ڀڳت سان هيتُ؛
ڄاڻي انڀيءِ کيتُ، **سامي** مانک ديهه کي.

١٦- ورلو ڪو ڄاڻي، مرد سِکُ مرم کي؛
جو ملي ساڌ سنگت سان، پسريو گهر آڻي؛
هلي هٿ ڇڏي ڪري، ڀڳونت جي ڀاڻي؛
سمهي پٽ تاڻي، **سامي** سکپت سيج تي.

١٧- ورلو ڪو آهي، **سامي** سِکُ گروءَ جو؛
ڏٺو جنهن گر گيات کي، اوديا پٽ لاهي؛
سيوا سنگت جي ڪري، ممتا مٽائي؛
سهجي سلاهي، روم روم سان رام کي.

۱۸- ٹيڪيو جنهن متو، ستگرو۽ اڳيون سِڪُ ٽي؛
سهڄي تنهن سيوڪ جو، سنسو دکه لٿو؛
موٽي اوديا قاس ۾، **ساهي** ڪين ڦٽو؛
توڙي ڪري ڪٿو، ته به راجا رانول ديس جو.

۱۹- رنگيلي رهت، ستگر ڏَسي سِکَ ڪي؛
پرچي ڏنائين پي ڪي، پورن سرب سڪت؛
ماڻي دور درس جي، ميٽي ممتا مت؛
سدائين استت، **ساهي** رهي سُميرَ جان.

۲۰- ڪامل ڪرم ڪيو، جنهن تي پرچي پنهڄو؛
ساهي تنهن سيوڪ جو، ڪارج سِڌ ٿيو؛
اڻ هوندي آراه کان، لنگهي پار پيو؛
بنا بوڌ ٻيو، ڏسين ڪين اکين سان.

۲۱- جيڪو مچيندو، ديکيا دات گروءَ جي؛
ساهي تنهن سيوڪ جو، ڪارج سِڌ ٿيندو؛
آدي انيڪي گهر جا، ڏَسَ ڏونگها ڏيندو؛
موٽي نه ايندو، گرپ جونِ جي غار ۾.

(گرگم)

۱- گُرگُم جنهن پاتو، التي منهن مڙهي٤ ۽؛
تنهن **ساهي** سپرين کي، سهجي سچاتو؛
وائي نہ واتو، پرچي پائي پريم رس.

۲- پرچي جنهن پاتو، گرگم منهن مڙهي٤ ۽؛
ساهي سپرين کي، تنهن سهجي سچاتو؛
جيئندي وينو جم جو، واري خط کاتو؛
سدا مڏماتو، رهي پنهنجي حال ۾.

۳- گرگم رمتا رامُ، **ساهي** جنهن سهي ڪيو؛
سو ڪڏهن ٿئي ڪينکي، مايا جو غلامُ؛
سدائين نهڪامُ، رهي پنهنجي حال ۾.

٤- ڪيو جنهن سهي، گرگم رمتا رام کي؛
سو مرگهه ترشنا جي جل ۾، وڃي ڪين وهي؛
ڪري راج رهي، سچ وسنؤ جي وچ ۾.

۵- گرگم اُڏاڻي گُڏي، سَهجَ آڪاس ۾؛
ست ئي لوڪ لنگهي ڪري، سُنَ ۾ سماڻي؛
بولي پريم پَوَنَ سان، بيحد جي باڻي؛
ساهي مَنَ ياڻي، جُڙي جوڳيسر جو.

۶- گرگم ڳالهه ٻُڌي، نريئي هڪ نر ٻاڻ جي؛
مٽي وئي من مون، **ساهي** سپ خودي؛
گگن گئون ڏُڏي، گرپا سان ڪلپت ري.

٧- گرگم لڌي واٽَ، اُلٽي آتم پد جي؛
وَسيو مينگهه مهر جو، کليا بجر ڪپاٽَ؛
ٻن ٻارن جي وچ ۾، ڏٺي ڏئي لاٽ؛
ڇڏي من اُچاٽ، **ساهي** جڙيو سروپ سان.

٨- جني کي آئي، گرگم سمجهه سروپ جي؛
ميل تِني جي من ۾، رهي نه رائي؛
ساهي سداءِ، پرچا رهن پَدَ ۾.

٩- ڪيو جنهن پري، گرگم پَٽُ اندر جو؛
ساهي تنهن جي گهر ۾، اکنڊ جوتِ ٻري؛
ڏِسي منهن محبوب جو، راتيون ڏينهن ٺري؛
منجهي تار تري، لهر نه لوڙهي تنهن کي.

١٠- گرگم چڙهيو سورُ، انڀئي آڪاس ۾؛
اوديا اونده نه رهي، مٽيو سنسو سور؛
حاضران حضور، **ساهي** ڏٺا سپرين.

١١- جنهين سمجهايو، گرگم پنهنجي من کي؛
پَوَنُ تنهين جو پاڻهي، اُلٽي گهر آيو؛
ساهي سمايو، جَڳتُ ڏٺائين جوتِ ۾.

(سهاڳڻ)

١- جنهن ريجهايو ڪنت، آءٌ سهاڳڻ سان چوان؛
چڙهي سڪپت سيج تي، ڪيلي نت بسنت؛
پائي سڪ بي انت، **ساهي** سلي ڪينڪي.

٢- سا راڻين جي راڻي، جنهن لڏو سڪ سهاڳ جو؛
ساهرن ۾ پيڪن ۾، سهجي سيباڻي؛
ساهي شهه پاڻي، سا پلڪ پراهون نه ٽٽي.

٣- سنسو ڪوه ڪري، سهاڳڻ ڏڪ سڪ جو؛
ڪانڌ جنهين جي ڪيچ کون، پلڪ نه ٽٽي پري؛
رکي نيڻ نيڻن ۾، **ساهي** سدا نري؛
منجهي تار تري، ته بي لهر نه لوڙهي تنهنڪي.

٤- **ساهي** سائي جاڻ، سهاڳڻ سچ جي؛
جنهن پرچايو پرين٤ کي، ار پي پنهنجو پاڻ؛
سنسي ري سيوا ڪري، سڪ صبوري٤ ساڻ؛
پوري تنهنجو پاڻ، خاوند خالي نه ڪري.

٥- جنهين من ڏيئي، پرين ريجهايو پنهنجو؛
سا سهجي سهاڳڻ ٿي، پرين گل پيئي؛
منن ساڻ مرم جي، سر نيون سيئي؛
تار ياء ٻيئي، **ساهي** پيڪا ساهرا.

٦- سهاڳڻ ڪاهڪ، ٻيون سهسين ڪن سينگار ٽيون؛
ساهي سپيرن جي، جنهنکي سچي سڪ؛

پاتائين پرچي ڪري، آتم سک اَڌڪَ،
ٻيون سڀ چٽن چِڪَ، ٿيون مرم ورائي من مُکيون.

٧- سهاڳڻ سائي جنهنکي سڪ اندر ۾؛
جاڳي ڪري جڳ سان، جئندي جدائي؛
ماري ڪڍي من مون، ٻي سڀ ٻيائي؛
ساهي سدائين، ملي رهي محبوب سان.

٨- سهاڳڻ سائي، ڪانڌ جنهنجي ڪڇ ۾؛
ممتا ميل اندر ۾، رکي نه رائي؛
ساهي سدائين، ڀاڻي منجهه ڀِني رهي.

٩- جنهنکي پاڻ ڇڪي، ڪانڌ ڪيو کڻي ڪڇ ۾؛
سا پائي سک سهاڳ جو، **ساهي** سدا سڪي؛
ويهي آتڻ وچ ۾، منهن سان نه مرڪي؛
لوڪن کون لڪي، سنمک ڏسين سپرين.

١٠- سهاڳڻ سائي، جنهنکي پرينءَ پنهنجو ڪيو؛
سنسو ڀرم ڇڏي ڪري، اَدب ۾ آئي؛
کائي کارائي سڀ کي، محبت مٺائي؛
ساهي سدائين، سنمک ڏسي سپرين.

١١- سهاڳڻ سائي، جا پرينءَ پرچي ڪي پنهنجي؛
بنا هار سينگار جي، خصم کي ڀائي؛
ڪهڙي ڳڻيان مک سان، تنهنجي وڏائي،
ساهي سدائين، ملي رهي محبوب سان.

١٢- ڀڳونت کي ڀاڻي، آءٌ سهاڳڻ سا چوان؛
رکي نيڻ نيڻن ۾، نر کي نماڻي؛
ساهرن ۽ پيڪن ۾، سهجي سيباڻي؛
سا راڻين جي راڻي، **ساهي** ماڻي سيج سک.

١٣- پرين هٿ رکي، نماڻي نهال ڪي؛
پرچي ڪيائين پنهنجي، سهاڳڻ سکي؛
آتم رس چکي، **ساهي** لنؤ لنؤ لعل ٿي.

١٤- جنهن ريجهايو، **ساهي** ور ويساه سان؛
تنهن کي خاوند خوش ٿي، ڳل ڳچيءَ لايو؛
چاڙهي سکپت سيج تي، سنسو ڇٽايو؛
اهڙو رس آيو، جو مشڪي ڪشڪي ڪين ڪي.

١٥- سڀ ڪا ڇڪي ڇڪ، ته آءٌ سهاڳڻ شه جي؛
ممت مٽائي من جي، ڪا ورلي ملي هڪ؛
جنهن چڙهي سکپت سيج تي، **ساهي** لاٿي سڪ؛
ٻيون سڀ چٽين چڪ، سمجهه ورائي سکڻيون.

١٦- سهسين ڪن سينگار، سهاڳڻ ڪا هڪڙي؛
پاتو جنهن پرتيت سان، حليميءَ جو هار؛
چڙهي سکپت سيج تي، ڀيٽي نت ڀتار؛
ٻيون سڀ ٿين خوار، سڪ ورائي سکڻيون.

١٧- مئي پاڻ مَڳُڻ، متان ڏسين ڏکه ڏهاڳه جو؛
پوئي پائي ڳچيءَ ۾، **ساهي** محبت مڻ؛
ته سهجي سهاڳڻ، پرين ڪريئي پرچي.

١٨- ڏکي ڇڏ ڏمر، متان ڏسين ڏکه ڏهاڳه جا؛
ممت وڃائي من جي، وٺ دوسن جو در؛
سهڄي ور امر، ملينءِ مهر ڪري.

١٩- پٽار کي پائڻين، سا راڻين جي راڻي ٿي؛
ساهي ملي تنهن کي، وڏي وڏائي؛
رڏيون سڏيون ٻانهيون، سپ ڪرن ڪمائي؛
سڄڻ سدائين، نهاري نيڻ ٻري.

٢٠- ڀگونٽ کي پائڻين، تنهن سان دعويٰ ناه ڪا؛
ساهي ملي تنهن کي، پَٽُ پردو لاهي؛
پائي سکه سهاڳ جو، ڪلي ۽ ڪائي؛
سنسو متائي، جهولي جهروڪن ۾.

٢١- ادب ري اڇاڳ، ڪن سينگار سريرجو؛
سونپي سپرين کي، ڪنهن ورليءِ ڏني واڳ؛
اڇي جاڳيا جنهنجا، **ساهي** پاڳين پاڳ؛
ڇڏي نانا راڳ، ماڻي سکه سهاڳ جو.

(اندر جي صفائي يا پوترتا)

١- گرگم گند غير، ڪڍيو جنهن اندر مون؛
سو ساکي ٿي سنسار جو، **سامي** ڪري سير؛
کميا ساڻ سُگهيرُ، گُهري درس دلدار جو.

٢- اوراڻا آهن، ڳالهيون ساپرسن جون؛
ممتا ميل اندر جي، ڌوئي سڀ لاهين؛
نرمل ڪري من کي، پد ۾ پهچائين؛
سڀ گهٽ لکائين، **سامي** سپرين کي.

٣- صفائيءَ جو سکه، ڪهڙو چوان زبان سان؛
سمجهي ڏس **سامي** چوي، تون ڪري انترمکه؛
ته ڪوٽ جنم جو دکه، مِٽي وڃيئي من مون.

٤- ستگر صفائي، ڏني دل درپڻ کي؛
انهد مورت انڀئي، درشٽ ۾ آئي؛
مِٽي ويئي من مون، ٻانڀڻ چئي ٻيائي؛
سهجي سمائي، بوند وڃي سر سير ۾.

٥- گرگم جنهن ڪيو، شيشو شڌ اندر جو؛
انڀئي آتم ديوَ جو، تنهن پرلاءُ پيو؛
اندر ٻاهر هڪڙو، ڏسي ڪين ٻيو؛
ڪارج سڌ ٿيو، **سامي** تنهن ساپرس جو.

٦- بنا پاڪيءَ پاڪ، ڪنهين پاتو ڪينڪي؛
سمجهي ڪو **ساهي** ڇڻي، محبتي مشتاق؛
ڇڙهي جنهن عرش تي، ٻُڌو وحدت واڪ؛
ڇڏي سنسو ساڪ، جدا ٿيو جهان کون.

٧- **ساهي** شڌ شيشو، پرچي ڪيو جنهن پنهنجو؛
مٽيو تنهنجي من مون، طمع ۽ تيسو؛
خاوند ري ڪيسو، خالي ڏسي ڪونکو.

٨- پرچي جنهن پلال، گرمکه ڪيو گهر مون؛
تنهن کي لڳي ڪينڪي، **ساهي** ڪلپت کال؛
جاڻي جاڻ ڪيي، ڪري خاوند جو خيال؛
سدائين نهال، رهي پنهنجي حال ۾.

٩- آئينو اُوجل، ڪامل ڪاريگر ڪيو؛
ڪاڻي سڀ ڪلپت جي، محبت سان مَلُ؛
ڏسي منهن محبوب جو، **ساهي** ٿي سيتل؛
جل سان ملي جل، مؤجان ڪري ممتا ري.

١٠- سوئي نرمل نَرُ، **ساهي** هن سنسار ۾؛
جو ڪري وس ويرين کي، ونې نرت نگر؛
کولي دسوون در، سنمکه ٿئي سروپ جي.

(من ۽ منن)

١- چيو وڃي نہ من، ڪارو ڳاڙهو ڪمرو؛
جنهنجو ماءُ پيءُ ڪونڪو، نڪو دبس وطن؛
کن ۾ ڪري خيال سان، ٽيئي لوڪ گون؛
ڪڏهن پِني ٿئي پرسن، ڪڏهن **سامي** روئي راڄ ۾.

٢- وساري وارث، مٺا جيءَ منن ۾؛
جاڳي ڏسن نہ پاڻ کي، انڌا ڪري آلس؛
ڪو عاشق چڙهيو اڇ تي، خلاصو خالص؛
سامي ٿي ثالث، ورتي وِڌِ ويچار سان.

٣- سارو جڳہ نچي، ٿو منن جي محلات ۾؛
اٺئي پهر اندر ۾، بنا باه پچي؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، بلا کون بچي؛
جنهنکي درشٽ اچي، **سامي** سورج سر تي.

٤- منن منجهہ مُٺا، گياني - ڌياني - گرهستي؛
سوڌي راه ڇڏي ڪري، پائن پير پٺا؛
وارون وار سمجهہ ري، ڪلپت ڪال ڪٺا؛
مورکہ رهن رٺا، **سامي** سُڌُ سروپ کون.

٥- رچي من خلل، ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻهي؛
سامي سمجهي ڪين ڪي، مورکہ مايا ڇل؛
سانت نہ پائي مرگهہ جان، ڏسي مرگهي جل؛
تڏهن ٿئي اَچل، جڏهن پرچِي ڏسي پاڻ کي.

٦- سارو جڳہ جکي، ٿو منن جي محلات ۾؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، آتم رس چکي؛
جنهن تي هٿ رکي، **ساهي** پورو ستگرو.

٧- اڻ هوندي مايا، اَوديا ڪري سِڌِ ٿي؛
مَني وينو پاڻهي، پنهنجا پرايا؛
ساهي ڄاڻي جيءُ ست، ڪلپت جي ڪايا؛
درخت جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪين ڪي.

٨- مُنا سڀ مَنن، گياني - پنڊت - پستڪي؛
بنا سُکہ سروپ جي، ڪن اتر ۽ پرشن؛
پائي وينا ڪڇ ۾، ترشنا ڏائڻ رن؛
ورلي ڪنهن هَرِجن، **ساهي** سار سهي ڪيو.

٩- ڏاڍو من ڇلِي، ڪيو ڏکيو ساري ڏيہ کي؛
جنهن کسي ودي کل سان، سڀ جي مت ڀلي؛
ورلو ڪو گِرمکہ بچو، ٻانڀڻ چئي ٻلي؛
جنهن کي سَنڌِ سلي، ستگر سکہ اگم جي.

١٠- مَني منُ خلل، ٿو ناحق تپت منجهہ تپي؛
آهي ساکِي سڀ جو، سدائين سيتل؛
ڀرم منجهہ ڀُلي ڪري، ڄاڻي چل اچل؛
ساهي جل کي مل، ڪڏهن لڳي ڪينڪي.

(من مارڻ يا جيتڻ)

١- جنهين جيتيو من، تنهين جيتيو جڳ کي؛
لڌائين گر گيات سان، گهر مون آتم ڌن؛
ساکي ڏسي سڀ ۾، پائي گيان انجن؛
سدائين پرسن، **سامي** رهي سڀاءَ ۾.

٢- تنهن کي لڳي ڪين، جنهن من ماري وس ڪيو؛
توڙي رهي راڄ ۾، توڙي ڪڍي ڪوپين؛
پرچي ڏٺائين پاڻ ۾، آتم پد پربين؛
سدائين لنولين، **سامي** سنسي ري رهي.

٣- جيڪو سمبٽي، پسريو آڻي گهر ۾؛
سو سهجي سپرين کي، ڀرنگيءَ جان ڀيٽي؛
سُکي ٿي ليٽي، **سامي** سکپت سيج تي.

٤- ايڪا ري انن، ڪونه ٻڌو سي ڪاٿهين؛
ملي ساڌ سنگت سان، جني جيتيو من؛
سي پائي رام رتن، **سامي** چڙهيا سير تي.

٥- جنهين جيتيو من، ملي ساڌ سنگت سان؛
سامي تنهن جي مکه مون، نڪري سار وچن؛
رهي سدا پرسن، سنسي ري سنسار ۾.

٦- جنهين جيتيو من، تنهين جيتيو جڳ کي؛
لڌاءِ گر گيات سان، گهر مون آتم ڌن؛

ساکي ڏسي سڀ ۾ پائي گيان انجن ؛
سداءِ پرسن ، **ساهي** رهي سڀاءَ ۾.

جنهين جيتيو پاڻ ، تنهين جيتيو جڳ کي ؛
ڀيد وڃائي من مون ، صلح ٿي سڀ ساڻ ؛
تنهن کي هڻي ڪونڪو ، ٻل ٻيائيءَ جو ٻاڻ ؛
نت گاوي راڳ ڪلياڻ ، **ساهي** چڙهي سمير تي.

٨- جوڳي سو پرواڻ ، جو جيتي من پون کي ؛
تربيڻي سر سير ۾ ، نت ڪري اشنان ؛
ٻُنڌي گورک جو گيان ، رهي گئب گگن ۾.

٩- ڌَڙَ تون سِرُ لاهي ؛ ساڌو چڙهي سنگرام تي ؛
ماري دُٻڌا دل کي ، نوبت وڄائي ؛
ساهي جُهلائي ، انڀئي ڇٽ مٿي تي.

١٠- جنهن پليو پاڻ ، ملي ساڌ سنگت سان ؛
سو **ساهي** رکي ڪينڪي ، وير ڀاءُ ڪنهن ساڻ ؛
سڀ جو گهري ڪلياڻ ، يريتم ڄاڻي پنهنجو.

١١- سوئي سپاهي ، جو ماري من مواس کي ؛
جوڌا پنج جيتي ڪري ، گهوڙي جا گاهي ؛
چڙهي ٿئي چوڏول ۾ ، رام نگر راهي ؛
ده دس دُهائي ، ڦيري ڦرلي فوج ري.

(هٺ هارڻ)

١- جِني هٺ هاريو، تِني جيتيو جڳ کي؛
نرمل ڀاو ڀڳت سان، سڀ جو چت ٺاريو؛
گَهٽِ گَهٽِ نهاريو، **ساهي** سپرين کي.

٢- هئي هٺ وڃاءِ، ساجهر سمجهي پنهنجو؛
داسن جي داسي ٿي، سيوا سڀ ڪماءِ؛
ٻانڀڻ چئي ٻيائيءَ ري، چت چرنن سان لاءِ؛
پرينءَ کي پرچاءِ، متان رٺائي رهجي وڃن.

٣- هئي هٺ وڃاءِ، متان ڏسين ڏکه ڏهاڳ جو؛
ڪر اَدب سان عاجزي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ؛
من مت ڇڏي ڪري، چت چرنن سان لاءِ؛
پرينءَ کي پرچاءِ، ته **ساهي** پائين سيج کي.

٤- جيڪو هٺ هاري، سرن پوي ساڌوءَ جي؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، سنسو نواري؛
ڏيئي هٿ همت جا، تار منجهان تاري؛
گڏ گذاري، **ساهي** سڀ سان سم ٿي.

٥- هَيا هٺ ڪري، کوهين مانکه ديهه کي؛
ملي وٺ محبوب سان، نرمل ڌيان ڌري؛
ڪال تنهنجي ڪنڌ تي، ٻيٺو ٻاڻ ڀري؛
پوندين پوءِ پري، **ساهي** مها ڄار ۾.

٦- ڇڏي هٺ هئي، ٻانڀڻ چئي ٻڌ ترهو؛
پنهنجي پار پرينءَ کي، ستت ڪر سهي؛
ويرين جي ويڙهي ۾، ڪندين ڪوه رهي؛
ويندءِ ڏينهن لهي، پوءِ ڪٽيندءِ ڪوپري.

٧- ڇڏي هٺ هئي، ملي وٺ محبوب سان؛
ڦٽو ڪر فرصت کي، ويندءِ ڏينهن لهي؛
جاڳي جڳ سپني جو، **سامي** ڪر سهي؛
متان پوءِ رهي، پوين وس ويرين جي.

٨- هئي هٺ نه وار، متان ڏسين ڏک ڏهاڳ جا؛
ڇڏي خيال خلق جو، گهر پنهنجي ۾ گهار؛
ڪر سينگار ملڻ جو، پڇي جيڏيون چار؛
ته دوست اچي دربار، ڏئيئي سک سهاڳ جو.

٩- هئي هوڏ مَ ڪر، مُٺي محبوبن سان؛
پينهن چَڪي، ڍوءِ پاڻي، محبت مٺيون ڀر؛
ته دوست تنهنجي در، پيهي اچي پاڻهي.

١٠- هلي هٺ ڇڏي، محبتي مرم ري؛
واءُ وڏائيءَ لوڀ کون، رکي پاڻ جهلي؛
ڪنهنکي ڪين سلي، **سامي** سڪ پرينءَ جي.

١١- جيڪو هٺ هاري، سرڻ پئي ساڌوءَ جي؛
تنهن کي پيالو پريم جو، پرچي پياري؛
آڻي غرقي غار ۾، اچرج ڏيکاري؛
نانت نواري، **سامي** چڙهيو سير تي.

(اڀمان يا خودي)

١- خوديءَ منجهه خراب، مورکه لوڪ اَپار ٿيا؛
مڃي وينا ست، سڀ جڳت جو اسباب؛
اڳيون ڪال قهار جو، **سامي** جهلن تاب؛
هر هر ڏين حساب، سمجهه ورائي سکڻا.

٢- ڀانئڻ ڀڃي ڇڏ، متان ڄاڻ وجهيئي ڄار ۾؛
آهيون اسين جنجا، تنين وَٽون اَڏ؛
پاڻ تنين سان گڏ، نينهن جن جو نانهن سان.

٣- گرمکه جو گذران، سدا ساڌ سنگت ۾؛
جنهن کي ڏنو ستگروءَ، سڪ سمجهه جو دان؛
رکي نه رتيءَ جيترو، اندر ۾ اڀمان؛
سم ڏسي ڀڳوان، چيٽي ۽ ڪنچر ۾.

٤- ڪيو جنهن نروار، ويهي پنهنجي گهر ۾؛
ڪڍيو تنهن قلوب مون، اوديا جو اهنڪار؛
لڌائين لوڙي ڪري، **سامي** سر جڻهار؛
دوست جو ديدار، پائي پرچو پاڻ ۾.

٥- انڀئي جو آرام، آيو جنهن اوڌوت کي؛
مِٽي تنهنجي من مون، ٻي سڀ خودي خام؛
در در ديوانن جان، ڪري ڪين سلام؛
سدائين نهڪام، **سامي** رهي سڀاءَ ۾.

٦- فقيرن فرمان، منيو محبوبن جو؛
تن ڪوري ڪپي ڪڍيو، اندر مون اڀمان؛
گهڙي لڌائون گهر مون، انڀئي آتم گيان؛
ٿيڙا سي پروان، اڳيون عجيبن جي.

٧- خوديءَ منجهه خوار، ٿيا بيکه، گرهستي لوڪ سڀ؛
مَني ويٺا من ۾، وِڌِ نکيڌ وهنوار؛
جاڳي ڏسن ڪينڪي، ساکي سر جنهار؛
سامي پائين ڇار، ٿا سمجهه ورائي سکڻا.

٨- تياڳيو جنهن اهنڪار، تنهن سرب تياڳه ڪيو؛
سامي سيتل جل جان، ٺري ٿئڙو ٺار؛
اندر ٻاهر ده دسان، ڏسي ساکي سار؛
ڄاڻي سڀ سنسار، ڪلپت پنهنجي جيءَ جي.

٩- پرميشر جو پار، ڪنهن پاتو ڪينڪي؛
ٿڪي بيٺا ڪيترا، ڪري ويل ويچار؛
وِرلي ڪنهن گرمکه ڪيو، دل ۾ دب ديدار؛
سٽي سڀ اهنڪار، سيتل ٿيو **سامي** چوي.

١٠- من ماري مهين ڪر، خوديءَ ڇڏ خيال؛
ڀڄن ري ڀڳوان جي، هاڻي ڪونهي حال؛
اچي وٺندءِ اوچتو، ڪنهين ساعت ڪال؛
پورن جپج پِٿو چوي، جو لالن جو لال؛
جنين ميڙيو مال، سي ڀڄن ري ڀُري ويا.

(ڪوڙ)

١- ڪوڙي کي ڪو ٿانؤ، ڏئي نہ وٽ وهڻ جي؛
ڪنهن کي ڀاوين ڪينڪي، جئن ڪارو ڪانؤ؛
سچي کي **سامي** چوي، سيؤ سڀ گرانؤ؛
نارائڻ جو نانؤ، مُکہ رکي موجون ڪري.

٢- ڪوڙا ڪُريتو هلن، حرف حساب ري؛
مري پائين پاڻيهي، ڪَئي جو ڪيتو؛
سامي سچارن، سچو پيالو پُر پيتو؛
جاڳي جڳہ جيتيو، پورن ڄاڻي پيءَ کي.

٣- ڪوڙا ڪوڙ ڪري، ٻيڙي ٻوڙين پنهنجي؛
ڀوَن ڀوَساگر ۾، نانا روپ ڌري؛
سامي سچارن جو، سدا جهاز تري؛
پَت سان پُور ڀَري، پار لنگهائين پاتڻي.

٤- ڪوڙن جو ڪوئي، ٿاءِ نہ پوي جوڳہ جپ؛
ڀوڳن ڀوڳہ نرڪ جا، رهن سدا روئي؛
سامي سچارن جو، سم سچو سڀوئي؛
جئن رنگہ رتي لوئي، تئن رتا رهن رنگہ ۾.

٥- ڪوڙو ڪري قرار، ڪڏهن وِهي ڪينڪي؛
ست ڄاڻي سنسار کي، کپي ٿئي خوار؛
اِسٿت رهي آڪاس جان، **سامي** سنت سچار؛
اندر ٻاهر يار، پرتکيہ ڏِسي پنهنجو.

٦- كوڙا جيءَ كرمَ، كرن كلپت كوڙ جا؛
پائي پون پاڻيهي، نانا جون جنم؛
ساهي سچيارن سان، سچا دم قدم؛
سنڌ ڏسن سم، اندر باهر آتما.

٧- كاڻي كوڙ نه كر، كنهين ساڻ كَڻِ جيترو؛
اِهو واڪ ويساه جو، هردم هردي ڏر؛
نه پرچي نيئي پل ۾، گهوٽ پنهنجي گهر؛
كري سپني كان سَرِ، **ساهي** ڏيئي سكه سچو.

٨- كوڙا كوڙ بولين، مت مرم ري؛
لعل وڃائي اڻ ملها، كوهن پنهنجي پَتِ؛
ساهي سچيارن جي، سچي سپ سنگت؛
ميٺي ممتا متِ، جوڙيا جوت سروپ سان.

٩- كوڙا كپٽي كوڙ، سچ سچاڻن كينكي.
مري پائين مت ري، جنم انيك اگهورَ؛
كو سجاكو سورمو، ماڻي درسن دورَ؛
ساهي ڇٽي جنهن چور، پنجئي كيا وس پنهنجي.

١٠- كوڙا كمائي، كوڙي كن كلپت سان؛
سپ كي سهن سِرَ تي، جاڻي وڃائي؛
سچا ماڻن سانت سكه، **ساهي** سدائين؛
پكي پكائي، روڙي كائين رس ڀري.

(سچ ۽ سچيار پرکہ)

۱- سوڏي سنگہ ڪري، **سامي** سچارن جو؛
سدا جن جي من ۾، محبت مچ ٻري؛
ستہ سڌ سروپ ڪون، پلڪ نہ ٿين پري؛
ڏين ٻندار ٻري، سپ ڪنهن کي سکہ جا.

۲- سچ سچاتو جن، سي ڪوہ ڪريندا کوڙ کي؛
مورت محبوبن جي، سپ صورت منجهہ ڏسن؛
انڳي ٻهر عجيب سان، ملي مؤجان ڪن؛
منجهي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.

۳- سچ سچاتو جن، سي ڪوہ ڪريندا کوڙ کي؛
هوندي بل نربل ٿي، سپ جي سيوا ڪن؛
سامي اوديا سنڌ ۾، وهي ڪين وڃن؛
وينا گهر رهن، ساکي سهج آڪاس جا.

۴- **سامي** سچ پلي، ٻڌو جنهن ٻيائي ري؛
سو راتيون ڏينهن رهت سان، پنهنجو پاڻ پلي؛
جگہ ۾ جگہ جهڙو ٿي، بنا چاہ چلي؛
ڪنهن کي ڪين سلي، انيڳي سکہ اندر جو.

۵- جنهنکي سچ پلي، سو سيتل رهي سياءَ ۾؛
هرکہ سوگہ جي باہ ۾، **سامي** ڪين جلي؛
وينو انيڳي تخت تي، پنج ئي دوت دلي؛
بنا چاہ چلي، جگہ ۾ جگہ جهڙو ٿي.

٦- سداءِ تنهنجي جيءِ، جنهنکي سچه اندر ۾؛
ساهي چئي سنسار جي، ڀولي رکي نه ڀئي؛
ستهه سڌ سروپ جي، لنوَ ۾ رهي لئي؛
پرچي پيري پئي، ڪري سڀ ڪنهين سان.

٧- **ساهي** سو سچيار، جو ڪڍي ڪوڙ قلب مون؛
پيهي ڏسي پاڻ ۾، آتم سکه اپار؛
ساکي سرجڻ هار، وياپڪ ڏسي وِسِ ۾.

٨- سدا تنهنجي جيءِ، جنهن کي سچ اندر ۾؛
جيتي اوديا دَلَ کي، **ساهي** ٿيو نرڀئي؛
نَنهن چوٽيءِ تاءِ پاڻ کي، لکه ۾ ڄاڻي لئي؛
پرچي پيري پئي، ڪري سڀ ڪنهين سان.

٩- ٻَڌو جنهن پلي، سچ سڃاڻي پنهنجي؛
حڪم تنهن هرجن جو، سڀ تي سيکه هلي؛
پنج ئي ڪيائين پنهنجا، **ساهي** داس دلي؛
اچل ڪين چلي، نهچل نرمل سار کون.

١٠- ورلو واپاري، ڪو سوَدو ڪري سچه جو؛
ڀري کيپ کميا جي، ڀڳت جي ڀاري؛
ساهي لوڪ پرلوڪ جي، سڌ رکي ساري؛
ڪري نيزاري، سنمکه ٿئي شاهن سان.

١١- سو درٻاري داس، جنهنکي سچ اندر ۾؛
ساهي سدائين رهي، کل کل کون خلاص؛
ڏٺاءِ گر گيات سان، اَنڀِيءِ جو آڪاس؛
جنهن ۾ پريم پرڪاش، سو ساکي سورج جان رهي.

١٢- جنهنکي سچ پلي، تنهن جي جيءِ جڳت ۾؛
ساکي ڄاڻي سڀ ۾، **ساهي** سم هلي؛
ڪنهنکي ڪين سلي، انڀئي سک اندر جو.

١٣- سچ سڃاتو جن، سي ڪوه ڪريندا ڪوڙ کي؛
مرگهه ترشنا جي جل ۾، **ساهي** ڪين وهن؛
رتا رنگ رهن، **ساهي** سپرين جي.

١٤- ڏٺي جن چکي، **ساهي** سُرڪي سچ جي؛
اوديا پنڊ مٿي تون، لاهي تن رکي؛
لنوَ لنؤ منجهه لکي، سَتا سڀ ساکيءَ جي.

١٥- سچ سي سڃاڻن، جنکي سڪ سل ڪيا؛
پاڻ ڏٺائون پاڻ ۾، نرکي نماڻن؛
مورکه ڇا ڄاڻن، دردوندن جي دم کي.

١٦- جن سڃاتو سچ، ملي ساڌ سنگت سان؛
سدا تنجي من ۾، ٻري محبت مچ؛
ڪڍي ڪلپت ڪچ، **ساهي** چڙهيا سير تي.

١٧- ڀري ماريا ٻاڻ، ستگر پوري سچ جا؛
چورُ ڪيائين چت کي، رهي نه سُرت سڃاڻَ؛
سامي سپرين ري، ٻي سڀ ڀلي ڄاڻ؛
اچي بيٺا پاڻ، سنمکه منهنجي سپرين.

١٨- جنهن کي بتايو دڳه، ستگر پوري سچ جو؛
سو مري پيو ميدان ۾؛ ڇڏي هٺ هلڪ؛
سڀ ڪڍيائين جيءَ مون، **سامي** سنسو شڪ؛
حاضر ڏسي هڪ، بنا جان اکين جي.

١٩- جنهن کي سچ پلي، **سامي** ڏئي ستگرو؛
انڀئي آتم سکه جي، تنهن کي ڳالهه سلي؛
سو اچل ڪين چلي، پائي پرتيت سان.

٢٠- ستگر پياري، **سامي** سُرڪي سچ جي؛
اچي اجگئبي چڙهي، انڀئ خماري؛
خودي خواري، مٽي ويئي من مون.

٢١- ڪيول ڪسوٽي، ستگر لائي سچ جي؛
ڪڍيائين اندر مون، ممتا مت کوٽي؛
اچي نا موٽي، جئن جڳياسي جڳه ۾.

(پڙهڻ)

١- ويد پران پڙهي ڪري، ٿو لوڪن ريجهائين؛
سُپريان جي سڪ ۾، جهاتي نه پائين؛
چاه نه چڪائين، تون پسين ڪئن پرينءَ کي.

٢- ٻانڀڻ ٻَنڌ مَ ٺاٺ، ڪوڙا مايا موه جا؛
کڻي هڻندءِ کڏ ۾، اها ڏائڻ ڏاٺَ؛
ڇڏي پوٿيون پاٺ، جاڳي ڏس جڳديس کي.

٣- ويدن جا وادي، اسين آهيون ڪينڪي؛
نڪي ڄاڻون چت ۾، اسين اٽڪل اُستادي؛
سامي ڏني ستگروءَ، انڀيءَ لکه آدي؛
اها مُرادي، سوگهي آهي ساهه کون.

٤- توڙي نت چئي، ڇهه چار اٺاره مکه سان؛
تپ تيرٿ ساڌن ڪري، غفا منجهه رهي؛
بنا ساڌ سنگت جي، وهڻ منجهه وهي؛
سامي ڪئن لهي، پٺي ڏيئي پاڻ کي.

٥- مورکه سڀ منجهي، پيا ويدن جي واچ ۾؛
سامي لَکَه سروپ جي، ڪنهن سياڻي سمجهي؛
جنهن کي ڏني ڪنجي، ستگر عين عشق جي.

٦- لکين هزارين، ويد پڙهي وادي ٿيا؛
ورلو ڪو گرمکه ٻجهي، وڌ سان ويچاري؛

آڻي من پَوَنَ کي، اندر آتاري؛
نانت نواري، سيتل ٿئي **ساهي** چئي.

٧- سهسين پڙهي سبق، حافظ ڄاڻن پاڻ کي؛
سمجهي ڪين سُلوڪ جو، اشارو احمق؛
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق؛
ڏٺا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾.

٨- پوٿر پلالي، ڪوڙين گهمن ڪيترا؛
ڳالهيون ڪن زبان سان، خلوت جون خالي؛
جاڳي ڏسن ڪينڪي، خاوند خيالي؛
لنؤ لنؤ منجهه لالي، **ساهي** تنهن سروپ جي.

٩- ڇهه، اٺارهن، چار، ڳالهه چون ٿا هڪڙي؛
ڀڳت ڪر ڀڳوان جي، نانا ڀرم نوار؛
ساجهر پاڻ سنڀار، متان پوين پوءِ ڏکن ۾.

١٠- ڇهه، اٺارهن، چار، ڳالهه چون ٿا هڪڙي؛
در در ديوانن جان، ناحق ڪيمَ نهار؛
ملي ساڌ سنگت سان، بيحد ڏيو ٻار؛
ته بيٺو منجهه بزار، **ساهي** ڏسين سپرين.

١١- چريا سي چئجن، جي پاڻ پڇاڻن ڪينڪي؛
ڳالهيون ويدن جون ٻُنڌي، مرم نه رکن من؛
پنهنجيءَ ڳچيءَ پاڻهي، جوڙي سيل وجهن؛
ساهي ڪين ڏسن، جهاتي پائي گهر ۾.

(رهت)

۱- جنکي رهت رتي، آئي ساڻ عشق جي؛
تنکي لڳي ڪينڪي، **سامي** واءُ تتي؛
پائي پران پتي، سيتل رهن سپاءَ ۾.

۲- رهت هڪ رتي، پاتي جن پرتيت سان؛
تنکي لڳي ڪينڪي، تڏي ءِ تتي؛
سي رسيا راه سنڌيءَ تي، پائي پران پتي؛
جڳن لوئي رنگ رتي، تڳن **سامي** رتا رهن رنگ ۾.

۳- رهت ورائي وڪ، ڪوڙا پائن ڪيترا؛
رکي چاه اندر ۾، در در مارن جڪ؛
مائل ٿيو مهراڻ ۾، ڪو پريمي چڏي پڪ؛
جنهنکي لڪ الڪ، **سامي** ڏني ستگروءَ.

۴- سپ ڪو ڳالهه چڳي، منهن سان پد اگم جي؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، **سامي** سڪ لهي؛
جيڪو رهت رهي، پاڻ ڪيي پرتيت سان.

۵- آئي هٿ رهت، **سامي** جنهن سيوڪ جي؛
مٽي تنهنجي من مون، سپ ممتا مت؛
اندر باهر ده دسان، ساکي ڏسي ست؛
راتيون ڏينهان رت، رهي پد اواڻ ۾.

٦- رتي هڪ رهت، ودي جنهن ويساه سان؛
مٽي تنهن جي من مون، ٻي سڀ ممتا مت؛
اَٺئي پهر الڪه جي، ڪري اڀيد ڀڳت؛
ساهي ڄاڻي ست، ساکي سڀڪنهن ۾.

٧- رهت ساڻ رهين، **ساهي** چئي سنسار ۾؛
ڀُلي مايا موه جي، وه ۾ ڪين وهين؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، پنج ئي دوت دهين؛
متان پوءِ سهين، ڪشالا ڪرمن جا.

٨- رهت رهين، پائي گيات گروءَ جي؛
لڳو رهين لڪه ۾، ڪنهنکي ڪين چئين؛
ميل وڃائي من جي، دکه سم سهين؛
تڏهين سکه لهين، **ساهي** سپيرين جو.

٩- گذري سان گذري، باقي رکه رهت سان؛
وڃي ساڌ سنگت ۾، **ساهي** پؤ ڪِري؛
ته پرچي پاڻ پرين، کڻي وٺني هٿ سان.

١٠- مُکه سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي؛
اَن پاڻيءَ جي نانوَ سان، بکه اُڃ ڪين لهي؛
نگر پهچي ڪونه ڪو، بنا پنڌ ڪئي؛
گرگم رهت رهي، ته سکي ٿئي **ساهي** چئي.

(سڪ)

١- **ساهي** ڪين گهٽي، سڪ سچن جي من مون؛
سلَ الوٽي سَمَ جي، ڏني جن چٽي؛
ڪلپت سپ ڪٽي، پرچا رهن پرن٤ سان.

٢- سڪ ساڪيات ڪيو، جاڳائي هن جي٤ ڪي؛
سورج آيو سر تي، اوديا پرم ويو؛
بانيڙ چڳي ٻيو، نظر نہ اچي نينهن ري.

٣- جن ڪي سڪ ثابوت، آهي عجيبن جي؛
تني ڏنو سپ ۾، **ساهي** ساڪي پوت؛
بنا درسن قوت، ٻيو ڪڏهن ڪرن ڪينڪي.

٤- نڪو آر نہ پار، سپيريان جي سڪ جو؛
سڳانتي٤ بنا سِپَ ڪي، اچي ڪين قرار؛
مڇي٤ جي من ۾، وسي پاڻي پراڻ آڌار؛
ساهي سرجڻهار، هڪ پاڪ پراهون نہ ٿڳي.

٥- بنا سڪ سچڻ، ڪنهين پاتو ڪينڪي؛
نڪري ڪٿن ڏهي٤ ري، منجهون ڪير مڙڻ؛
قل ورائي وڻ، **ساهي** سچو سڪڻو.

٦- جنهن کي لڳي سڪ، **ساهي** سپيرين جي؛
مٽي تنهن جي من مون، بي سپائي ڇڪ؛
مورت محبوبن جي، سپ ۾ ڏسي هڪ؛
راتيون ڏينهان ٽڪ، لائي وينو لڪ سان.

٧- اڇي سڪ وڏي، پربنءَ جي پسڻ جي؛
ديکيا پوري گروءَ جي، ڇڪي ڳنڍ ٻڌي؛
ساهي ڪنڌين سر تي، نيڪي ءِ ٻدي؛
لئو لئو مؤج لڏي، مورت پنهنجي مڙ جي.

٨- سڪ ملايو يار، ساڏوءَ سنگ **ساهي** ڇڻي؛
اندر باهر ڏه ڏسان، ڏنو ڏب ديدار؛
ٽيٽو جيءِ جيءِ ڪار، اوديا ڪلپت نه رهي.

٩- سڪ مون لڏو سچ، گرپرسادي گوڙي؛
ڪيڙائين اندر مون، سڀ ڪوڙو ڪلپت ڪچ؛
پاري محبت مچ، **ساهي** ڪيائين سوجهرو.

١٠- وڃي سڪ سهي، ڪيو در دوسن جو؛
سنسو سير صبر ۾، ويڙو سڀ وهي؛
آتم لعل لهي، سکي ٽيو **ساهي** ڇڻي.

١١- ڪنهنکي ڪريان حال، سپيريان جي سڪ جو،
ڏسان ڪونہ جهان ۾، دردوند دلال؛
جو ملائي محبوب سان، ڪٽي ڪلپت ڪال؛
اهڙو پرڪ ديال، **ساهي** آهي ستگرو.

١٢- لائي ويرِ وڏي، سچڻ سڪ سوڙهو ڪيو؛
اڇي اڏَ موڻ تي، ڪندين مهر ڪڏي؛

تڙڦي تڙڦي تن مون، ويندو ساه جڏي؛
سامي چئي تڏي، ميلو ڪندين ڪِنِ سان.

١٣- هزارن جي هڪ، ڳالهه ٻڌائي ستگروءَ؛
مليا سي محبوب سان، جن کي سچي سڪ؛
ڪڏهن ٿين ڪينڪي، اوڻا ۽ اڌڪ؛
ٻيا ٻانڀڻ چئي ٻالڪ، ڀُلي پيا ڀرم ۾.

١٤- جن کي سچي سڪ، سي پاڻيهي پڌرا؛
سامي ٿيا سنسار جي، ڦرني کان فارق؛
مورت محبوبن جي، هردم ڏسن هڪ؛
ٻيا سڀ چَٽين چِڪ، ٿا مورکه جيءَ مرم ري.

١٥- جيڪو سر رکي، لاهي ڀيٽ گروءَ جي؛
سو سهجي سڪ سچيءَ سان، انڀيءَ رس چکي؛
گهٽ گهٽ منجهه لکي، **سامي** سار سروپ کي.

١٦- جنهنکي سچي سڪ، اديون عجيبن جي؛
سا پلڪ پراهون نه ٿئي، حاضريءَ کون هڪ؛
سامي سکپت سيج تي، ويڙهي سڀ ورق؛
ٻيون سڀ چٽين چڪ، سڪ ورائي سکڻيون.

١٧- سڪ ري صفائي، اچي نه اندر کي؛
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پائي سر ڇائي؛
اها ڳالهه سمجهه ۾، ڪنهن ورلي کي آئي؛
گرگم جنهن لائي، **سامي** لنوَ سروپ سان.

١٨- سڄڻ رنگيلو، اچي مليو سڪ سان؛
سامي سڀ ڀُلي ويو، ڪٽنب قبيلو؛
اهڙو ٿيو حيلو، ته ٻي سُجهي ڪين سڄڻ ري.

١٩- جيڪو هن ويلي، اچي سڪ سچيءَ سان؛
تنهنکي ڏيان تتڪال ۾، من موهن ميلي؛
خلل ري کيلي، پيو **سامي** چئي سنسار ۾.

٢٠- روح ڏنو ريلو، لڳي سڪ سروپ جي؛
ملي مهد جنن سان، ٿيڙو من چيلو؛
تن ڏيکاريو ڏيل ۾، مليو اڪيلو؛
ميل ري ميلو، **سامي** ٿيو سروپ سان.

٢١- سچي سڪ آئي، تڏي ساگر ترڻ سُگم ٿيو؛
ملي مهد جنن سان، انڀئ لنؤ لائي؛
اوديا دکه اندر ۾، رهيو نه رائي؛
سهجي سمائي، مايا محبوبن جي.

٢٢- ڪر ڳجهائي ڳول، ٿيءُ پيرانڍو پر جو؛
منجهي سڪ **سامي** چئي، تون ڏوري لهه اڏول؛
ڀج مڙيئي ڀول، ته سهج ملني سپرين.

(محبت)

١- محبت مٽائي، ملي ملهه اَپار سان؛
وڃي پڇ تِني کون، ڏٺي جن کائي؛
چڙهيا انڀئي اَڇ تي، وڃائي وائي؛
سامي سدائين، سنمکه ڏسن سپرين.

٢- محبت جن جي من، سي پاڻيهي پڌرا؛
پين پيارين پريم رس، ٻيائي ڏيئي ٻن؛
سامي سدا رهن، انل جان آڪاس ۾.

٣- محبت جن جي من، سي سداءِ سَنَرا؛
سامي سپيرين کون، پلڪ نه پاسو ڪن؛
اندر ٻاهر ده دسان، سم سروپ ڏسن؛
رتا رنگه رهن، ممت مِٽائي من جي.

٤- محبت جنجي من، سي رهن نماڻا جڳه ۾؛
سامي سپيرين جي، سدا ڀئي رکن؛
لاباري ڄاڻي ڪري، ڪينو ڪبر نه ڪن؛
آگيا منجهه رهن، ڄاڻ وڃائي پنهنجي.

٥- محبت جن جي من، سي پاڻيهين پڌرا؛
هٿين پيرين پيٽ ڀر، **سامي** سدا رڙهن؛
جيئڻ مرڻ دکه سکه جو، سنسو سوچ نه ڪن؛
وڃي پرين پسن، لنگهي اوديا سنڌ مون.

٦- محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن؛
پون پروانن جان، اڳيون عجيبن؛
سانگ نه وارن سر جو، توڙي مچ مچن؛
ماسو ماس نه تن، بره جني جي بُگَري.

٧- محبت مست ڪري، عاشق نيانِ اسگاه ۾؛
پرچي ڪيائون پنهنجو، **ساهي** پَٽُ پري؛
ڏسي منهن محبوب جو، وينا ڌيان ڌري؛
پرين پاڻ ڀري، نت پيالو ڏين نور جو.

٨- محبت ٻاريو مچ، عجائب اندر ۾؛
سڙي ويو **ساهي** چئي، ڪوڙو ڪلپت ڪچ؛
سيک رهيو هڪ سچ، ساکي رهي سنسار جو.

٩- محبت جنجي من، سي پاڻيهي پڌرا؛
درسن پسي دوس جو، راتيون ڏينهن رهسن؛
ڀريا ساگر پريم جا، انڀئ رس چکن؛
ساهي ڪين لڪن، ڌرتيءَ ۽ آڪاس ۾.

١٠- محبت جو مذڪور، ٻڌو جنهن ٻيائيءَ ري؛
اچي تنهنجي جيءَ مون، جاڳيو ڀڳت انگور؛
ديه اڀمان ڇڏي ڪري، ٿيو گگن ۾ گرڪور؛
حاضران حضور، **ساهي** ڏسي سپرين.

(پريم)

١- انيئي اٽڪ، رکن ڪانه اندر ۾؛
پورو اکر پريم جو، پڙهي ٿيا پَرِپَڪَ؛
ويڙهي سڀ ورق، **سامي** چڙهيا سير تي.

٢- آتم درسي داس، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
ڪيو جنهن ڪلپت ري، نيڻن منجهه نواس؛
چيتن چد آڪاس، پورن ڏسي پريم سان.

٣- اچي پريم پياس، گرگم لڳِي جيءَ کي؛
اُٿندي، وهندي، ننڊ ۾، جپي ساسون ساس؛
سامي سپرين ري، ٻي ڪا رکي نه آس؛
سڀ ڀلائي ڀاس، لنوَ لنوَ پِئي رام رس.

٤- سوئي ٿيڙو داس، سنتن ساپرسن جو؛
اچي جنهن جي گهر ۾، ڪيو پريم پرڪاش؛
سامي ڏسي سڀ ۾، واسديوَ جو واس؛
ڪري ڪلپت ناس، چڙهيو انڀيءَ اڄ تي.

٥- ورلو ڪو پوري رکي، پريت پرينءَ سان؛
هار جيت، دکه سکه ۾، ڪريِ **سامي** صبوري؛
ممت وڃائي من جي، سهي سِر سوري؛
سو هردم حضوري، پلڪ پراهون نه ٿئي.

۶- جيءُ ڪري جڪ جڪ، راتيون ڏينهان ننڊ نہ؛
پٽي ڏسي نہ پريم سان، **سامي** انيءِ اڪ؛
پرميشر پرتڪ، وياپي رهيو وس ۾.

۷- پريم پريم سپ ڪن، پريم پرڪ پرماتما؛
من، بُڌِ، واڻيءَ کون پري، لڪايا لهن؛
ٻيا سپ باد بڪن، سمجهه ريءَ **سامي** چوي.

۸- بيگم پور شهر، اٽي عين آڪاس ۾؛
من، بڌ، واڻي واڇ کون، اگم اگوچر؛
ڪٽي پريم پرتيت سان، **سامي** سهج ٿمر؛
تہ انيءِ پرڪ امر، پيٽي وڃي پرم ري.

۹- هر جن ڪين هٿي، پريم پريت ويساه کون؛
سوُري جان سنمڪ لڙي، سنسو سپ سَٽي؛
ماري نانا دَلَ ڪي، ڪلپت سپ ڪَٽي؛
سهڄي سوپ ڪَٽي، **سامي** من مواس کون.

۱۰- عاشقن اڏيو، پريم پينگهوڙو گهر ۾؛
پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي، ٻيو سپ ڪم ڇڏيو؛
اڇي گڏ گڏيو، سچڻ سڪ ڏسي ڪري.

۱۱- پريمي ٽيو پريتم، اڇي پريم نگر ۾؛
پاتائين پرينءَ جو، **سامي** سهج مرم؛
پلائي پرم، پاڻ ڏسي ٿو پاڻ ۾.

۱۲- مهان چَتر پربین، پربھ کیا وس پنھنجي؛
مانُ وڃائي سپ چڏي، ٿيا عاشق لنولين؛
پوپا پچن کين، **ساهي** پربھ پساچ سان.

۱۳- سنگر لکائي، ظاهر جنھن کي پريم پد؛
سو سوگھو رکي ساه کون، لنؤ سان لکائي؛
سدا رهي سنتوکه ۾، واتون نه وائي؛
جڳن گونگو گڙ کائي، مشکي کشکي کينکي.

۱۴- آءُ نہ پياريانءَ، پري پيالو پربھ جو؛
ساهي هن اوسر ۾، تن من سپ ناريانءَ؛
ده دس ڏيکاريانءَ، انيءِ پرکه اکين سان.

۱۵- پڙهي کو پاڙهي، پنڊت پٽي پريم جي؛
من کي مکبون ڏي، لنؤ لائي لاڙي؛
ساهي پگٽ جهاز ۾، ڇکي ڏکي چاڙهي؛
ڪل سان قاڙي، پردو پيد پرم جو.

۱۶- پريميءَ کي پرلاءُ، ستہ پيو سروپ جو؛
بڌائين باون ري، گگن ۾ گوگاءُ؛
ميٽي دُتيا پاءُ، سيتل ٿيو **ساهي** چوي.

۱۷- ورلي ماءُ جڻي، کا پريمي پُتر گرپ مون؛
ساهي سپرين جي، جنھن کي پگٽ وٽي؛
چاڙ وڃائي پنھنجي، سپ جو داس بڻي؛
ليکو کين ڳڻي، ڏسي اليکه اکين سان.

١٨- ورلو وَڏ ڀاڳي، پهتو پريم نگر ۾؛
جنهن ملي ساڌ سنگت سان، ممتا مت تياڳي؛
ڏ ٺائين جاڳي، پنهنجي اکين پاڻ کي.

١٩- پرچي جنهن پڙهيو، پورو اکر پريم جو؛
سو ممت مٽائي من جي، انڀئ اڇ چڙهيو؛
سامي اڻ گهڙيو، ڏِيو ڏ ٺائين ڏيهه ۾.

٢٠- جن کي پريم پياس، اچي ازغئبي لڳي؛
سي **سامي** سدا رهن، مايا منجهه اداس؛
ملي سنگت سان، ٿيا داسن جا داس؛
ڪٽي اوديا ڦاس، سڀ گَهٽِ ڏسن سپرين.

٢١- سڀ جي گهر آهي، پريم پدارٿ رام ڌَن؛
سامي ڏسي ڪونڪو، منهن مڙهيءَ پائي؛
ستگر لکائي، ته ڏسي پد اکين سان.

٢٢- جنهن جي پريم پَلي، سنمکه تنهنجي سپرين؛
سامي سکه سروپ جو، ڪنهن کي ڪين سلي؛
پرچو رهي پد ۾، پنج ئي دوت دَلي؛
هلي ڪين چلي، ڄاڻ وڃائي پنهنجي.

٢٣- پيالي مان پرينءَ جي، رتيائي رحمت؛
پيتي جن پريت سان، سي ٿيا متارا مت؛
سي ڪٿن ڪين اڪٿ، ريڌا رهن حال ۾.

(عشق)

١- جنهن کي عشق لڳو، اچي عجيبن جو؛
تنهن ملي ساڌ سنگت سان، **سامي** ڀول ڀڳو؛
وڪڻي ڍور ڍڳو، سمهيو سکپت سيج تي.

٢- عشق، عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا؛
انڀيءَ جي آڪاس ۾، گرگم پهچائين؛
درسن سار سروپ جو، لنوَ سان لکائين؛
ممت مِٽائين، **سامي** سڀ اندر جي.

٣- جنهن کي ڏيکاري، عاشق لٽڪ عشق جي؛
تنهن **سامي** سَٽي سر تون، خودي خواري؛
اتري ڪين اکين مون، جا خوشي خماري؛
ڦري نه بيکاري، در در ڪارڻ دوس جي.

٤- عشق ۽ عقلُ، ٻئي ساڌن سَمَ جا؛
ساڌي لهه **سامي** چئي، آتم پد عمل؛
ناحق روه مَ رل، مورکه من جي ڀاوَ تون.

٥- انڀيءَ عشق، لوري لڳو جن کي؛
سي ڪنهنکي چون ڪينڪي، لنوَ لپيٽيو لَڪُ؛
اندر ٻاهر هڪ، **سامي** ڏسن سپرين.

٦- **سامي** ڪوه ڪَتي، جنهنکي عشق اندر ۾؛
چرخو ڀڃي چاه جو، وحدت منجهه وُتي؛
جتي رهي تتي، سنمکه ڏسي سپرين.

۷- قرني جو فرياد، عاشقن کي اندر ۾؛
جنهنکي آيو عشق کون، **ساميِ** چئي سواد؛
درسن پائي دان، پريت نہ متن پنهنجي.

۸- عشق جو نقطو، سمجهو جنهن **ساهي** چئي؛
جئندي تنهن جهان مون، ليکو ڪيو ڇڪار؛
ڪري من مڪتو، سمهيو سڪيت سيج تي.

۹- ڪامل ڪرم ڪيو، تڏهن پرين پيهي گهر آيو؛
اوديا اونده نہ رهيِ، سڄ ري ڏينهن ٿيو؛
اَجگئبي عشق جو، اُلٽو پيچ پيو؛
ساهي سپ ويو، وڇوڙو ورهن جو.

۱۰- نيون نهوڙي، نينهن جنهنکي عشق عجيب جي؛
سو وينو درس درياءَ ۾، ٻيائي سپ ٻوڙي؛
ساهي منهن موڙي، ڪنهن ڏي ڏسي ڪينڪي.

۱۱- اڇي عشق رکيو، زور جنهين جي من ۾؛
تنهن چيت مِٽائي چت جي، چيتن رس چکيو؛
ستہ سِڌ مليو، **ساهي** چئي سروپ کي.

۱۲- شڪر ۽ صبر، عشق عقل سان گڏ ٿيو؛
چئني جي چوڏول ۾، کو جهوُلي نِرِ پکہ نَرُ؛
وڃي لڏو جنهن پنهنجو، انيءِ آدي گهر؛
ميٽي ڏکہ ڏمر، سيتل ٿيو **ساهي** چئي.

(پريمي يا نيهي)

١- ساڌو سرن پئي، پريمي پريت پرتيت سان؛
ڄاڻَ وڃائي پنهنجي، آگيا منجهه رهي؛
ٿڌ گرمي بک ديهه جي، **ساهي** سڀ سهي؛
تڏهن لعل لهي، امولڪ اندر مون.

٢- نيهي نَرُ نهڪام، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
ڪٽي جنهن گرگيات سان، طمع سڀ تمام؛
اندر ٻاهر نَڀَ جان، ڏسي رمتا رام؛
سرڳ جهڙو ڌام، **ساهي** ڄاڻي سپنو؛

٣- نانگن ڪين نِوايو، ناٿُ نوايو نينهن؛
اصل اوڌوتن کي، مڙهيءَ اُٺا مينهن؛
ڪن جاڳندي ڏينهن، ڪن کي پلڪ ۾ پرچو ٿيو.

٤- نينهن بنا نادان، ويد پڙهي وادي ٿيا؛
ٻانڀڻ ڪن ٻيائيءَ سان، جپ تپ دان اشنان؛
نيهي نارائڻ ري، ٻي سڌ رکن ڪانه؛
رهن منجهه جهان، نرپکه نيارا نڀ جان.

٥- نيهي نماڻو، مانُ ڇڏي مائل ٿيو؛
رهي ساڌ سنگت ۾، وِڌِ سان وڪاڻو؛
پرچي لڌائين پنهنجو، پريتم پراڻو؛
ڀڳونت جو ڀاڻو، **ساهي** رکيائين سر تي.

٦- پريميءَ کي پرلاءُ، سنڊ پيو سروپ جو؛
ٻڌائين باون ري، گگن ۾ گوگاءُ؛
ميٽي دتيا پاءُ، سيتل ٿيو **ساهي** ڇوي.

٧- بانيءَ کو ٻُجهي، بولي باون باهرين؛
توڙي سياڻو سورمو، پنڊت پڙهيو هجي؛
کو جن پريمي پريتوان، سمجهايو سمجهي؛
موٽي کين منجهي، اوديا جي اونده ۾.

٨- آهي اَٽ وُٽي، **ساهي** ڳالهه سروپ جي؛
سياڻا سمجهن کينکي، مصلحت کن مڙي؛
اِياڻا ويا عقل ري، رَسن منجهه رڙهي؛
نرمل نگن ڪڙي، پيا نيهيءَ نرپکه جا.

٩- نيهي نهه ڪرم، ڪرم کن ڪلپت ري؛
نکي مايا موهيا، نکي جوهيا جم؛
بولن بڌن بيائيءَ ري، انيءِ واڪ اگم؛
ساهي ڏسن سم، اندر باهر آتما.

١٠- نگنن لايو نينهن، نور محل ۾ ناٿ سان؛
جتي سج نه چند کو، نکو رات نه ڏينهن؛
مهرڻ وَسي مينهن، **ساهي** سدا عرش جو.

(محبتي)

١- محبتي مطلب، ڪنهن سان رکن ڪينڪي؛
رهي جني جي روح ۾، راتيان ڏينهان رب؛
ڳالهيون ڪن عرش جون، عجائب عجب؛
توڙي لائي لوڪ لقب، ته ڀي مست رهن مهران ۾.

٢- محبتن ملڪ، جيتيو سڀ جُڳتِ سان؛
لائي وينا لکه جو، گرمکه تت تلڪ؛
اندر ٻاهر هڪ، **سامي** ڏسن سپرين.

٣- محبتي مشتاق، ڪاڻ نه ڪڍن ڪنهنجي؛
ڏنائون ڏائڻ ڏسي، طمع کي طلاق؛
سدا سپيرين سان، پرچا رهن پاڪ؛
ٻولن بيحد واڪ، سڀاوڪ **سامي** چئي.

٤- محبتن ماڙي، لڌي لکه اگم جي؛
جنهن ۾ لائي لعل ٿيا، طمع ري تاڙي،
ڳالهه نه ڪرن ڳجهه جي، **سامي** اگهاڙي؛
ڏسن ڏهاڙي، پنهنجي اکئين پاڻ کي.

٥- محبتن جو من، سيتل رهي سڀاءَ ۾؛
سامي ڪن سروپ جو، بنا ڀيد ڀڄن؛
گهٽ وڌ واڻيءَ واچ کي، ڪلپي ڏين نه ڪن؛
ڪڍي ڪانو پُن، ڏسن انڀئي اَن کي.

٦- محبتن ماريو، غيبي غوطو گهر ۾؛
انڀيءَ لعل لهي ڪري، جيءُ جُسو ٺاريو؛
نِرکي نواريو، **سامي** ڏسڻ ڏيه جو.

٧- محبتي مستان، رهن پنهنجي حال ۾؛
سامي سپيرين ري، ڪلپت رکن ڪانه؛
جئن ٻالڪ نادان، رهن الڳ اِڇا ري.

٨- محبتي محتاج، ڪنهن جا ٿين ڪينڪي؛
رکن نه رتيءَ جيتري، بنا درسن هاج؛
انڀئي آواز، ڀنا ڪڍن ڀاوَ سان.

٩- محبتي مگن، رهن پنهنجي حال ۾؛
سامي ڄاڻن ڪونڪو، سڪ بنا ساڌن؛
ڪيائون وس ويساه سان، پرچي من پون؛
سڀ انگي سمپن، ڏيئو ڏٺائون ڏيه ۾.

١٠- محبتي مشتاق، لڪن ڇپن ڪينڪي؛
پائي وينا پريم سان، اکين منجهه اوطاق؛
سدا سپيرين سان، پرچا رهن پاڪ؛
ٻانڀڻ ٻولن واڪ، درد ڀريا ديدار جا.

١١- محبتي مامور، رهن پنهنجي حال ۾؛
ڪايا مايا ڪل ۾، وڃن نه وهلور؛
ڄاڻن سڀ سنسار کي، ٻيڙيءَ جو پور؛
حاضران حضور، **سامي** ڏسن سپرين.

١٢- محبتي مامور، رهن پنهنجي حال ۾؛
مرشد جي مهر سان، چيت ڪيائون چور؛
سو ڪئن سان سور، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا.

١٣- محبتي مستان، ٿيڙا سهج سروپ ۾؛
بنا سڪ سڄڻ جي، ٻي سڌ رکن ڪانه؛
ارپيائون عجيب کي، تن من ڌن پت پران؛
سدا رهن غلطان، **سامي** سپيرين سان.

١٤- محبتي مستان، پرچا رهن پاڻ ۾؛
بنا سڪ سڄڻ جي، ٻي سڌ رکن ڪانه؛
انئي پهر عرش ۾، جپن ريءَ زبان؛
جڳ ڄاڻي نادان، **سامي** ساکي سڀ جا.

١٥- محبتن مذڪور، ويهي ڪيو پاڻ ۾؛
اوديا جو اندر مون، سڀ ڪڍيائون سور؛
حاضران حضور، **سامي** ڏسن سپرين.

١٦- محبتي ملڪ، جيتيو سڀ جُڳت سان؛
دئيت ڪڍياءِ دل مون، رکي سم صدق؛
اندر ٻاهر هڪ، **سامي** ڏسي سپرين.

١٧- ويڙو ڪوڙ ڪپٽ، محبتيءَ جي من مون؛
لاٿائين گر گيات سان، **سامي** اوديا پَٽُ؛
پرچي ڏٺاءِ پاڻ ۾، پرينءَ کي پرگهٽ؛
ڪڍي ويٺو هٽ، سودي سار اَپار جو.

١٨- ورلو ڪو آهي، محبتي مشتاق جن؛
جو ملي ساڌ سنگت سان، منهن مڙهيءَ پائي؛
ڄاڻ وڃائي پنهنجي، لنؤ لنؤ لنوِ لائي؛
ممتا مٽائي، **سامي** ڏسي سروپ کي.

١٩- محبتي مستان، ڄهولن جهروڪن ۾؛
سامي سپيرين ري، ٻي سُڌ رکن ڪانه؛
پل پل پين پريم رس، ڪڍي اوديا آن؛
رهن منجهه جهان، سدا اليپ ڪنول جان.

٢٠- محبتين مڙي، مجلس ڪئي پاڻ ۾؛
پين پيارين رام رس، واڪن سان وڙهي؛
ستهه پيو **سامي** چئي، چيتن چنڊ کڙي؛
رهت وان رڙهي، تنهين ۾ تد روپ ٿيو.

٢١- محبتي مڪتو، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جنهنکي ڏنو ستگروءَ، پرچي پريم پتو؛
ٻيو **سامي** ڄاڻي ڪونڪو، من ۾ منتر متو؛
رهي رنگ رتو، سدا سپيرين جي.

٢٢- محبتي مستان، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جو رهي پنهنجي حال ۾، سداءِ غلطان؛
چڙهي ويٺو چوڏول ۾، ڪڍي غير گمان؛
ڪياءِ سِر قربان، ميخاني جي موج تون.

(عاشق)

١- سڀڪو ڪوٺائي، منهن سان عاشق پاڻ کي؛
ڪو ورلو پاڻ پتنگ جان، جيئندي جلائي؛
جنهن کي لکائي، **سامي** درس سپرين.

٢- عاشق سڀ مڃي، آگيا عجيبن جي؛
سامي رهي سڪ ۾، وچن ڪين ڀڃي؛
توڙي سِر وڃي، پير نه وجهي پوئتي.

٣- ڦرني جو فرياد، عاشقن کي اندر ۾؛
جنهن کي آيو عشق کون، **سامي** چئي سواد؛
درسن پائي داد، پريت نه مٽن پانهنجي.

٤- **سامي** چئي سواد، جنهنکي آيو سهج جو؛
سي ڪنهن سان ڪرن ڪينڪي، وائي ۽ وکاد؛
هار جيت دکه سکه کون، عاشق رهن آزاد؛
ڪري مدعي مات، مليا ستهه سروپ سان.

٥- عاشق ڪين لڪن، سورج جان هن لوڪ ۾؛
سدا البيلن جا، نيڻ رتا رهن،
ڪاڻ نه ڪڍن ڪنهنجي، سوري پڻ سهن؛
اٺئي پهر وِهن، **سامي** سپرين سان.

٦- موهيا درس ديدار، عاشق عملي سنت جن؛
رکن نه رتيءَ جيتري، **سامي** سرت سنڀار؛
سدائين نرڌار، رهن پانهنجي حال ۾.

۷- عاشق کن عرض، سدا سڪ سڄيءَ سان؛
درسن درد وندن کي، ڏي نارائن نج؛
اوديا اونده نہ رهي، ڏسي ساکي سج؛
سڙي وڃي بج، **ساهي** ڇڏي سنسار جو.

۸- عاشق تانگهو تار، ڳٽن ڪين اندر ۾؛
لنؤ سان لڪ بندي ڪري، پل ۾ لنگهيا پار؛
وڃي بيگم پور جي، بينا منجهه بازار؛
ڪري اکيون چار، **ساهي** ملیا سروپ سان.

۹- عاشقن جي راه، جدا سپ جهان کون؛
هلن هٿ ڇڏي ڪري، بنا چنتا چاه؛
ڪنهنجي رکن ڪينڪي، پرينءَ ري پرواه؛
سدا ڪن سلاه، **ساهي** سپرين جي.

۱۰- پرچي پڙڻا بندَ، عاشق سڄيءَ سڪ سان؛
لنگهيا پار سمند جي، بنا بيڙيءَ بندِ؛
وڃي سوکم ديس ۾، **ساهي** هنيائون سندَ؛
ڪيري ڪلپت ڪندَ، سنمکه ٿيا سروپ جي.

۱۱- عاشق ڪونائين، تہ صرفو ڇڏ سريرجو؛
ڏيڻي سِرُ سنگروءَ کي، پير اڳي پائين؛
تڏهن لنؤ لائين، **ساهي** سپرين سان.

١٢- سرڳ ۽ نرڪ، عاشق ڄاڻن ڪينڪي؛
رهن سدا سنسي ري، گگن منجهه غرق؛
اندر ٻاهر هڪ، **سامي** ڏسن سپرين.

١٣- عاشق آرامي، رهن ديس ملار ۾؛
جتي اڄ نه بکه ڪا، نڪا ڌم ڌامي؛
سدائين **سامي**، سنمکه ڏسن سپرين.

١٤- راتيون ڏينهن تَڪي، عاشق منهن محبوب جو؛
رهي اکنڊ ڌيان ۾، **سامي** ڪين ٿڪي،
ڄاڻ وڃائي پنهنجي، لنؤ لنؤ رس چکي؛
بنا مکه بَڪي، چڙهي گئب گگن ۾.

١٥- بيهن، ڪين ڀڄن، عاشق اڳيون عجيب جي؛
سامي سکه سهي ڪري، آگيا منجهه رهن؛
جئڻ مرڻ دکه سکه جو، سنسو سوچ نه ڪن؛
هلايا هلن، ڄاڻ وڃائي پنهنجي.

١٦- عاشقن جهيڙو، **سامي** لايو گهر سان؛
وجهين ڪوه ڳچيءَ ۾، ڪوڙو بکيڙو؛
اسان ڪيو تنهنجو، ڏوه گناه ڪهڙو؛
ويهي نبيرو، سنمکه ڪر ڪُٺن جو.

١٧- عاشق اگهاڙي، ڳالهه نه ڪري ڳجهه جي؛
ڪيائون ڪلپت ڪڍي، ڪري محڪم مهاڙي؛

لائي وينا لَکَہ سان، **سامي** سم تاڙِي؛
ڏسن ڏهاڙِي، پنهنجي اکئين پاڻ کي.

١٨- عاشق عشق ڀريا، مست رهن مهران ۾؛
سامي سڃاڻن ڪينڪي، تنکي لوڪ چريا؛
سياڻن سجاگن جا، ڏسي نيڻ ٺريا؛
ستہ ڪاج سريا، سچيءَ سڪ وارن جا.

١٩- ڪريان ڪهڙو حال، درد وندن جي دل جو؛
ڪنا ڪڇن ڪينڪي، لنوَ لائي ٿيا لعل؛
تن کي ڪوه ڪريندو ڪال، جي مرڻ کون اڳي مئا.

٢٠- ڪري جهد جفا، عاشق چڙهيا اڇ تي؛
ڪٽيائون ڪلپت جا، کڻ ۾ خيال خفا؛
سامي ڏسن صفا، اندر ٻاهر آتما.

٢١- ڪو عاشق جن اچي، مئن جي مجلس ۾؛
کنيو خلاصو ڪري، جنهنکي سڪ سچي؛
پتنگہ جئن پاڻ کي، ڏسي مچ مچي؛
سامي رنگہ رچي، ستہ سپرين جي.

٢٢- ليکي وڌو لڙ، **سامي** چئي سنسار ۾؛
عاشق چڙهيا اڇ تي، ڪري پنج ئي پُڙُ؛
سنمکہ سپرين جي، لائي وينا جهڙ؛
جئن گونگو کائي ڳڙ، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

(ڀڳتي ۽ ڀڳت)

١- ڀاڳوتي ڀڳت، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
مٽيو جنهنجي من مون، **ساهي** ممتا مت؛
اندر ٻاهر نڀ جان، ڏسي ساکي ست؛
واري وينو کت، جئندي پانهنجو جم سان.

٢- وڏي وڏائي، **ساهي** ڄاڻ ڀڳت جي؛
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي؛
ڍيڍ چمار جولاها، پيڇارا نائي؛
جنهين لنؤ لائي، سي سڀيئي سڌريا.

٣- ڀڳت پيارا ڄاڻ، نارد مان کي سڀ کون؛
جني منهنجي نانو تي، ڏنو پنهنجو پاڻ؛
سنسو ڪڍي جيءَ مون، سم رهن سڀ ساڻ؛
ڀوري تن جو ڀاڻ، **ساهي** ڇڏيان ڪينڪي.

٤- سوئي سنت ڀڳت، سوئي ڀڳت گيان وان؛
مرگهه ترشنا جي جل جان، ڏنو جنهن جڳت؛
مٽايائين من مون، **ساهي** ممتا مت؛
انڀيءَ آتم نت، پائي پرچو پاڻ سان.

٥- ڀاڳوتي ڀڳت، ماڻن سکه سروپ جو؛
سمجهي جن **ساهي** چوي، اُلٽي اشارت؛
چڙهيا چيتن چٽ تي، ڪٽي سڀ ڪلپت؛
عين اڀيد اَڌُ ڀُتُ، ٻاڻي ٻولن بيحدي.

٦- جيڪو ڪمائي، ڀڳت گر ويساه سان؛
ڄاڻ وڃائي پنهنجي، **سامي** لنوَ لائي؛
جنم مرڻ سک دک جو، سنسو مٽائي؛
سمجهي سو پائي، جيون پدوي گهر ۾.

٧- ڀڳت پد ڀارو، پاتو جنهن پرتيت سان؛
مٽيو تنهنجي من مون، اونده انڌارو؛
لئي ڏٺائين لک ۾، **سامي** جڳ سارو؛
نڀ جان نيارو، رهي بديهي ديه ۾.

٨- ڀڳت ڏني ڀڳوان، جنهن کي پرچي پنهنجي؛
تنهن **سامي** سڀيئي ڪيا، جپ تپ دان اشنان؛
راج ڀوڳ سک سرڳ جي، انڇا رکن ڪانه؛
رهن منجهه جهان، سدا اليپ ڪنول جان.

٩- ڀڳت اڀيد ڪري، جيڪو سڪ سچيءَ سان؛
سامي تنهن کان سپرين، پلڪ نه ٿئي پري؛
انئي پهر ٻري، مهان مشعال اندر ۾.

١٠- ڀڳت ڪمائي، گرمک ڇٽي دکن کون؛
ڏٺائين گر گيات سان، منهن مڙهيءَ پائي؛
ڳالهه نه سلي ڪنهن کي، جئن گنگو ڳڙ کائي؛
رهيو لنوَ لائي، **سامي** سپرين سان.

(گيان)

١- ٻُڌو جنهن گيان، **سامي** گرگم واچ سان؛
مٽيو تنهنجي من مون، اوديا جو اڀمان؛
پرچو رهي پاڻ ۾، لائي سهج ڌيان؛
سامي ڏسي ڀڳوان، اندر ٻاهر ده دسان.

٢- جنهن ڪن ڏيئي، ٻڌو گيان گروءَ جو؛
پڙهي تنهن پورا ڪيا، شاستر سڀيئي؛
ساڌي چڙهيو سير تي، اُروار پار ٻيئي؛
درشٽ وڃي پيئي، **سامي** چئي سروپ تي.

٣- اَوديا جو اُپاءُ، ڪونهي آتم گيان ري؛
پڇي ڪر پرتيت سان، **سامي** سُڌ سماءُ؛
جاڳي ايشور جيوَ جو، ڪڍ دل مون دتيا ڀاءُ؛
اهڙو دلبر داءُ، موٽي ايندءِ ڪينڪي.

٤- بنا آتم گيان، ممت نہ مٽي من جي؛
توڙي سڀ ساڌن ڪرين، پڙهين ويد پران؛
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

٥- گيان ورائي گت، ڪنهن جي ٿئي ڪِينڪي؛
توڙي تپ تيرٿ ڪري، ساڌن نانا ڀَتِ؛
سمجهي ڏس **سامي** چئي، تون ڪڍي ممتا مت؛
ڪري ساڌ سمت، ساکہ ڏين ٿا سچ جي.

۶- منجهي ڏُنَ ڏيان ، اتي ڏُني ڏيان ۾؛
سمجهي ڏس **ساهي** ڇڻي ، تون اهو آتم گيان ؛
تہ اوديا جو ايمان ، متي ويڻي من مون ۰

۷- گروءَ لکايو گيان ، ڏڌهن بولڻ بنڌڻ گيان ٿيو؛
جيڪي اڇي درشت ۾ ، سو **ساهي** سڀ ڏيان ؛
سيوا سهج سروپ جي ، کائڻ پيڻ اشنان ؛
پائي پد نربان ، ماهل ٿيو مهران ۾ ۰

۸- ڏني گيان ڪلا ، ستگور پرڪ ديا ڪري ؛
متي ويڻي من مون ، **ساهي** سڀ بلا ؛
ڪنهن کي ڳالهہ سلان ، اهڙي سڪ اگم جي ۰

۹- مشڪل ڪيو آسان ، **ساهي** پوري ستگروءَ ؛
پرچي ڏنائين پريم سان ، انيءِ آتم گيان ؛
رهيو نہ رتيءَ جيترو ، اندر ۾ ايمان ؛
سمر ڏنو پگوان ، ڪيتيءَ ۽ ڪنڌر ۾ ۰

۱۰- ڏنو آتم گيان ، پوري گُر پرچي ڪري ؛
اوديا ڪلپت نہ رهي ، پرڪ ڏنو پردان ؛
ساهي سڀ جهان ، آهي جنهنجي آسري ۰

۱۱- پرڪ ملیو پردان ، **ساهي** پورو ستگرو ؛
جنهن رکي درشت ديا جي ، ڪيو غير گمان ؛
ڏيڻي آتم گيان ، استت ڪيائين پد ۾ ۰

(گيهاني)

۱- گيهاني‌ءَ سپ گهوري، سڪ وڏا سم سڪ تون؛
ساهي ڇڏيائين سرگ ڪي، تريا منجهه توري؛
جهولي پريم اَگم جي، هر دم هندوري؛
اور ويٺو اوري، سنڌ سڌ سروپ سان.

۲- سو گيهاني گياتو، سو جوڳيسر جگ ۾؛
الٽي جنهن اوديا کون، منهن مڙهي‌ءَ پاتو؛
سنڌ سڌ سروپ ڪي، سم ٽي سچاتو؛
سدا مڌ ماتو، **ساهي** رهي سپاءَ ۾.

۳- گيات وان گيهاني، ڪوڙين ۾ ڪوهڪڙو؛
ڏنو جنهن ڏيهي‌ءَ ۾، اَچرج آسماني؛
چاڻي سڪ سنسار جا، سپ ڦڪا فاني؛
ساهي سيلاني، ورتي ٽي وهنوار ۾.

۴- پل پل منجهه پلي، گيهاني گرمڪ پاڻ ڪي؛
توڙي سيتل ٿيو **ساهي** ڇڻي، پنج ئي دوت دلي؛
اها ڳالهه اندر جي، ڪنهنڪي ڪين سلي؛
بنا چاهه چلي، ساکي ٽي سنسار ۾.

۵- ورلو ڪو گيهاني، الڳ رهي انچا ري؛
جنهن جي سرت سروپ ۾، **ساهي** سماني؛
ڏنائين فاني، جاڳي سپ جهان کي.

٦- گياني هڪ رکي، نهچو آتم ديو جو؛
نهاري نيٽن سان، **ساهي** سم لکي؛
ممت وڃائي من جي، لئو لئو رس چکي؛
ساهي کين جکي، اوديا جي اهنکار ۾.

٧- سو گياني گيات گيئو، جو رهي سم سياو ۾؛
سمجهائين **ساهي** چئي، پاڳوتن جو پيؤ؛
ڏسي آتم ديُو، چيتيءَ ۽ کنچر ۾.

٨- گيانيءَ کي گرهست، آهي انيتيءَ جهڙو؛
کنهن تي رکي کينکي، دليون ديت دست؛
ڏسي ڏيهه ايمان ري، ويابک هڪ وست؛
بنا مڊ مست، **ساهي** رهي سياوَ ۾.

٩- گياني بد گياني، کيئن سچاڻي سنگرو؛
هو باڻي بولي بيحدي، هو جڙي زباني؛
هو ڏسي ويابک آتما، هو انڊو انومانيؤ؛
نينهن نشاني، سهي ڪئي **ساهي** چئي.

١٠- گياني گرمکه، پاڻي منجهه پنو رهي؛
ممت متائي من جي، سم جاڻي دکه سکه؛
پورن هڪ پرکه، **ساهي** ڏسي سپ ۾.

١١- گرمکه نر گياني، کوڙين ۾ کو هڪڙو؛
ڪئي جنهن کلپت ري، حاصل حقاني؛
رهي انيپ جگت ۾، **ساهي** سيلاني؛
پرينءَ ري پراني، خالي ڏسي کونه کو.

(سنیاسي)

۱- سنیاسي سیئي، جي سنسي کون صاف ٿیا؛
ڏسن پنهنجي ڏیل ۾، شِوُ شَکتِ ییئي؛
ییءَ پر سیئي، ٿا متي پائین منهن ۾.

۲- سنیاسي سیئي، جي آدم کون اڳي ٿیا؛
اوریان اورن عام سان، پریان پریئي؛
تني کي ڏیئي، باد وچایم بکیا.

۳- سیئي سنیاسي، جي ممت نہ رکن من ۾؛
سامي کٹیائون سم ٿي، قرني جي قاسي؛
حد پري یي حد ۾، وچي ٹیا واسي؛
الکہ ابناسي، ڏسن نت نرباڻ ٿي.

۴- سرجهو سنیاسي، کوڙین ۾ کو هکڙو؛
سامي جنهن گرگم ڏني، کایا منجهہ کاسي؛
ممت وچائي من جي، ٿیو نرمل نراسي؛
الکہ ابناسي، **سامي** ڏسي سچ ۾.

۵- سوئي سنیاسي، جو یگوان پهري پاو جا؛
لائي خاک کمیا جي، کٹي جم قاسي؛
کري نت کلپت ري، بچیا آکاسي؛
الکہ ابناسي، **سامي** ڏسي سچ ۾.

٦- ورلو جن وسي، سنياسي سنسار ۾؛
ودو جنهن پنجن جو، گرگم ٻل کسي؛
مايا موه اسار ۾، **ساهي** ڪين ڦسي؛
ڇڏي پاڻ رسي، انڀئي پد اپار ۾.

٧- سنياسي سيئي، پاڻ ڪڍيو جنهن پاڻ ۾؛
ساهي تن کي آتم پد جي، سهجي سڌ پيئي؛
ساڌن سڀيئي، ار پيائون آرام ۾.

٨- جوڳي، سنياسي، بيراڳي، ٻانڀڻ گهڻا؛
نانا بيکه جڳت ۾، سيوڙا اداسي؛
تنين ۾ ڪو هڪڙو، درسن جو پياسي؛
جنهن جو ڦند ڦاسي، **ساهي** ڪٽيو ستگروءَ.

٩- سوئي سنياسي، جو سيتل رهي سڀاوَ ۾؛
ڪٽي جنهن ڪرپا سان، ڦرني جي ڦاسي؛
سم ڏسي **ساهي** چوي، الکه ابناسي؛
گنگا گيا ڪاشي، ڀوين ڪين ڀُلن جان.

(آتما)

١- جاڳرت ۾ جوئي، سپني ۾ سوئي اچي؛
سمهي سکپت ۾، ڪري آنند اُهوئي؛
تريا سان تد روپ ٿي، ٿو ساکه ڏئي سوئي؛
آتم اهوئي، جو چئني کي چيتن ڪري.

٢- ٻانڀڻ ڄائو ٻار، نپُوسڪ جي نار کي؛
جنهنجو روپ نه رنگ ڪو، نڪو انگ آڪار؛
ڏسي جيءُ ٺري پيو، تنهنجو دب ديدار؛
ازغئبي اسرار، اچي نه واڻي واچ ۾.

٣- دوست جو ديرو، اٿي اڌ آسمان ۾؛
سوکم کون سوکم ٿي، پرچي پهه پيرو؛
ته مٽي وڃيئي من مون، اوديا انڌيرو؛
ڀاڳوان ڀيرو، سڦلو ڪري **سامي** چوي.

٤- اکين منجهه آهين، اکيون عجيبن جون؛
جتي ڏسان نيڻ ڀري، تتي واجهائين؛
مٿون پانڌ مهر جو، هڪ لحظو نه لاهين؛
لنو لنو لکائين، درسن دردوندن کي.

٥- آتم پد واسي، ڪوڙين منجهه ڪو هڪڙو؛
جئن پکين ۾ هڪڙو، اَنل آڪاسي؛
ڪٽي ڦند ڦاسي، وڃي بيگم پور برحال ٿيو.

٦- آتم ڌن اَپار، کٽي وڌي ڪينڪي؛
ڳڻتيءَ ليکي کون پري، بيحد بي شمار؛
وٽي پاري رند باه کون، **سامي** نرمل سار؛
اهڙو اکنڊ ڀنڊار، گرگم لڌو گهر مون.

٧- مڙهيءَ منجهه مڙهي، تنهن ۾ مڙهي دوسن جي؛
پاڻ مڙهيءَ کون پار ٿي، چاڙهي ڏس چڙهي؛
ڀڃي ڀرم گهري، ناٿ ملي نج ناٿ سان.

٨- مني من خلل، ٿو ناحق تپ ۾ تپين؛
آهين ساکي سڀ جو، سدائين سيتل؛
ڀرم منجهه ڀُلي ڪري، ڄاڻي چَل اَچل؛
سامي جل کي مَلُ، ڪڏهن لڳي ڪينڪي.

٩- سوکم کون سوکم اٿي، راه عجيب جي؛
کڻي سان کميا جي، **سامي** دم قدم؛
جيڪو اٿي ڪم، پسڻ منجهه پرينءَ جي.

١٠- **سامي** الکه اپار، من ٻڌ واڻيءَ کون پري؛
وياپي رهيو وس ۾، ساکي سرجڻهار؛
ملي ساڌ سنگت سان، ڪر غضي کي غار؛
ته دوست جو ديدار، ڏسين هن اکين سان.

١١- آتم ديس اَنَرُ، واڪ نه چلي تنهن ۾؛
سمجهي ڏس **سامي** چئي، تون ڇڏي پر اَپر؛
وياپڪ اٿي وس ۾، ساکي سهج سڀر؛
جرين پد اجر، ته اسٿت ٿئين آرام ۾.

(جوت)

١- انئي پهر ٻري، ٿي انڀيءَ جوت اندر ۾؛
انڌو ڏسي ڪينڪي، نرمل نيڻ ڀري؛
ديهي مني پاڻکي، ممتا منجهه مري؛
جي مالڪ مهر ڪري، ته سکي ٿئي **سامي** چوي.

٢- عجائب اپديش، **سامي** ڏنو ستگروءَ؛
نور محل نرباڻ ۾، پرچي ڪيو پرويس؛
مٽيو ڪلهه ڪليس، سڀ گهٽ ڏٺا سپرين.

٣- لڌو جنهن ڌڻي، سوڌي هن سرير مون؛
سامي تنهن ساپرس جي، ٻاري منجهه ٻري؛
ڪيول تنهن قلندر جي، مٿي منجهه مڻي؛
توڻي پني پنج ڪڻي، تان ڀي راجا رانول ديس جو.

٤- گرگم ساڻ ٻريو، اَنڀيءَ ڏِيو گهر ۾؛
اوديا اونده نه رهي، سڀو ڪاج سريو؛
ڏسي جيءُ ٺريو، **سامي** سروپ کي.

٥- نئنن لايو نينهن، نور محل ۾ ناٿ سان؛
جتي نه سور چنڊ ڪو، نڪو رات نه ڏينهن؛
بنا بادل مينهن، **سامي** سدائين وسي.

٦- مومن ۽ مسلمان؛ ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جو واصل ٿي وحدت ۾، ڪڍي غير گمان؛

نور محل جي نائن تي، سيل ڪري سبحان؛
تنهن کي سڀ جهان، ڄاڻي دوست خدا جو.

٧- پرينءَ پياريو، ڀري پيالو نور جو؛
انڌيرو اندر جو، کڻ ۾ نواريو؛
از غئبي ٻاريو، ڏيو منهنجي ڏيل ۾.

٨- پار لنگهايو پاتڻيءَ، پرچي پنهنجي پور؛
چڙهي نور محل ۾، ڏٺا هوت حضور؛
مون ڀانيو ٿي ڏور، وٺي ڪامل ڏنا ڪڇ ۾.

٩- پاتو جنهن ليو، گرگم پنهنجي گهر ۾؛
ٻن ٻارين جي وچ ۾، ڏٺو تنهن ڏيو؛
سدائين کِيو، **سامي** رهي سڀاءَ ۾.

١٠- ورلو جن ڪري، انن آرتي ديوَ جي؛
جوت جڳائي انڀئي، ڌوپ ڌيان ڌري؛
لائي ڀوڳ ڀرانت ري نروڪلپت ڪلس ڀري؛
ڪري پٽ پري، **سامي** ڏسي سروپ کي.

١١- عجائب عئنڪ، **سامي** ڏني ستگروءَ؛
ڏٺي تنهنجي آسري، پلڪ منجهه جهلڪ؛
ٿيو نرمل نرڌڪ، ڪٽي جيءُ جنجير سڀ.

(انهد شبد)

١- منجهين تن تنوار، وڄي ويل سڀ ڪنهين؛
چنگ طنبورا ڪيترا، **سامي** ساز اپار؛
اٺئي پهر اندر ۾، **سامي** پرينءَ پچار؛
ڪنهن ڪنهن مڱڻهار، سوجهي هن سرود جي.

٢- انهد جو اڀياس، ڪيو جنهن گر گيات سان؛
سهجي ٿي **سامي** چئي، نانت تنهنجي ناس؛
ڪيائين ڪلپت ڪڍي ڪري، نئن منجهه نواس؛
جئن سورج منجهه پرڪاش، تئن جڳت ڏسي جڳديس ۾.

٣- جنين ٻڌو ناد، گرو گورک ناٿ جو؛
لوري لڳو تن کي، بيحد جو بسماد؛
ماهل ٿيا مهران ۾، ڇڏي باد بباد؛
وڃي پڇ سواد، **سامي** تن سِڌن کون.

٤- گرگم ديپڪ راڳ، ٻڌو جنين ٻانڀڻ چئي؛
مٽيو تن جي من مون، گرهڻ ۽ تياڳ؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، ستہ ٿيا سجاڳ؛
ڦرني بنا ڦاڳ، پل پل کيلن پيءَ سان.

٥- **سامي** سدائين، ٿي وڃي ڪنگري ڪرتار جي؛
ورلي ڪنهن جوڳيءَ کي، سمجهه ۾ آئي؛
جنهن گر ڪرپا ڪري، ٻُنڌي ٻنڌائي؛
وڃائي وائي، سي گڏيا گورک ناٿ سان.

٦- مڌر مڌر مرلي، ڪان وڄائي مک سان؛
ٻُنڌي گوپي گوار جي، **سامي** سرت ڀُلي؛
اوديا ڳنڍ کلي، ڏسي منهن محبوب جو.

٧- انهد جو جهڻڪار، ٻڌو جنهن گر گيات سان؛
مٽيو تنهنجي من مون، وِڌِ نکيڌ وهنوار؛
چيٽيءَ ۽ ڪنچر، ڏسي ساکي سار؛
اهڙو پد اپار، پائي پرچو پاڻ ۾.

٨- اٺئي پهر وڄي، ٿي مرلي من موهن جي؛
ٻنڌي ٻن ڪنن سان، **سامي** ڪين رڄي؛
توڙي پران تجي، تان ڀي ڌُن ڌيان ۾.

٩- نرڀئي نگارو، اکنڊ وڄي ٿو آد جو؛
ٻنڌي ڪو ٻانڀڻ چوي، ڀاڳوان ڀارو؛
مٽيو جنهن جي من مون، اوديا انڌارو؛
ڄاڻي جڳ سارو، چمتڪار چيتن جو.

١٠- تن ۾ طنبورو، وڄي ٻاون ٻاهرون؛
ٻنڌي ڪو **ٻانڀڻ** چئي، ساڌو جن سوُرو؛
جنهن کي گر پورو، اچي از غئبي مليو.

١١- انهد جو آواز، ٻُڌو جنهن گر گيات سان،
پرچي ڪيو تنهن پنهنجو، بنا ڪلپت ڪاج؛
مايا جو موٿاج، ڪڏهن ٿئي ڪينڪي.

(آتما جو آنند)

١- جنهن کي رس آيو، آتم پد اپار جو؛
تنهن موڙي من مرم سان، انتر مکه لايو؛
سهجي سمايو، **سامي** ساگر بوند ۾.

٢- وجهي مانڌاڻي، جنهن مکڻ ڪڍيو من مان؛
تنهنجي سرت سروپ ۾، سهجي سماڻي؛
موج تنهين ماڻي، آتم پد اپار جي.

٣- آتم رس ڀاري، اٿي سڀ رسن کون؛
ڪڏهين اُتري ڪين ڪي، **سامي** خماري؛
وڃي پڇ تنين کون، ممتا جن ماري؛
بي حد جي ٻاري، پٽي وينا پريم سان.

٤- ڏني گيان ڪلا، ست پرکه ديا ڪري؛
پرکائي پورن کون، ڪيم پڪ تسلي؛
مٽي ويئي من مون، **سامي** سڀ بلا؛
ڪنهن کي ڳالهه سلان، انڀئي سکه اگم جي.

٥- آتم رس منو، اٿئي سڀ رسن کون؛
وڃي پڇ تنين کون، چکي جن ڏٺو؛
ڪيائون پاڻ ڦٽو، **سامي** ڏسي سروپ کي.

٦- آتم رس جي مئ، چڙهي اُتري ڪينڪي؛
من ٻڌ اندرين جي، جڳه ٿيو لٽڪي ۾ لئ؛
سامي هڪ نرڀئي، ساکي سيکه رهي ويو.

۷- جن کي آيو رس، آتم پد اپار جو؛
لوري لڳي تن کي، راتيون ڏينهون رهس؛
پيچ تنين کون خبران، نہ **ساهي** ڏيني ڏس؛
کوٽ جنم جي کس، مٽي ويئي من مون.

۸- پوري گر پرساد، آتم سکہ سهي کيو؛
پاڻ وڃائي نند ۾، سو جاڳي آيو ياد؛
مٽي ويئي من مون، پانڌ باد بياد؛
جنهنجو انت نہ آد، سو کيئن اچي کٽ ۾.

۹- آتم درسي داس، کوڙين ۾ کو هڪڙو،
کيو جنهن ڪلپت ري، نيٽن منجهه نواس؛
چيتن چد آڪاس، پورن ڏسي پرم سان.

۱۰- جن کي خماري، چڙهي آتم پد جي؛
مٽي تن جي من مون، خودي خواري؛
لئو لئو منجهه تاڙي، **ساهي** لڳي سروپ جي.

۱۱- پيالو گُر پياريو، ورلي ڪنهن گرمک کي؛
ڏنو جنهن اکين سان، انيئي اجارو؛
جاڳي ڪيائين جيءَ مون، پرم پُو سارو؛
رهي متوارو، پئي پياري رام رس.

(اندر جو گجھہ نہ سلڑ)

۱۔ گرمکہ پد پائي ، کنھن کي سلي کينکي ؛
انگي پھر اندر ۾ ، **سامي** سالاھي ؛
جڳن گنگو گڙ کائي ، مشکي کشکي کينکي ۔

۲۔ ستگر لکائي ، جنھن کي پد اکين سان ؛
سو سوگھو کري ساھہ کون ، لنؤ لنؤ لکائي ؛
سامي سلي کينکي ، وينو وجائي ؛
جڳن گنگو گڙ کائي ، مشکي کشکي کينکي ۔

۳۔ جي محبوبن معاف کيا ، پرچي پير کنھين ؛
سالک سلج نہ گالھڙي ، ريڊو راءُ جنھين ؛
آءٌ بہ تار تنھين ، ملان محبوبن سان ۔

۴۔ در در کيم بڌاءِ ، حب حقيقت گالھڙي ؛
ملي مھد جنن سان ، جھاتي جھروکي پاءِ ؛
اوديا کلف اندر جو ، لنؤ کنجيءَ سان لاءِ ؛
تہ لنؤ لنؤ منجھہ لکاءِ ، مورت محبوبن جي ۔

۵۔ جري کوہ جڳين ٿي ، در در حال حبيب جو ؛
جي توکي پياس پسڻ جي ، تہ ڏنڊا کيم ڏئين ؛
سامي سپرين سان ، چڏي ناھہ نھين ؛
پنھنجي منجھہ پگين ، تہ لھين سکہ سھاڳ جو ۔

۶- مت کیائون موُر، سود کیائون سک جو؛
کنھن آڈو کاڑي ؛ پَڈَر وجھن نہ پورُ؛
سو کئن سلن سوُر، جنھن کارھ جوگي ٹیا۔

۷- پانیھ کیم بڈاء، کنھن کي گیان گروءَ جو؛
پرچي پریت سچيءَ سان، انتر مکہ لنوَ لاء؛
اَگست جان **اچمان** کري، اودیا سنڈ سکاء؛
رھین پولي پاء، تہ سھجي ملني سچرین۔

۸- در در کین بڈاء، **سامي** سک پرینءَ جي؛
انتر مکہ ادب سان، لنوَ لکائي لاء؛
تہ لنوَ لنوَ منجھہ لکاء، مورت محبوبن جي۔

۹- کري سَمَر صدق، ملین ساڈ سنگت سان؛
جي توکي پیاس پسھ جي، تہ سپ چاترک جان سکُ؛
پائي بوند انیيءِ جي، کر لوکن کان لکُ؛
تہ اندر باھر ھک، **سامي** ڈسین سچرین۔

۱۰- پریان سندي پار جي، جن کي کنون پیئي کل؛
سي باھر باڈن کینکي، اندر وَلن وُل؛
دلیون اندر دَلَ، تن پورا کیا پنج ئي۔

اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

الف

آپاس : عڪس - پرتبنب.

اپياس : خيال - ڏوڙ - استعمال.

اپيوا : جنهن جو پيڊ يا ڳڇ نه جاڻي سگهجي.

آتم ڏن : آتما جو ڏن - روحاني دولت.

آتم پد : آتما جي گيان جو درجو.

آتم وت : آتما جهڙو.

آتاري : ڏاري - ريڇهائي.

انارهن : ١٨ پراڻ.

آتاه : اونهو - بي شمار.

آد : منڊ - آغاز - ازل.

آن : بيائي - هٽ.

اُجارو : سوجهرو - روشني.

آچمان : لپ - چرون.

آرجا : عمر - حياتي.

الادي : اصل لفظ عربي علحدو معنيٰ نرالي - نياري.

ابناسي : جو ناس نه ٿئي - سدائين رهڻ وارو.

اَبڇ : بوجهه کان سواءِ - پورڙو - سادو.

اَپيدي : جنهنکي پيڊ يعني فرق ڏسڻ ۾ نه اچي.

اُتپت : پيدائش.

اُتري : لهي.

اُتر پرشن : سوال جواب.

اَتيت : تياڳي - الڳ - نيارو.

اُنو : وسيو.

اپار : بي انت.

اُپرت : جدا - ڏار - دنيا کان رهت - تياڳي.

اپت کامي : نسکامي - خواهش کان سواءِ.

اپرس : جو ڪنهن پدارٿ يا وستوکي نه ڇهي - نيارو.

اُپانڊي : وکيپتا - جنجال.

اَڦر : ڦرڻي يا ڳٽڻي کانسواءِ.

اَجر : جو نه سهاري يا سهي سگهي.

اَجر جري : نہ سهاري سگهڻ
جي وستوءَ کي سهاري
سگهي - محڪم رکي.

اُجري : صفا.

اَڌين : وس - قبضي ۾.

اَر : اٽڪ.

اجگئبي : ڳجهہ مان - ازغئبي.

اَجل : موت.

اَچاه : بنا چاه - بنا خواهش.

اُچاٽ : اوچائي - وڏائي -
ڏنگائي - ول ڇل.

اَچنت : چنتا کان رهت -
خيال کان آجو.

اَچل : جو چري نہ - محڪم.

اَڇ : هڪ رس - صفائي.

اُداس : مايا جي آس ۽
پدارٿن کان نيارو.

آدي : آد جو - نج.

اَڌ ڀت : اَچرج جهڙو -
ڳجهو - عجيب.

اَد ئيت : جنهنم ٻيائي نہ هجي.

اَڌڪ : گهڻو.

اَڌڪاري : لائق.

اَڌ آسمان - ترڪُٽي.

اَڏول - جو چري پري يا
لڏي نہ.

اَرٿ سڌ ڪرڻ : مطلب
پورو ڪرڻ.

اَرڌ اورڌ : هيٺاهين مٿاهين.

اُرجهي : منجهي - گمراه ٿي.

اُروار : هن ڀر.

آزاه : ڪُنُ.

آزاري : ڏکويل.

اُستت : واکاڻ - ساراهہ.

اسار : فاني - بي بقا.

اَست : ڪوڙو.

اِستٿت : قائم بيٺل - محڪم.

استٿر : نيبه - قائم.

استٿول : ٿلهو - ڀاري.

اِسرار : ڳجهہ.

اَسرير : سرير کانسواءِ - نراڪار.

اَسگاه : سمنڊ - ڳجهو - اٿاه
بيحد - وياپڪ.

اشارت : اشارا - نشانيون - ڳجهه.

آڪار : شڪل - صورت.

اَڪال : ڪال ڪان رهت - وقت جي حد نه هجي.

اَڪٽ : چوڻ ۾ نه اچي.

اُڪري : ڪپي - چڪي.

اَڳست : رشيءَ جو نالو.

اگاڏ : بيحد.

اگم : جنهنجي گم نه پوي.

اگوچر : جو ڏسڻ ۾ نه اچي.

اَگهر : جنهنکي روپ نه هجي.

اگهور : خوفناڪ.

اگهوري : اونهي.

اَلتي : لڪائي.

البيلا : بي پرواهه.

اُلٿي : سنسار ڪان اُبتڙ.

الاپ : نقصان.

الڳدي : جدا - علحدو.

الڪ : جاتو نه وڃي.

اَلوٽي : رس ڪانسواءِ - ڦڪي.

اليپ : سپ ڪان نيارو.

اَليڪ : جو لڪئي ڪان باهر هجي - جنهن جي خبر پڳجي نه سگهي.

اَمن : بنا ڦرڪي - خيال ڪانسواءِ.

اَناري : مورکه - جت.

اَنيءُ : جاڻ - آزمودو - سوجهرو - درشن - آتما.

اَنيءِ جوت: اَندر جوسوجهرو - گيان جو پرڪاش.

اَنيءِ اڇ : گيان روپي ميدان - ساکي آتم پد.

اَنترمکه : اندر ۾ جهاتي پائيندڙ.

انجن : سرمو.

اِنڇا : مرضي - خواهش

انرواڪ : جو بيان ڪرڻ يا چوڻ ۾ نه اچي.

انگ : عضوا.

اَنل : هڪڙي پکيءَ جو نالو آهي جو چون ٿا ته همينشه آڪاس ۾ رهندو آهي - باه.

اَنن : ٻيائي کانسواءِ - هڪ رس.

اَنن اَڀياس اڀياس جنهن ۾ ٻيائي ڪجهه به نه هجي.

اَنهد : اندر جو آواز يا شبد.

اَنوماني : گماني - شڪي.

اَڻ وڻي : نه وڻندڙ.

اَواچ : اُهو درجو جو چوڻ ۾ نه اچي سگهي.

اوٽ : اَجهو - آسرو.

اَوديا : اَگيان - بي علمي.

اَوڌوت : مست - ويراڳي، تياڳي.

اَوسر : وقت - مهل.

اَڳو : مورکه - بيوقوف.

اوت پوت : اَرس پرس - هڪجهڙائي.

اوٽ : پناه - سرڻ.

اوراڻا : لولي - مٺا راڳ.

اور اورڻ : ڏکه سور ٻڌائڻ.

اورن : ٻي - خالي.

اوگڻ : عيب - برائي.

اوڻا ۽ اڌڪ : گهٽ وڌ.

اوڙو : لوڙهو.

اولو : پردو - پاڇو - آسرو.

اونگهه : ننڊ - غفلت.

ب

باد : اجائي.

باري : خدا - پرماتما.

باسي : ڏسي.

بجر : تمام سخت.

بدگياني : اگياني.

بديهي : جنهنکي سرير جي گم نه هجي.

بره : عشق.

بُگري : گودڙي - جهولي.

بسماد : عجب - حيرت.

بلا : مصيبت.

بيڌي : وڍي.

بڇيا : بکيا.

ٻ

ٻار : اَن جي کوڙي.

ٻاري : دري - جاءِ.

ٻن ٻارين جي وچ ۾ : ٻن اکين جي وچ ۾ - تِر ڪُٽي

پَٽُ : پردو - ريشمي ڪپڙو.
پٽل : پردو.
پد : درجو - منزل.
پد اسگاه : برهم پد.
پد نراس : اهو درجو جنهنم ڪا به آس نه هجي.
پران پتي : پرانن جو ڏٺي يعني ايشور.
پر : ڏس - نشان.
پربت : جبل.
پر بوڌي : سمجهاڻي - نصيحت ڪري.
پر بين : پکو - قابل - ڪامل - هوشيار.
پر تکه : ظاهر - پڌرو.
پر تيت : ويساه - پروسو.
پر پک : ڪامل - پکو - هوشيار.
پر پنچ : ڪوڙو وهنوار - ڏنگي - جهنجهٽ.
پُر جهي : سمجهي.
پر چاتي : پريت ساڻ - پرچي سان.
پر ڌان : اَمير - سردار.
پرساد : ڪرپا - مهر - جا ستگروءَ کان ملي.
پر ڪاش : سوجهرو.
پرڪه : پرش - مرد.
پَرکه : ڏسڻ - نهارڻ - جاچڻ.
پر ڪارت ڪيو : مڙسي ڪئي - ڪوشش ڪئي.
پَڳه : پير.
پر گهٽ : ظاهر.
پر لاءُ : آواز.
پر لئي : ناس ٿيڻ - قيامت.
پر مارٿ : اُتم ارٿ - اُتم خواهش يا مراد.
پروانو : پتنگ.
پروان : بحال - سچا - قبول پيا.
پر ويس : واسو ڪرڻ - داخل ٿيڻ.
پکي پور : پورو نشچو - پوري ڪوشش.
پُڙ : وس ڪري.
پسڙيو : پکڙيل - ويا پک.
پساچ : پوت.

پکہ : پاسخاطري - ٻيائي - کنڀ - آڌار.

پلي : روڪي.

پلال : گند - غير - گاه جو قسم.

پَلالي : پلال ڪٽڻ وارا.

پلڪن سان : اکين سان.

پن : پڄ - ثواب.

پنج ئي : پنج وڪار يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار.

پنج رنان : پنج اندريون يعني وشيون جن ڏي اندريون ڊوڙن ٿيون.

پنج ڪٽي : ان جا داڻا.

پنڊ : ڀري.

پوٽ : ڀري - بار.

پوربي : اصلي - آدي.

پورن : پهتل پرش - وياپڪ.

پول پلال : ڪکہ ڪچرو - ٻيائي - غيرت.

پولو : پورو - سکڻو.

پون : هوا.

پيڇارو : ڪپه صفا ڪندڙ - دادو ڀڳت.

پيرانڊو پر جو : پرينءَ جو پوئلڳ يا پيري - جو پرينءَ جي بتايل رستي تي هلي.

پيڪا ساهرا : لوڪ پرلوڪ.

ڦ

ڦاڳہ : بهار - خوشي.

ڦرني : سنڪلپ وڪلپ.

ڦڪل : ڦند - ڊول بازي.

ڦوڪ : مفت - خالي - پورو.

ج

جات پات : ذات.

جالي : ڄاري.

جان : وانگر.

جَري : سڙي - جلي.

جُڙڻ : ملڻ - گڏ جڻ.

جکہ مارڻ : اجايو بڪڻ.

جُڳت : صفائي - اٽڪل.

جڳديس : دنيا جو مالڪ.

جڳياسي : ايشور جو طالب.

جم : ڪال - موت.

جن : ماڻهو - مرد.

جنجال : ڏک ـ مصيبت.
جوڳ : يوگ ـ ميلاپ.
جوڳيسر : جنهن جوڳ ساڌيو هجي.
جولاها : کوري ـ کبير پڳت.
جوهڙ : ايذاءُ رسائڻ ـ دکه ڏيڻ.
جهد : محنت ـ کشالو.

جھ

جهروڪ : دري ـ جاءِ.
جهلڪ : ترت ـ جلد ـ تجلو.
جهٽڪار : آواز.
جهوڪ : پلٽي ماري وهڙ.

چ

چورن : پرزا پرزا.
چاترڪ : پکي، جو مينهن جي پاڻيءَ تي عاشق هوندو آهي.
چاٽان : چوٽون ـ ضربون.
چار : چار ويد.
چاه : چاهنا ـ خواهش.
چتر : هوشيار.
چد آڪاس : چيتن ـ پرماتما.
چٽر : چيٽي.
چراغ : ڏيئو.
چٽ : صفائي ـ ميدان.
چڪائين : وڃائين.
چڪنا چور : ناس.
چڪور : هڪڙو تتر جي قسم جو پکي آهي جو چوندا آهن ته چند تي اکن چکن آهي.
چمار : چم جو ڪم ڪندڙ ـ روداس پڳت.
چمتڪار : اچرج ـ عجب ـ جوت.
چوراسي : چوراسي لک جنم.
چهڙي : خراب.
چيت : خيال ـ ڳٽي ـ چنتا.
چيتن : آتما ـ خبردار ـ هوشيار.
چيتن چمتڪار : پرماتما جا عجائب يا جوت.
چوري : چڪي.

چوڏهن طبق : چوڏنهن لوڪ .
چيٽي : ڪئلي .

ڇ

ڇهه : ڇهه شاستر .
ڇار : خاڪ - مٽي .
ڇال : ٽپا .
ڇڄو : گهر - جهوپڙي .
ڇڪا : لاڳاپا .
ڇن : کن - لحظو .
ڇنت : ڇند .
ڇوت : ڇوپ - اپوترتا - پاپ .
ڇيدي : وڍي - ڪپي .

ح

حجرو : ڪوٺي - جاءِ .
حق : خدا .
حقاني : حق جي ڳالهه .
حمايت : مدد - پناه .

خ

خالص : صاف - نجو .
خام : ڪچو .
خس : ڪک .
خلل : خرابي - حرڪت .
خلوت : هيڪلائي - هيڪلي رهاڻ .
خماري : نشو - پنڪي .
خودي : ممتا - هٺ .

د

داس : ٻانهون .
داهان : دانهون - رڙيون .
دبدا : کوٽائي - ٻيائي .
دب : سريشٽ - اُتم .
دب رتن : بي بها هيرو .
دردوند : سور وارا - عاشق .
دتيا : ٻيائي .
درس : درشن - ديدار .
درپڻ : آرسي - آئينو .
درشٽ ۾ : ڏسڻ ۾ .
درشٽ مانُ : جو نظر ۾ اچي ٿو - جو ڏسجي ٿو .
دسوون در : ڏهون در : ٻه اکيون ، ٻه ناسون ، ٻه ڪن ، هڪ وات ، گديا ، اِندري ۽ ڏهون در آهي تارونءَ وٽ .
دَلَ : لشڪر .
دلن : مارڻ - ڏارڻ - وس ڪرڻ .

دل د ٻليءَ ۾ رکڻ: دلجاءِ ڪرڻ.
دلدار: پيارو- محبوب.
دؤر درس جو: درشن جي خوشي.
دَه دس: ڏهه ڏساؤن- چوگرد - چوڌاري.
دَهائي: ڊوهي - قسم.
دئيت: ٻيائي.
ديِکيا: سکيا - اپديش.
ديوانن: مستانن.

ڌ

ڌام: گهر - جاءِ - محلات.
ڌمڌامي: هل - بکيڙو - گوڙ.
ڌُن ڌيان ۾: ڌيان ۾ محو.
ڌير: ڌيرج وارو - استڙ.

ڏ

ڏاور: ڪوريئڙو.
ڏڌري: ڏکه ڏيندڙ.
ڏر: ڊپ - ڊڄ.
ڏونگها: اونها.
ڏيل: ديهه - سرير.

ذ

ذوق: خوشي.

ر

رام رس: ايشور جي ڌيان جي لذت يا خوشي.
رامڪلي: ڇٽيهن ٣٦ راڳڻين مان هڪ جو نالو- خوشيءَ جو راڳ.
راول ديس: آتم ديس، جتي پرماتما رهي ٿو.
راه: واٽ - رستو.
رائي: رتي ماتر - ذري.
رتِ: پريت - رتل - لڳل.
رتا رنگه رهن: پريم ۾ مست رهن.
رٿ: گاڏي.
رج: ڌوڙ - خاڪ.
رڄي: ڍئجي.
رجهه: مشغول ٿي.
رچنا: جوڙ - قدرت.
رچيو: بنيو - ٺهيو.
رڌ: ڌن - دولت.

رس : ڀوڳ.
رمتا : جو رميو رهي - هر جا حاضر.
رِندي : صوفيپڻو - مستي يا آزادگي.
روه : رڻ پٽ.
روم روم : وار وار - رڳ رڳ.
رنگيلو : لعل - پريم جي رنگ ۾ رتل.
رهت : پوري ۽ سوڌي چال.
رهسن : خوش ٿين.
ريلو : خواهش - دل جو ميل - ڪشش.

ز

زحمت : مصيبت - بيماري.

س

ساپرس : ست پرش - ساڌو جن.
سار : نج، خالص - سٺو.
ساڪ : مائٽ - سنٻنڌي.
ساکان : ساکون - شاهد يون.
ساکي : شاهد - ڏسندڙ.
ساکي ڀوت : پرماتما.
ساکيات : حاضر - روبرو - ظاهر.
ساگر : سمنڊ.
سايو : پاڇو - مهرباني.
سالڪ : پهتل فقير.
سڀاويڪ : ازخود - بنا خيال جي.
سڀر : سڀرو - وڏو - چڱو.
ستا : ٻل - وڏائي - شڪتي.
سته : سڀاويڪ - پاڻ مراد و.
سته سِڌ : پرماتما - اَزخود.
سپاڙي : پاڙ ساڻ.
سجاتي : هڪ جات وارا.
سجاکي : سجاڳ - هوشيار.
سج وسئن : سکوپت ۽ جاڳرت جو وچ.
سڌ : پورائي - سامرٿائي - سمرٿي وارو - صفا - ظاهر.
سچيت : هوشيار - خبردار.
سڌا تورا : گڻن وارا - سٺا.
سِڌيون : سمرٿيون يا طاقتون جن سان جيڪي گهرجي سو ٿئي.

سجان : سمجهو - چاڻندڙ - سياڻو.

سَرُ : تلاءُ - چشمو.

سر ڀنگ : سڀني انگن وارو - وياپڪ.

سُرت: سمجهه - بوجهه - ڏيان.

سرجڻهار - پيدا ڪندڙ - پرماتما.

سرجي : سُرجيت - خبردار.

سُرجها : مڪتا - آزاد - سمجهو.

سِرسيرُ : تلاءَ جي اونهي ۾ - سمنڊ جي وچ.

سُرڪي : ڏڪ - لپ.

سُرگڻ : گڻن سهت - شڪل وارو - ساڪار.

سروپ : پرماتما.

سکپت سيج - آنند جو پلنگ.

سُگَم : سولو.

سُگهيڑ : اُتم رستو.

سل : هڪ قسم جو گاهه يا ياڄي - سِرَ يا پاهڻ.

سلاهي: سارهي - واکاڻ ڪري.

سلان : ڏايان.

سُلوڪ : گرسکيا - تصوف - صلح - ايڪتا.

سم: هڪجهڙو - سم درشي جنهن کي سڀ هڪ جهڙو نظر اچي.

سماڌي : منزل جنهن ۾ ايشور جو ڏيان لڳي ٿو.

سماڻو : خوش - لڳل - ملميل.

سمٽا : هڪجهڙائي - هڪ نظر.

سمپن : پورن - سمپورن.

سمرٿ : طاقت وارو - پلوان.

سُمير : نالو جبل جو - مڪم - قائم.

سُن : مائٽ - ڏيان - شانت.

سنبت : سانباهو.

سَنڊ : نشان.

سنڪ : ڪوڏ - ناد.

سِنڌ : درياءُ - سمنڊ.

سَنگرام : لڙائي.

سنمک - منهن سامهون - روبرو.

سنرا : خوش - سکي - سرهو.
سَنگي : ڊڄي.
سواسن : دمن.
سوت : آتما - روح.
سوڌا : سمجهو - سياڻا.
سوڌي : چڪاسي - سهي ڪري - ڳولهي.
سور : سورما - سورج.
سوکم : باريڪ - ٿورو - لطيف.
سوگ : ڏک - غم.
سئانتي بوند : سپ ۾ پوندڙ مينهن جي بوند. جنهن لاءِ سپ ماندي رهندي آهي.
سهج : آتم آنند - سک - خوشي.
سهجي : سؤکائي سان.
سيباڻي : وڻي - پسند پيئي.
سيج : کٽ.
سير تي چڙهيو : پرميسر جي پاسي هليو.
سيوا : شيوا - خدمت.
سيورا : جين ڌرم جا فقير.
سيوڪ : چيلو - مريد.
سيک : باقي - خاص.
سِيلُ : سپتيائي - سچائي.
سيل : سير - گشت - ڪنڊا.
سين : اشارو - ڳجهه.
سيؤ : شيوا - پوڄا.

ش

شبد : آواز - اپديش.
شڌ : صفا.
شؤ شڪت : ايشور ۽ مايا.

ص

صدق : سچائي.
صلاح : صفت.

ع

عرش : آسمان.
عين : صاف - پاڪ.

غ

غارڪر : غرق ڪر - گم ڪر.
غيب ٿيا : گم ٿيا - ناس ٿيا.
غيبي : ڳجهه جو.

ف

فارق : آزاد - فارغ.

ق

قرار : آرام.

قلوب : دل.
قصر : ماڙي، محلات.

ڪ

ڪاسي : ڪاشيءَ جو تيرٿ.
ڪامل : پهتل گرو.
ڪانُ : تير.
ڪانُ : ڪرشن.
ڪاني : پِٽ پاراتو - ڌڪ.
ڪبر : هٺ - وڏائي.
ڪپاٽ : دروازا.
ڪڄو : ڍڪيو.
ڪِرانت : تيج - جوت.
ڪرتا پرک : اُپائيندڙ - خالق.
ڪرتارٿ: ڪارج سڌ - جنهن جي انڇا پوري ٿيل هجي.
ڪرل : آواز.
ڪرم: مهر.
ڪرم : ڪم.
ڪُڙَم : ڪٽنب.
ڪس : ميل - گند - ڪٽ.
ڪسوٽي : پرک.
ڪشي : ڇڪي.
ڪُڪُل : ڪٽنب.
ڪلپ : سنسو - ڀرم.
ڪلس : دلو.
ڪلپت : ڦرڻو - خيال.
ڪلپي : ناراض ٿي.
ڪلا : شڪتي.
ڪِلهه : گهپي.
ڪليس : دک.
ڪلنڪ : داغ - چٽو - گناه.
ڪلياڻ : سک - فائدو.
ڪنت : ڀتار - مڙس.
ڪنچر : هاٿي.
ڪڻ : ذرو.
ڪنول : گل جو قسم - گل ڪوڻي.
ڪو : ورلو.
ڪوپين : لانگوٽي.
ڪوه : ڇا - ڇو.
ڪوچ ڪرڻ : لڏڻ.
ڪوٽ : ڪروڙ.
ڪوڙي : ويهه.
ڪوڙين : سؤن - هزارن.

ڪيٽ : ڪينئون - جيت.
ڪينو : هٺ - وير.
ڪيول : فقط - رڳو.

ک

کت : خط - حساب - ليکو.
کل : چرچو.
کل کل : گهپي.
کنچا تاڻ: ڇڪ تاڻ- ڪشش.
کوئي : ناس ڪري.
کيت کنڌو: حساب ڪتاب- وهنوار.
کيپ : نشو- خمار - سامان- مال.
کيسو : جاءِ - دل.
کيو : مست - خوش.

گ

گار : غار - گڏ.
گاري : وجهي.
گاون : ڳائن.
گاهڪ يا ڳاهڪ : خريدار - طالبو.
گاهي : سئس.
گپڻ : گپ.
گره ست : گهر ٻاري - خاندار.
گرڪور : غرق - گم.
گگن : آسمان - آڪاس وانگر بي حد.
گگن گئو : چيتن ستا.
گلزار : باغ - خوش - سرهو.
گودڙي : گودڙي پائيندڙ - فقير - ساڌو.
گورک : هڪڙي مشهور سڌ جو نالو.
گندي : گودڙي.
گون : گهمڻ.
گرگم : گرن جي ڏنل ڄاڻ يا سکيا.
گوار : ڳنوار - گوپ.
گوگاءُ : آواز.
گيات : سمجهه - ٻوجهه.
گياتو : گيانوان - سمجهو.
گيؤ : پنهنجو سروپ ڄاڻندڙ.

گ

گنڊ کولي : اگيان جي گنڊ کولي.

گھ

گھٽ : گھڙو، مٽ يا کو پورو ٿانو.
گھٽ : دل - هنيون - وچ.
گھڙي : گھڙو - دلو.
گھن : ڪکر.
گھيرٽ : مايا جو نشو.

ل

لاپ الاپ : نفع نقصان.
لاٽ : ڇيي - روشنائي.
لاوکنا : ماترا - اشارو - ڳجھ.
لٽڪ : منھن جو بناءُ - ناز نخرو - چمڪ.
لجھڙ : ڦٽڪڙ - لچڙ.
لعل - پرميشر.
لقب لائڙ : جت ڪرڙ - هلاڪ ڪرڙ - گلا ڪرڙ.
لُڪ : چيلھ - جبل - خيال - سندرو.
لکايو : چاڙايو.
لَکَ : نظر - چاڙ - آتما.
لنؤ : پريم - پيار - محبت.
لنڱن لنڱن : رڳ رڳ - روم روم.
لوري : تير - ڪٽني - محبت.
لوڙي : لوڙ يا اڇا رکي.
ليڙ ڪيو : ملائي يا گڏي ڇڏيو.
ليپ : ميل.
لين : محو - مليل.

م

مائل : لاڙو رکندڙ.
مشعال : ڏياڻي - جوت.
مامور : امر ڪيل - مقرر - قسمت ۾ - مست.
مثقال : وزن جو ساڍين ۴ ماسن جي برابر آهي - ذرو.
مجرو : سلام - زيارت.
محڪم : مضبوط.
محل : محلات - اندر.

مد : نشو.
مدعي : دشمن.
مدماتو : مست.
مدر : مني.
مرگھ ترشنا : رچ.
مرگھ : هرڻ.
مرم : حياءُ - شرم.
مڙهي : ديهه - سريرُ.
مڙ : مڙس - پرماتما.
مرلي : بنسري.
مذکور : ذکر - بيان.
مستک : متو.
مُشکي کشکي : کلي گالهائي.
مشتاق : شوق وارو - عاشق.
مُکتو : آزاد - چٽل.
مقابل : روبرو - سامهون.
ملار : راڳني جا برسات ۾ گائيندا آهن - خوشي.
پورب ديس ملار جو : اصل ديس جي خوشيءَ جو.
مل : ميل - ميرائي - اپوترتائي.
ممتا : آڏ پٽو - خودي - دنيا جو موهه.
مُنائي : کوڙائي.
منن : منهنجائيءَ جي کلپنا - خودي.
مٽيا : تيج - روشنائي.
مواس : بي پرواهه - مست.
موتاج : محتاج.
موليا : هريا - ساوا - خوش.
مهاڙي : لوڙهو - بچاءُ.
مهدجن : مهاپرش.
مهر : ديا.
مهران : سمنڊ.
مهرون : مهر جو.
مهما : واکاڻ - وڏائي.
مهان : وڏو.
مهيس : مهاديو - شو.
مهين : نرم - لذيذ - نازڪ.
ميا : ديا.

ميخ : ڪِلي .

ميگهه : ڪڪر - مينهن .

ميل : گند .

ن

ناڀ : دُنُ .

ناتو : دوستي - واسطو - پريم .

ناٿ : سوامي - ڌڻي .

نار : زال - استري .

نارد : هڪڙي مشهور منيءَ جو نالو .

ناڙ : نبض .

نانا : گهڻا - طرحين طرحين - گهڻائي .

نائي : وار لاهيندڙ - حجام - سئنو ڀڳت .

نانت : ٻيائي - جدائي - آپو .

نائن : جاءِ .

نانهن : نيستي - نابودي .

نڀ : آڪاس .

نپوسڪ : نامڙد - کدڙو .

نج : خالص .

نڌ : ڌن - خزانو .

نرآس : نر اِڇا - بنا آس .

نر آڪار : شڪل کانسواءِ .

نر ٻاڻ : نروان - اها حالت جنهن ۾ سڀني اِڇائن ۽ دکن کان آجو ٿي برهم سان ليءَ ٿي رهجي - مڪتي .

نر ڀيءَ : بي ڊپو - بي ڀؤ .

نرت : نظر - ناچ - خوشي .

نرپکه : جو پاسخاطري يا طرفداري نه ڪري .

نرڌڪ : بي ڊپو - نر ڀيءَ .

نرکي : ڏسي - چڪاسي .

نرگڻ : گڻن کانسواءِ - شڪل کانسواءِ - نر آڪار .

نرمل : اوجل - صفا .

نرني : کولي - نروار ڪري .

نروار : پڌرو - ظاهر - گذران .

نروڪلپ : سنسي ۽ ڀولي کان آجو .

نرويرتا : اُها حالت جنهن ۾
ڪنهن سان وير
وروڌ نه هجي .

نسنگه : بي خوف .

نمکه : کن - پل .

نندر : ننڊ .

نواريو : روڪيو - هٽايو .

نواس : واسو - بيٺڪ .

نوايو : تسليم ڪئي .
هيٺائين ورتي .

نور محل : صفا ۽ اوجل ردو -
روشنائيءَ جو گهر .

نهچي : پڪ .

نهڪرم : ڪامنا يعني
خواهش کان ڇٽل .

نياڻ : تلاءُ

نير : پاڻي .

نيڙي : ويجهو - نزديڪ .

نين : نيڻ - اکيون .

نيهه : نينهن - پريم .

نيهي : پريم وارو .

نيوا : هيٺاهان .

و

واچ : پڙهڻي .

وادي : بحثي - گهڻ ڳالهائو .

واڙ : لوڙهو .

واس : سڳنڌ - وهڪ -
بيٺڪ .

واصل : وصل - ميلاپ .

واستو : حقيقت - سچ - آتما .

واڪ : وچن .

والث : وارث - مالڪ .

وائي : واڻي يا ذڪر .

وحدت - هيڪڙائي .

ودي : ورتي .

ودمان : حاضر .

وڌ : شاستر جو حڪم -
پوريءَ ريت .

وڌ نکيد ڪري : ويچارسان
نکيڙ ڪري - جوڳه
اجوڳه ڏسڻ .

ورائي : سواءِ .

ورتي : گذاري - هلي .

ورکا : مينهن - برسات .

ورڌاتا جو انگ : نصيب
جو لکيو .

ورونهن : وندر - ڳجهه .
وس : جهان .
وستار : بيان - ظاهر .
وستي : بستي - آبادي .
وگسي : خوش ٿي .
ولاس : خوشي - آنند .
وُل ڇَل : حرفت - ٺڳي - اٽڪل .
ول ولڻ : وجهه ڳولڻ - حيلا ڪرڻ .
ومل : نرمل - پاڪ - پوتر .
ونگي : ٻڌي .
وويڪ : ست ۽ اَست جو ڀيد ڄاڻڻ .
وهه : وهڪ - وهڪرو .
وهڻ : درياءُ .
وياپڪ : پسريل - هرجا حاضر .
ويدانتي : ويدانت متي وارو - ايڪائي .
ويراڳه : دنيائي پدارٿن کان کٽائي .
ويساسي : ويساهه وارو - اعتقاد وارو .

هه

هار : اجايو وڃائڻ .
هرجن : ايشور جو ڀڳت .
هرڌاتي : سڀ سان مليل - سڀ سان پريم ڪندڙ .
هرڌن : هريءَ جو خزانو .
هرکه سوگه : دکه سکه .
هسي : کلي .
هلايا هلن : گروءَ جي چوڻ موجب هلن .
هلڪ : هلڪائي .
هنگامو هل : گوڙ بکيڙو .
هوري : هولي .
هيبت : خوف - ڊپ .
هيتُ : پريم .

سنڌي ساهت زنده رکو

هر کنهن قوم ۽ جاتيءَ جو املهه خزانو سندن ساهت آهي. ساهت ئي قوم ۽ جاتيءَ کي زنده رکيندو. پر اها کڻي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو اسانجو ساهت پنتي پوندو ٿو رهي. سنڌيءَ ۾ سني ۾ سني کتاب جو وکرو به ساهتکار کي دلشکستو بڻائي ٿو ڇڏي. سنڌي ادب جي گلستان جا کيترا گل کومائجي رهيا آهن ۽ انهن کي هميشائط لاءِ کوبه خاص يتن نٿو کيو وڃي.

اسين سمجهون ٿا ته سنڌي جاتيءَ جي اها وڏي شيوا ٿيندي جيڪڏهن سنڌي ساهت کي زنده رکيو وڃي ۽ عمدن سنڌي کتابن جي ڇپائط ۽ نيڪال لاءِ کو خاص ادم کيو وڃي.

انهي مقصد سان سنڌي بوليءَ جا چوند ۽ عمدا کتاب "هندستان کتاب گهر" ۾ وکري لاءِ موجود رکيا ويا آهن. هوند وارن سنڌواسين جو فرض آهي ته عمدا سنڌي کتاب خريد کري پنهنجا گهر سينگارين.

شامل صفحن تي هن وقت موجود کتابن جي لسٹ ڏجي ٿي.

هندستان کتاب گهر

۱۳، حمام اسٹريٽ، فورٹ، بمبئي-۱.

گردیو ٹھگور جا پستک

بال چندرما ۱-۰-۰

کیر کنھنجو ۱-۸-۰

دامني ۱-۸-۰

کمودني ۳-۰-۰

قلواڑي ۱-۰-۰

نارائڻداس ملکاڻي

جواهر آتم کتا (بہ پاگا) ۶-۰-۰

منشي پريمچند جا ناول

پراويدنت فند ۱-۸-۰

پريم پوچاري ۱-۶-۰

بنکم چندر جا ناول

آنند مٹ ۲-۰-۰

راجسنگھ ۲-۰-۰

ديوي چوڌرياڻي ۲-۱۲-۰

شرت چندر جا ناول

آخرين التجا ۲-۸-۰

وڃڙداس ۳-۰-۰

چندرناٿ ۱-۴-۰

شويدا ۲-۰-۰

براهمڻ ڪنيا ۱-۸-۰

لين دين بہ پاگا ۲-۸-۰

وڏي دادي ۱-۰-۰

سوال ۳-۰-۰

ساهيءَ جا سلوک

انگريزيءَ ۾

SONG OF THE SPIRIT

ليکڪ شانتي شهاڻي ۳-۰-۰

پڪي جلد سان ۴-۰-۰

ساهيءَ جا چوند سلوک

سنڌيءَ ۾ ۰-۱۲-۰

رنبير ويرٻي- اي-

قاسيءَ جي کوڙي ۲-۰-۰

سرگواسي نانڪرام ڏرهداس جا ناول

نارجون ڪنگڙيون ۱-۴-۰

آرام محل ۱-۰-۰

ڪنياالعل منشيءَ جو ناول

پرٿوي ولپ ۱-۴-۰

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ناول

زندگي يا موت ۱-۸-۰

لطيفہ ۲-۰-۰

قيدي ۱-۸-۰

چانديءَ جو چمڪو ۲-۰-۰

ڪماري پوٿي آر- هيرانندانڻي

منجھو ۰-۱۰-۰

خواجہ احمد عباس

نيا سنسار ٠-١٢-٠

پروفيسر موٽرمل منگهارام

پيار ۾ "پاڻ" ڪهڙو
(لارڊ لٽن جي "زئنوني"
جو ترجمو) ٠-٠-٢

نيتاجي سباش چندر بابت

سباش بوس ڪيئن ڀڳو ٠-٤-١

نيتاجي جرمني ۾ ٠-٤-١

نيتاجي برلن کان
امفال تائين ٠-٤-١

وير گرجنا (تقريرون) ٠-٤-١

نيتاجي بوس ٠-٠-١

مهراج وشنو شرما

وير درگاداس ٠-٨-١

گوبند مالهي جا ناول

زندگيءَ جي راهه تي ٠-٨-١

آنسو ٠-٤-١

راڌاڪرشن پرساد

شارڌا ٠-٠-٢

گجانن ماڊکولڪر

ڪانتا ٠-٠-٢

کانڌيڪر

آهوتي ٠-٨-١

گرنٿڪار لينو ٽانگہ

داستان ٠-٤-١

آهوجا "طاعر"

راڻي ٠-٨-١

ڪرشن چندر

اڌورو سفر ٠-١٢-٠

آسانند مامتوار

شاعر ٠-٤-١

نارائڻداس ڀمڀاڻي

غريبن جو ورثو ٠-٠-٢

پرڀداس برهمچاري

راجپوتي ڪهاڻيون ٠-٠-١

ايشور درشن ٠-٣-٠

قومي اڳوانن بابت

جواهر لعل جو جيون
چرتر ٠-٤-٠

جوڌو جواهر ٠-٤-٠

ٻاپوجي ٠-٣-٠

چوڏس مکي گانڌي ٠-٤-٠

ٻاپوءَ جا خط ٠-٦-١

گانڌي ويچار ٠-٤-١

شريمتي سروجني نئڊو ٠-٤-٠

ڪملا نهرو ٠-٣-٠

منوهر داس کوڑومل

گانڈي ويچار	۰-۰-۲
جيوديا	۰-۱۲-۰
منجهيل معاملو	۰-۱۲-۰
ناري نروگہ جيون	۰-۰-۱
ملهائتا موتي	۰-۸-۱
آيرويد	۰-۴-۰

بيا عمدا کتاب

پروانہ	۰-۸-۱
پريم جو پل پہ پاگا	۰-۸-۳
شاهي قيدي	۰-۴-۲
طوفان	۰-۸-۱
پهرين محبت پہ پاگا	۰-۰-۳
شوپا	۰-۸-۱
نئون ساهتيہ	۰-۱۲-۰
نئون چين	۰-۱۲-۰
راجو	۰-۱۲-۰
الجهن	۰-۰-۱
پروليون پاگو ۱ ۽ ۲	۰-۸-۰
پي۽ جا پت ڏانهن خط	۰-۸-۱
کاڌ خوراک	۰-۸-۱
تندرستي۽ جا ساڻي	۰-۱۴-۰
پوجا	۰-۶-۰
ماڏوري	۰-۶-۰
ساڻي	۰-۰-۲
اڙينگہ	۰-۸-۱
انسپيڪٽر جنرل	۰-۶-۱
آه	۰-۶-۱
انڊکار	۰-۰-۱
شرت بابو	۰-۸-۰
ستار	۰-۱۰-۰
زندگي ۽ موت (شعرن ۾)	۰-۱۲-۰
پارت جو بلوو	۰-۲-۰
سندي کهاڻيون	۰-۰-۱
برف جو طوفان	۰-۱۲-۱
ميواڙ جا موتي	۰-۰-۱
آنند محل	۰-۰-۱
ڏرو سوامني	۰-۱۰-۰

گور سنگت جا چپايل کتاب

گورواڻي پاگو ۲۱	۰-۸-۲
سکمني ارٿ سان	۰-۰-۱
" بنا ارٿ	۰-۱۰-۰
پراڻا واڻي ارٿ سان	۰-۵-۰

هزار دي شبد ٠-٢-٠
رهراس صاحب ٠-٤-٠
جپ صاحب بنا ارث ٠-٢-٠
پارت پوشڪ پاڳو ١ ٠-٨-٠
" " " ٢ ٠-٨-٠
آرتي گرمکيءَ ۽ آسادي وارءِ ٠-٢-٠
نائين محلي جا سلوڪ ٠-٤-٠

بيا ذرهي ڪتاب

امرت رس ٠-٠-٢
سري آسادي وار ٠-٥-٠
تلسي رلمائڻ ٢-١٤-٠
گوتم بڌ ٠-٤-٠
برهما نند ڪيشب چندر سين ٠-٤-٠
نئون سڌنتا ٠-٤-٠
پرلوڪ جو پيغام ٠-٨-٠

ڊڪشنريون

1. English to Sindhi Dictionary
ناهيل انند رام شهاڻي ١٠-٠-٠

2. Twentieth Century English-Sindhi Dictionary
ناهيل ايم. ايڇ. رامچنداڻي
۽ اي. ڊي. لالواڻي ١٠-٠-٠

3. Pocket English-Sindhi Dictionary
ناهيل ڊ بليو. اي.
شهاڻي ٣-١٢-٠

4. Pocket English-Sindhi Dictionary
ناهيل اي. ڊي.
لالواڻي ٤-٠-٠

5. Pocket Sindhi to English Dictionary
ناهيل ڊ بليو. اي.
شهاڻي ٤-٠-٠
.....
سنڌي گجراتي ٽيچر
ناهيل انند رام شهاڻي ٠-١٢-٠
سنڌي گجراتي ٽيچر
ناهيل اين. جي. پٽ ١-٠-٠
سنڌي مرهٽي ٽيچر
ناهيل انند رام شهاڻي ١-٠-٠
سرل هندي سکيا
ناهيل انند رام شهاڻي ٠-١٢-٠
انگلش ٽيچر
ناهيل انند رام شهاڻي ٣-٨-٠
انگلش ٽيچر
ناهيل اي. ڊي.
لالواڻي ٥-٠-٠

بابو رويندرانات ٽئگور

ڏهاڳڻ راڻي ٠-٤-٢
سدا گلاب ٠-٤-١
پريت جا گيت ٠-٨-١

تيرٿ سڀاني

ديش ڀڳت ٠-٨-٢

دوارڪا پرساد شرما

سنڌي تلوار ٠-٤-٣

هوندراج دکايل

لهري ٠-٤-١

سرڳواسي

نانڪرام ڌرمداس

ميگهه دوت ٠-٨-١

گوبند مالهي

جيون ساٿي ٠-٠-٢

پرڀداس آڏواڻي

سالڪ جو سفر ٠-٨-١

بابو چنڊي چرن جي سين

نند ڪمار جي ڦاسي ٠-٨-١

بنڪم چندر چئٽرجي

دولت جو دوکو ٠-٤-١

ڪماري چندرا آڏواڻي

پريم جيون ٠-١٢-١

رمڻ لعل ديسائي

پورنما ٠-٤-٢

هري درياني دلگير

ڪوڏ ٠-١٢-٠

شري ميلارام واسواڻي

دکي دنيا ٠-١٢-١
ڀارت جون ديويون ٠-٠-١
چندر پال ٠-١٠-٠
اجالو ٠-١٠-٠
رٺل راڻي ٠-٨-٠
راجپوت زندگي ٠-٤-١
سشيلا ٠-٤-١
راڻو پرتاب ٠-٠-٢
سماج درپن ٠-١٠-٠
مهاراجا رنجيتسنگهه ٠-٤-١
منزل ٠-١٢-٠
جئه راجستان ٠-٦-١
رنگه محل ٠-٨-٣
راجپوت دکياري ٠-١٢-٠
سماجڪ بلوو ٠-٤-١
مصر جي راڻي ٠-١٢-٠
پرٿويراج ٠-٠-٢
ٻال رامائڻ ٠-٤-١
ٻال مها ڀارت ٠-٤-١
هندو ويرٻالڪ ٠-٤-١
ٻال سري ڪرشن ٠-٤-١
ستڀاما ٠-٤-١
رام رحيم ٠-١٤-٠
ديوتا ٠-٤-١
الڌو ڪلاڪار ٠-٨-١
شاهوڪاري ظلم ٠-٦-١

گرسنگت جا ڇپايل ڪتاب

مڪتاولي ٠-٦-٠
جپ صاحب ارٿ سان ٠-٦-٠
دکه ڀنجني ٠-٢-٠

ٻيا ڌرمي ڪتاب

نانڪ پرڪاش ٠-٨-٢
سري ڀڳوت گيتا ٠-١٢-

ٻارن لاءِ

وندرائيندڙ ڪتاب

شري ميلارام واسواڻي

بادشاهي آکاڻيون ڀاڱو ١ ٠-٤-٠
" " ٢ ٠-٤-٠
تانسين گويو ٠-٤-٠
بن شوڀا ٠-٥-٠
موجي بيربل ٠-٤-٠
پرستان ٠-٥-٠
اڏند کٽولي ٠-٥-٠
گل گاڏي ٠-٦-٠
عجيب عينڪ ٠-٧-٠
قديم بادشاه ٠-٨-٠
اخلاقي دنيا ڀاڱو ١ ٠-٧-٠
" سبق " ٢ ٠-٦-٠
" دنيا " ٣ ٠-٨-٠
من جي موج ٠-٧-٠
ڦلواڙي ٠-٦-٠
رستم ۽ سهراب ٠-٧-٠
موجي آکاڻيون ٠-٦-٠
سونو محل ٠-٥-٠
پارس ڀاڱو ١ ٠-٥-٠
" " ٢ ٠-٤-٠
" " ٣ ٠-٥-٠
سوني مڇي ٠-٦-٠
نڪ ڪٽيو سيٺ ٠-٥-٠
ٻيڙي پياڪ رڇ ٠-٥-٠
فوٽوگرافر رڇ ٠-٥-٠
پرستان جو شهزادو ٠-٥-٠
ٽڪ ٽڪ بابا ٠-٤-٠
سياڻا سها ٠-٤-٠
پريءَ جو بال ٠-٤-٠

ٻيا چونڊ ڪتاب

بندا بهادر ٠-٠-١
طمع جو تير ٠-٦-٠
جئه هند (ٻه ڀاڱا) ٠-٠-٥
سردار پرٿويسنگهه ٠-٤-٣

هندستان ڪتاب گهر

پاران ڇپايل ڪتاب

نندڙا گهر و هنر ٠-٠-١

رنگين زماني جون

غمگين ڪهاڻيون ٠-٠-١